دیس نماڻو اڙڏا ماڻهو

(ڪالم)



محمد انور بلوچ

kaptan abro

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

دیس نماٹو ارڈا ماڈھو

[کالم]

محمد انور بلوچ

کویتا پبلیکیشن
حیدرآباد۔ 2013ع

کويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر _86

ڪتاب جو نالو: **ديس نماڻو ارڏاماڻهو**

موضوع: **ڪالم**

ليکڪ: **محمد انور بلوچ**

چاپو: **پهريون**

سال: © 2013ع

ٽائٽل: **ڪپتان ابڙو**

چپائيندڙ: **ڪويتا پبليڪيشن، 9-ربي چيمبر،**
حيدرچوڪ، حيدرآباد، سنڌ. فون: 2721172

چپيندڙ: **انٽيل ڪيونيڪيشنز حيدرآباد، سنڌ**

اسٽاڪسٽ:

حيدرآباد: ذوالفقار بڪ ڊپو سنڌيڪا بڪ هائوس. فڪشن هائوس. سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال.
سنڌي لئنگويج اٿارٽي بڪ اسٽال. فرينڊس بڪ پوائنٽ. ڊفينس پلازه، ڪاشف بڪ ڊپو حيدرچوڪ. ڪاشف گاڏهي بلوچ. حيدرچوڪ
ڪراچي: ايس اي بڪ ڪارنر (اردو بازار). رائل بڪ هائوس. ڪانياواڙ بڪ اسٽور ٽامس اينڊ ٽامس
پٽ شاهه: شاهه لطيف بوڪ اسٽال. درگاهه پٽ شاهه. **ميهڙ:** ساحر ڪتاب گهر (ڪوندي) 03468948535
سٽي پريس بڪ شاپ. ثمانت ڪاتو بڪ اسٽال. توڪل بڪ. پوسٽر: عزيز ڪتاب گهر. الفتح نيوز ايجنسي
اسلام آباد: سعيد بڪ بئنڪ. **ميرپورماٿيلو:** تهذيب نيوز ايجنسي. نيشنل بڪ اسٽال. **ميرپورماٿيلو:** هائوس آف ناولٽي.
لاڙڪاڻو: رابيل ڪتاب گهر. مهراڻ ڪتاب گهر سامهون سپنا لان. **ڏڪارپور:** گل ڪتاب گهر. وسيم ڪتاب گهر
دادو: ممتاز بڪ ڊپو ملهي: ٽر ڪتاب گهر. **ميرپورخاص:** العزيز بڪ ڊپو ٽر ڪتاب گهر. **ميرپورخاص:** مڪتبه يوسفيه
سانگهڙ: المهراڻ ادبي ڪتاب گهر. **بدين:** مرچومل بڪ ڊپو محمد هاشم بڪ اسٽال. پريس ڪلب
مجاول: سنڌ ڪتاب گهر. **ڏگهڙي:** اڪرام بڪ ڊپو(03442930628)

ISBN: 978-969-9329-29-6

Des Nimanu Arda Manhu

[Articles]

By: Muhammad Anwar Baloch

First Edition: 2013
Title: Kaptan Abro
Printed by: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad. Tel: +92 22-2721172
Published by: Kavita Publication, 9-Rabi Chamber,
court road, hyderchowk, Hyderabad-Sindh.
www.kavitapublications.com

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سڪ واري سهڻي

موهن لال مکواڻا 'مدهوش'

جي نالي
جيڪو ڪڏهن ڪڏهن مونکي،
وساريي ويهندو آهي.

ـ محمد انور بلوچ

فهرست

ـ ڪوڙيون پچن ڪيچ... (ليکڪ پاران)	محمد انور بلوچ	7
ـ گهي پچاڻي ڪونـ!	مير محمد پيرزادو	11
ـ مُهاڳ	بشير سيتائي	18

ڪالم:

1.	ڪن وجن ٿا	27
2.	هڪ جانچ، جا پوري ٿي نہ سگهي	38
3.	بنا تاج واري شهزادي ليلي!	47
4.	ڇا عالمي ضمير سجاڳ آ	54
5.	وحشي ناچ	61
6.	مون نہ ڄاتو تہ هي سڄ جهڙا پرين...	67
7.	انصاف جي اکين تي پٽيون ڪير کوليندو؟	85
8.	ڪوڙ ڪنهن جي پيءُ جو تہ ناهي	92
9.	سپ نيڪ آ	96
10.	وٽيون وهہ ڳانڊيون	101
11.	سائي نمبر پليٽ وارين گاڏين جو اصل استعمال	104
12.	ديس نماٽو اڙڻا ماڻهو	108
13.	عجب لڳم جڏهن....	115
14.	... ۽ تابوت اڏامي ويو	117
15.	مٽيءَ جي ماڻهوءَ جي ڳالهہ	122

ڪوڙيون پچن ڪيچ...

[ليکڪ پاران]

"منهنجي زندگي مقدر جي محتاج ناهي. مان تقدير کي بدلائي سگهان ٿو ۽ پنهنجي لاءِ نه پر پنهنجي پونئير لاءِ مان بلڪل اهو ڪري رهيو آهيان. مونکي ان ڳالهه جو يقين آ ته اسان جو ايندڙ نسل، قسمت تي نه پر پنهنجي پاڻ تي يقين رکندو." (لينن)

"ديس نماڻو ارڏا ماڻهو" ڪجهه سال اڳ، سندڙ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي بدحاليءَ جي پس منظر ۾ لکيل Articles جو ميڙ آ، جيڪي ڪجهه مجبورين سبب وقت سر ڇپائي نه سگهيس. نتيجي طور اهڙا هڪ اڌ ليک وقت کان پوءِ جي ڪوشش لڳندا، پر ڪجهه ڪالمن ۾ اڄ به اهائي نواڻ ۽ مسئلن ۽ مونجهارن جي ڳالهه موجود آ. ماڻڻن سان پيار ڪندڙ ۽ ماءُ جي محبت کي پنهنجي جيئڻ جو مقصد سمجهندڙ ماڻهن لاءِ "مون نه ڄاتو ته هي سڄ جهڙا پرين" جو تاثر ڪجهه سال نه پر شايد ته صدين تائين به قائم رهي.

ائين ئي "وحشي ناچ" ۾ "ديس نماڻو ارڏا ماڻهو" ۾ موجود مسئلا اڄ به هتان جا برندڙ جبل آهن، جو گهر کان ٻاهر نڪري ڪنهن کي ٿوري به پڪ نه هوندي آ ته هو واپس به ورندو يا ڪنهن اڻ ڄاتل طرف کان ايندڙ بنا نالي واري گولي۽ جو کاڄ بڻبو. ائين ئي چوٽائي صدي۽ کان به وڌ وقت کان سنڌين جي مٿان لڙڪندڙ ڪالاباغ واري ترار آ. اسان مان اڪثر ماڻهو اهو ڄاڻيندا هوندا ته 11 مئي 2013ع جي چونڊن کان پوءِ وجود ۾ آيل قومي اسيمبلي جي پنجاب سان واسطو رکندڙ حڪمران جماعت جي هڪ ميمبر، سرڪار کان گهر ڪئي آ ته ڪالاباغ ڊيم ناهيو ويجي. ڪالاباغ ڊيم چوٽائي صدي۽ کان به وڌ وقت کان هلندڙ اهو رينگٽ آ، جنهن کي ملڪ جي ٽن (سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان) صوبن لاڳيتو رد ڪيو آ پر پنجاب ۽ خاص طور هاڻوڪي حڪمران جماعت جي ڏينهن ۾ اهو شوشو هروپرو به اٿاريو ويندو آ. تاريخ ٻڌائي ٿي ته:

"سال 1920ع کان وٺي پنجاب سرڪار جون سنڌونديءَ مان پاڻي ڪڍڻ بابت گهرون انگريز سرڪار لاڳيتو رد ڪندي آئي هئي. ايتريقدر جو سال 1923 ۾ جڏهن پنجاب سرڪار "ٽل پراجيڪٽ" جي حوالي سان "ٽل ڪئنال" لاءِ سنڌونديءَ مان 750 ڪيوسڪ پاڻي گهريو ته هند جي ان وقت جي وائسراءِ "لارڊ ريڊنگ" اها گهر مڪ دليلن سان رد ڪئي. اهڙي نموني سال 1945 ڌاري پنجاب ۾ "تونسا بئراج" ٺاهڻ لاءِ سنڌ ۽ پنجاب حڪومتن وچ ۾ دستاويز ٿهيو جنهن جي فقير نمبر 8 موجب پنجاب کي پابند ڪيو ويو ته هو سنڌ کان پڇڻ بنا ڪوبه Irrigation structure نه ٺاهيندو ۽ معاهدي موجب ته "تونسا بئراج" لاءِ به سنڌوُ درياهه مان هو ٿوٽل وهڪري جو رڳو چوٽون حصو (25%) پاڻي ڪڍندو، جڏهن ته باقي 3 حصا (75%) پاڻي، سنڌ ڪتب آڻيندي. هن ئي دستاويز جي هڪ ٻئي فقري موجب پنجاب پنهنجي ٻين درياهن مان سنڌ کي ڪل وهڪري جو چوٽون حصو پاڻي ڏيندو ۽ باقي پاڻ ڪتب آڻيندو پر ان تي ڪيترو عمل ٿيو اها ڳالهه پٽ پڌري پئي آ.

ياد رهي ته سال 1947 ۾ نئون ملڪ ٺهڻ وقت پاڪستان وٽ ڇهه درياهه هئا، جن مان سال 1960 ڌاري، وقت جي هڪ آمر ايوب خان جي ڏينهن ۾ "Indus Basin Treaty" هيٺ ٽي درياهه انڊيا کي وڪڻي، پنجاب، سنڌ جي

پاڻي واري حصي تي هٿ ڦهايا. ائين هن ديس جي رهيل سهيل حقن واري ڳالهه کي سال 1991 واري "Water Accord" هيٺ مڪمل طور ناقابل عمل ڪيو ويو ۽ هن وقت پنجاب ستر کن ڪئنال، انٽرلنڪ ڪئنال ۽ ننڍا وڏا ڊيم ناهي سنڌ جي حصي واري پاڻيءَ جو وارث ٿي ويٺو آ. مٿان وري مشهور ڪيو ويو آهي ته "ڪالاباغ ڊيمز" ناهي بجلي پيدا ڪئي ويندي پر ڪنهن به ملڪي توڙي غير ملڪي ماهر ان رٿا کي ڪارائتو نه ڪوٺيو آ.

اهڙي ئي حالت صوبي جي ٻين حقن ۽ حاصلات بابت به آهي. مرڪز ۾ نوڪريون هجن، ناڻي جي ورهاست يا ٻيا بنيادي حق پر وڏي ڀاءُ پاران ننڍن صوبن (۽ خاص طور سنڌ کي هر سطح، هر معاملي ۾ بري طرح ۽ بي رحمي) سان نظرانداز ڪرڻ وارين اڻ سهو حرڪتن تي وڏي صوبي خلاف بي اعتباري ۽ نفرت جي باهه ڀڙڪڻ فطري عمل آ. پر ڏٺو وڃي ته سنڌ جا ساڃاهه وند ۽ خيرخواهه به زباني بيانن تائين ئي محدود رهيا آهن. نتيجي طور سنڌي ماڻهو (نئين ملڪ ۾ ذري گهٽ ته مني صدي گذرڻ کان پوءِ ٻا) به واڻي تي بيٺل آ. بلڪل ائين جو ڪيس جڻ ته ڪا به سهائي نظر نه ايندي هجي. هو سنڌ لاءِ ارڏو اڻبنگ، رڪ جو نهيل لڳندو پر گهٽو ڪري ته "سن" ۾ سڪ حاصل ڪندڙ هي جوان، اڪثر "ڳڙهي خدا بخش" جا ئي سلام پريندو آ. ڇو؟.... شايد ان لاءِ ته اسان جو سنڌي رهنما، هن جي من ۾ پنهنجي جاءِ ناهي نه سگهيو آ ۽ ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

اسان جي پنهنجي نااهلي، مقصدن سان سچو نه هجڻ، ٻچاپڙائي، منافقت، يا هڪ ٻئي کي نه وٽڻ واري پاليسي. سوال ٿو اٿي ته اسان اڄ سوڌو گڏجي ڇو نه سگهيا آهيون. هڪ ئي مقصد لاءِ هلائي ويندڙ هلچل (قومي تحريڪ) جا ذري گهٽ ته ڏزن ڪن ڏڙا ڇو ٻڌيا آهن ۽ اسان جو غريب ليڊر رات وچ ۾ ڪروڙ پتي ڪيئن ٻڌيو آ؟ اهي سوال يقينن ته سنڌ جي آڇپي يا حقن جي حاصلات لاءِ سوچيندڙ مهربانن ۽ سڄڻن جي ذهن ۾ به ضرور اٿندا هوندا. مونکي هتي پڳت سنگهه جو هي قول ڏهرائيندي ٿوري به هٻڪ نه ٿي ٿئي ته:

"جنهن وطن جي ماڻهن جي ذهنن جو شعوري ڏيئو ئي اجهاڻل هجي ته اتي ڏينهن به رات جهڙو لڳندو آ." ته اهو شعوري ڏيئو ڪير ٻاريندو؟

اسان وساري وينا آهيون تہ صرف نعرا هڻڻ، ڏرڻا ۽ مظاهرا ڪرڻ سان حقن جي حاصلات اوندهہ ۾ هٿوراڙيون هڻڻ برابر آ. اسان وساري ڇڏيو آ تہ ڏارين وٽ اسان بابت رڳو اهو ئي مشهور آ تہ "سنڌ، ٽڇ پياڪ ڏاڙيل پئي ڄڻي." نتيجي طور اڄ سنڌ جو وجود بہ داءَ تي لڳل پيو لڳي... تہ ڇا ماڻ ڪري مايوس ٿي ويهڻ ئي اسان جو آئيندو آ؟ نہ... بلڪل نہ. مايوسي ڪنهن بہ مذهب ۾ جائز ناهي ۽ اصل ڏس اهو آ تہ:

ٽڪيائي ٽرٽيل، چڙهہ چڪيائي چوٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پَوَ مڙيئي پيل،
اُٽي رائو ريل، وينن تان واري وري.

محمد انور بلوچ
0300_3026066

H_3، ذيشان پلازه،
حسين آباد، حيدرآباد، سنڌ.
30_سيپٽمبر 2013ع

ڪَهِي پَچاٽي ڪونہ!

اها وڏيءَ برسات هلندي جي ڳالهہ آهي. تہ هڪ ڏينهن منهنجي دل گهرئي دوست عبدالله جيسر مون ڏانهن ٽيليفون ڪئي. طبيعت ۾ برسات جي ڪيل نقصانن تي سرسري ڳالهہ ٻولهہ ڪانپوءِ هن چيو تہ منهنجو هڪ دوست آهي انور بلوچ. ان ڪنهن زماني ۾ ڪجهہ ڪالم لکيا هئا. انهن ڪالمن کي سهيڙي ڇپائڻ ٿو چاهي. ان جي تقاضا آهي تہ اگر مير محمد پيرزادو مجي تہ ان جو مهاڳ لکي. مون کي اِن ايڏيءَ ڏکهيءَ برسات پوڻ ڪري دَمہ ـ ڪَشيءَ جو عارضو ڪجهہ زياده شدت سان حملي آور ٿيو. جنهن جي علاج لاءِ چيسٽ جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر محمد ايوب چانڊئي کان مليل دوائن ۾ شديد اثر واري ائنٽي بايوٽڪ ۽ ڪارٽيزُونِ هئي. جنهن جي استعمال ڪري آءٌ ڊپريشن جو شڪار، نااميديءَ ۾ مبتلا، مايوس ۽ بيزار پئي رهيس. ان ڪري مون جيسر صاحب جن کي چيو تہ، "يارا! مون انور بلوچ جا ڪالم ۽ ڪتاب يا مضمون وغيره پڙهيا ڪونہ آهن ۽ نہ ئي ڪا ساڻس ڪا رفاقت رهي آهي. ان لاءِ اگر هن جا اهي ڪالم مايوس ڪندڙ هوندا تہ منهنجي هن اڳئين مايوس زندگيءَ کي ڪٿي جو بہ نہ ڇڏيندا. پر توهان صاحبن جو حڪم آهي تہ يا بسم الله!

جنهن کان پوءِ محترم انور بلوچ بہ ان حوالي سان ڳالهايو. مون آمادگي ڏيکاري تہ بلوچ صاحب ڏسيل ڏس پتي تي مواد موڪليو. جنهن پڻ ڪافي سارو انتظار ڪرايو ۽ نيٺ چار پنج ڏينهن ٽيندا تہ اهو مواد پوسٽ رستي رسي ويو. جنهن جي آگاهي ٽيليفون رستي بلوچ صاحب کي ڏنم.

مواد ملڻ شرط ٻيا ڪم پاسيرا رکي ۽ انهن کي چيتاري پڙهيم. نواب لياقت عليءَ خان جي مارڻ جي سازش. ملڪ جي بانيءَ محمد علي جناح

سان ڪيل ورتاءِ. ذوالفقار علي پٽي جي مارڻ جي سازش ۽ بينظير پٽي جي هن پائرن ۽ ڪيس مارڻ جي سازشن وارا واقعا. انهن بابت افواهه ۽ حقيقتن تي مبني ڪالم پڙهيم ته سمجهيم ته ڊپريشن مان ٿوري گهٽي نجات ملي. جنهن کان پوءِ سالم طبيعت سان اڳتي لکيل ڪالم مطالعو ڪرڻ لڳس. پر جڏهن ڪالم "مون نه جاتو هي سج جهڙا پرين..." تي پهتس ته مون ائين محسوس ڪيو ته انور بلوچ مان آهيان. اها ڪٿا منهنجي ماءُ جي مرتئي جي ڪٿا آهي. هونئن به دنيا جي مڙني مذهبن، آدرشن، اوتارن، هن گرهستيءَ ماءُ جو جيڪو مانُ ڪٽيو آهي، سو ٻي ڪنهن به هستيءَ جو نه آهي. پر سون تي سهاڳ ته تڏهن ٿو پاسي، جڏهن اُها ماءُ به خود ممتا جو پيڪر بنيل آهي، جيئن بلوچ صاحب پنهنجي عزتمآب ماتا لاءِ هن مقالي ۾ بيان ڪيو آهي. ماءُ ماتا جي موت جو منظر فردي نه آهي، ڇو ته هر فرد کي هڪ ماءُ جنم ڏنو آهي. ان لاءِ هر فردِ ان ڏک جو ذائقو چکيو آهي. ان ڪالم پڙهڻ دوران مون پنهنجي ماتا تي سوچيندي، ان جي غيرموجودگيءَ ۾ 'ڪيئن سهي پهي چورو ڇنو بنجي زندگي بسر ڪري رهيو آهيان' جي گهيري ۾ گهيرجي ويس ته شاهه صاحب جي هيءَ ست ذهن تي تري آئي:

ڪهڙي منجهه، حساب هئڙ منهنجو هوت ريءَ.

ماءُ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو هر ڪنهن سان لاڳو آهي ۽ اُهي اڏڻوٽ عمر جا ماڻهو اڪثر ڪري ان درد ۽ ڳرڀ کان واقف هوندا آهن. منهنجي هڪ ڊاڪٽر بدرالدين سومري، منهنجي ماءُ جي تعزيت دوران چيو هو ته، "اها ئي دنيا جي هڪ شئي آهي، جنهن جو ڪوبه متبادل ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي."

بقول ڊاڪٽر بدرالدين سومري جي ته، "مون پنهنجيءَ ماءُ جي گذاري وڃڻ تي پنهنجي وڏيءَ ڀيڻ کي پاڻ سان ان ڪري ڪجهه وقت لاءِ رکيو ته من ماءُ جي آسيس ان مان اڇي. پر سڄ پچين ته اُها منهنجي ڀيڻ مون کي توڙي جو سِر اکين تي، پر امان جي. هڪ سيڪڙو آسيس به نه ڏيئي سگهي ۽ موڪل ڏني مانس ته ڀيڻ تون ڀلي وڃي پنهنجا ٻار ڇپا پال. باقي ماءُ جي وڃڻ جو پيدا ٿيل خال ڪنهن پر به پورو ٿي نه سگهندو."

ان ڪانپوءِ جنهن ڪالم وڏ ڪان وڏ ذهن جهنجهوڙيو سو آهي ته، "ڪوڙ ڪنهن جي ٻيءَ جو ناهي...." ان ڪالم ۾ رڳو خيال Theory نه آهي، پر ان ۾

هڪ معجزاڻ عمل جو ذڪر آهي. شاهه صاحب جي سُر معذوريءَ جي هڪ بيت جي هڪ ست آهي تہ:

وِک تنهين ويجهي ڪئي، جا ڪُهي ڪنيائين.

مقصد. لڳاءُ گهُرندو آهي. جنهن لڳاءُ جي چنگل مان ڪو انتهائي بدحاليءَ جي باوجود بہ ڪنهيل مثبت قدم ڪڍهن انسان کي منزل مقصود تي پهچائي ڇڏيندو آهي. ڪڍهن ڪڍهن جنگي صورتحال ۾ بنهين ڏرين جي جنگي ڪئمپن ۾ ڪو پخالي (جيڪو اڄ چريو بہ چو نہ هجي) پاٽي پجائيندي. پنهنجي ڏُر کي مخالف جا وڏا وڏا راز بہ ڏئي ويندو آهي. تہ ڪڍهن ڪڍهن ڪو مشهور ليڊر بہ تڇ ذاتي مفادن خاطر ڀڄ جوڙ ڪري. پنهنجي سموري ڪئي ڪمائي هڪ ڏڪ سان ٻوڙي ڇڏيندو آهي. ڪڍهن ڪڍهن اهڙين جنگي صورتحالن ۾ ڪي ننڍا ننڍا ڪردار اهميت وارا بنجي پوندا آهن تہ ڪڍهن ڪڍهن کي پاڻا ڦاڙ ڪردار. پنهنجو سمورو ڪيو ڪرتيو داءُ تي لڳائي ڇڏيندا آهن. ان ڪري چيو ويو آهي تہ تاريخ هڪ بي رحم ڪسوٽي آهي. جيڪا حال سان ٻڌل آهي. پوءِ ڀلي سگهي تہ ڪنهن جي ماضيءَ جي ڏنل قربانين کي پاڻ ۾ جوڙي جڳهه ڏئي يا نہ! جيڪب. نہ ڪوئي ڪنهن انقلابي تنظيم جو ليڊر هو نہ ڪوئي ڪنهن جنگي پارٽيءَ جو سپهه سالار. هو تہ هڪ عام قيدي آهي. پر ان هڪ ئي ڪوڙ سان. هزارين انسانن جون حياتيون بچائي ورتيون - جو. جيڪو ڪم انيڪ سچارن کان نہ ٿي سگهي ها. سو هن جي هڪ ئي ڪوڙ ڪري ڏيکاريو.

ڪيري بن ڪي ساڻي عزت نہ گهٽبي،
سانون نچ ڪي يار مناوڻ ڏي.
(خواجہ فريد)

ان عمل ڪري ڪيس هزار سچن تي بہ پاري حيثيت ملي وئي ۽ اهو عمل حق ۽ سچ جو ساکي بنجي ويو. اهو ڪوڙ سوين سچن تي بہ پاري آهي ۽ هر انقلابيءَ جي دل چوندي تہ ڪاش! منهنجي زندگيءَ جي انيڪ فضول

سڃاين سان گڏوگڏ ڪو اهڙو ڪوڙ به شامل هجي ها، ته هوند منهنجي قوم منهنجي ان عمل ڪري اڄ سرخرو ته هجي ها!

ثواب تنهنجو نفيس چولو اسان اُٽيو هو عذاب ڪاڻي.
اسان مسلسل گناهه ڪيا ها، تڏهن ته تو ۾ نکار آهي.
(جعفر جاني)

اسان اڳيان، سچ پچ ته جيڪب "ڪُوڙو" نہ، پر وقت جو سڄ جيان چمڪندڙ سچ آهي، جنهن انيڪ انسانن جون وَسَن جهڙيون وهيون بچائي وڌيون. جيڪي بي صورت ۾ ته گيستاپو ڪئمپن ۾ ظلم ۽ ڏهني دٻاءُ سهي سهي ڪري ۽ ناس ٿي وڃن ها.

سنڌ ملڪ ۾ جيئن ته مختلف مذهبن جا پيشوا، اوتار، صوفي سڳورا جو گهٽا آيا، ڪن هتي تڪيا ٻ ڪيا، ڪن تعليم ڏني ته ڪن جون ڪارگذاريون سامهون آيون ته ٿيو ائين ته سِکن جي اڳواڻ گرو نانڪ جي مقبري جي پيڙهه جو پٿر ميان مير رکيو ۽ مدن کان وڌيڪ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو اعتماد جوڳو ساٿي ٻيو نہ ٿو ڏسجي. ان رَوَئي ڇو ته هتان جي ماڻهن کي اسلام جو جوهر سمجهائي ڇڏيو ۽ ڀائي وڃائي رڳن ۾ وهندڙ رت ۾ سرايت ڪري ڇڏيو. ان لاءِ هتان جي هنن ماڻهن اڳيان مذهبي جنونيت ڪفر کان ٻ خراب محسوس ٿيڻ لڳي. ان پس منظر ۾ دوست جو ڪالم "وحشي ناچ" اچي ٿو. جنهن ۾ هن جيڪي وارتائون بيان ڪيون آهن، سي اڄ ڪلهه اسين هنن گنهگار اکين سان ڏسي رهيا آهيون. هر آئي ڏينهن خودڪش حملو ۽ ان ۾ انساني جانيون بري طرح نيست و نابود ٿي رهيون آهن. جو ان عمل تي هوند شيطان کي ٻ شرمساري ايندي هوندي. جنهن کان پوءِ واري ڪالم ۾ پٽي ذوالفقار عليءَ جي قاسيءَ جا ڪارڻ بيان ٿيل آهن. جنهن لاءِ فرانز فينن جو ڪتاب رچڊ آف ارٿ (Ritched of Earth) جنهن جو اردوءَ ۾ ترجمو ٿيو "مشتدان خاڪ" ۽ سنڌي ۾ "مٽيءَ هاڻا ماڻهو" عنوان وارو ڪتاب آيو ۽ سين جي نظرن مان گذريو. جنهن ۾ آقا ۽ غلام جي جيڪا نفسيات آهي، ان جي جيئري جاڳندي عڪاسي ٿيل آهي. جنهن ۾ انيڪ خوبين جو مالڪ پر جيڪڏهن اهو غلام قوم جو فرد آهي ته

ان کي آقا قوم جي ڪنهن خسيس کان خسيس ماڻهوءَ تان به آرام سان قربان ڪري سگهجي ٿو جنهن لاءِ مارتن لوٿر ڪنگ کان وٺي بارڪ اوباما تائين جا مثال اسان ۾ توهان جي اکين اڳيان اڄ به موجود آهن. پهريان ته انساني بنيادي حق ئي آقا قوم جا مڃيا ويا آهن ۽ انهن جي دائري کان غلام قوم جا فرد هيٺينءَ سطح جا آهن. چاهي هو ڪيترين خوبين جا مالڪ ڇو نه هجن. اڄ ڏينهن تائين ائين ئي ٿيندو پيو اچي ۽ اگر حالتون ساڳيون آهن ته ائين ئي ٿيندو رهندو. ڇو ته انهن انساني بنيادي حقن جي ڪوج لڳائي انهن کي منظر تي آڻيندڙ آمريڪا ۽ يورپ، انهن جي ڪيتري پاسداري ڪري رهيو آهي، ان ڪري ان ناانصافيءَ کي قانوني حيثيت ڏني وئي آهي.

باقي ڪالم "سڀ ٺيڪ آهي"، "وٽيون وهڙ گاڏيون" ۽ "ديس نماڻو ارڏا ماڻهو" ۾ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ ٿيندڙ سنڌي ماڻهن سان ڄڻيون، ڦرلٽ، بي انصافي ۽ مائٽيليءَ ماءُ واري ڪيل سلوڪ جو داستان به هڪ، به، ٽي ڪري، ترتيبوار بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو هونئن ته توهان ۽ اسان اڳيان ٿي رهيو آهي، جيڪو ڪنهن به ريت ڳجهو نه رهيو آهي ۽ بار بار نظرياتي دوستن، اديبن ۽ سماجي ورڪرن پئي بيان ڪيو آهي. توڙي جو ان تي ورجاءَ ۽ دهراءَ (Sterio Type) جا الزام به لڳندا رهيا آهن. چوڻ وارا ڪنهن نئين ڳالهه ٻڌڻ جي انتظار ۾ آهن. پر ڪنهن زماني ۾ جڏهن جي ايم سيد جي ڪتابن جي باري ۾ اها راءِ ڪڙي ٿي هئي، تڏهن هڪ دفعي اسان جي موجودگيءَ ۾ محترم سرور سهتي شاهه صاحب کان ان بابت سوال ڪيو هو ته ان جي جواب ۾ شاهه صاحب سرور سهتي کان ئي پڇيو ته: "تو ڪڏهن قرآن پاڪ تفسير سان پڙهيو آهي؟" ته سرور سهتي چيو ته، "آءٌ ملا خاندان جو فرد هئڻ ڪري مون ڪيئي تفسير مطالعو ڪيا آهن ۽ انهن جو تقابلي جائزو ورتو آهي." جنهن تي شاهه صاحب پڇيس ته "ان ۾ ڪو ورجاءُ آهي يا نه؟" وراڻيائين، "سائين ڏاڍو ورجاءُ آهي." جنهن تي سائين چيو ته، "هر اُها لکڻي جيڪا ڪنهن منزل جي تلاش يا مقصد جي حصول لاءِ لکبي، ان ۾ جيستائين پڙهندڙن کي بار بار اهي مسئلا، معاملا، ناانصافيون وري وري ذهن نشين نه ڪرائبيون ته پوءِ اُهي ماڻهو انهن کي هضم ڪري ويندا ۽ انهن جي

خلاف اٿڻ کان کيہائيندا. ان ڪري اهو ضروري آهي تہ انهن مسئلن جو سندن ڏهنن تي ترو تازا ذڪر ٿيندو رهي تہ عوام ان جي حصول لاءِ ڪوشان رهندو ۽ ڪنهن سڌ کي ڪنائيندو رهندو." ان لاءِ انهن ڪالمن ۾ پاڪستان نهڙ ڪانپوءِ ٿيندڙ سنڌ سان ۽ سنڌين سان زيادتين جو جيڪو اپتار آهي، سو ان قسر جي ادب لاءِ ضروري آهي ۽ جنهن کي هنن ڪالمن ۾ بلوچ صاحب تمام واضح ۽ شديد ڪري بيان ڪرڻ ۾ نهايت ڪامياب رهيو آهي.

مٿي بيان ڪيل فرانز فينن جي ڪتاب ۾ آخري چيپٽر آهي تہ غلاميءَ دوران، غلام قومن جي فردن ۾ پيدا ٿيندڙ نفسياتي بيماريون، جن ۾ هلڪڙائي، ڇسائي، ترڙائي ۽ اجائي وڌائي وغيره اچي وڃن ٿيون، جن سان انهيءَ جا بدڪردار ۽ بد افعال ظاهر ٿي پون تا. جيئن چواٽي آهي تہ "ڪُئي هَريڙ لڏي تہ پساري ڪونائڻ لڳو." انهن فردن کي کين جهڙو تصور ڏيندي، دئونسون ڏيندي، ان حيثيت تي پهچائي ڇڏيو ويندو آهي، جو منجهس احساسِ ڪمتري گهر ڪري ويندي آهي. ان صورت ۾ اگر کيس اتفاق سان ڪا آفيسري ملي ويئي تہ پوءِ هو پنهنجي قومي ماڻهن اڳيان سيٽ ڪندو ۽ ڏارين جي خوشامد ڪندو تہ جيئن سندس آفيسر واري حيثيت بہ قائم ۽ دائم رهي تہ رعبدار بہ ليکجي. ان صورتحال ۾ سرڪاري نوڪرن کي هو پنهنجا ذاتي نوڪر ظاهر ڪندي، آفيس جي مليل شين جو بيجاءِ استعمال ڪندي ۽ پنهنجي مصنوعي فوشر کي ٽيڪو ڏيندو رهندو.

ان سڄي ماحول ۽ ان ۾ ڪم ايندڙ ڪردارن تي اصل ۾ سماجي ڪارڪنن کي تنقيد ڪرڻي هوندي آهي ۽ اديبن کي اهي موضوع بنائي ۽ انهن مسئلن تي لکڻو پوندو آهي. ڪنهن زماني ۾ ڪروپاتڪن جو هڪ اهڙو ڪتاب آيو هو جنهن ۾ زار شاهيءَ جي دور ۾ غلامانہ ذهنيت تحت استاد، ڊاڪٽر، شاگرد، سماجي ورڪر ۽ صحافي جيڪي بتال ٿي ويا هئا، تن ڏانهن منسوب ڪري سندن انهن غليظ حرڪتن جو ذڪر ڪيل هو ۽ بهتر ٽيڻ جا گُر ڏسيل هئا. جو برڪت آزاد ترجمو ڪري "نوجوانن ڏانهن" عنوان سان ڇپائي پڌرو ڪيو هو ۽ هر ڪنهن کي سندن اصل ذميوارين کان آگاهہ ڪيو هو تہ من ائين ڪرڻ سان منجهن ڪا تبديلي اچي. پر نظام جي بدلجڻ کانسواءِ صلاحن مشورن سان تبديليون اچڻ

مشڪل هوندين آهن. تنهن ڪري اهڙن سماجن ۾ ان ڪوشش کي خاص اثر ڪونہ ڏيکاريو. پر اهو مواد ضرور ڏنو تہ اهي سماج جا باشعور فرد پڙ ان غلاميءَ جي اثرن کان محفوظ رهي نہ سگهيا. ان ڪري اسان جو آفيسر پنهنجا تعلقات استوار ڪرڻ کان اڳ ۾ ڏسندو تہ انهن تعلقات پيدا ڪرڻ سان منهنجا ذاتي مفاد ڪيترو محفوظ ٿيندا تہ اديب چاهيندو تہ ڪو بہ نئون اديب محنتون ڪري باشعور ليکڪ ٿي ڪٽي مون واري عزت واري حيثيت تہ نہ والاريندو؟! اگر ائين ٿيو تہ پوءِ منهنجو چا ٿيندو. ان ڪري هو نئين شاعر، ڪهاڻيڪار مضمون نويس کي نہ ڪوئي دل سان پڙهندو ۽ نہ ڪوئي ان کي سندس صلاحيتن جو احساس ڏيارينديو. جنهن جو اهو نتيجو آهي پر بلوچ صاحب چواڻي تہ سندس ڪهاڻين تي ڪنهن بہ جوڳي حيثيت واري اديب کا راءِ نہ ڏني.

پاڻ سندس دوست ظفر جي ڪهاڻين جي مجموعي تي تنقيدي راءِ ڏني آهي، پر جيئن تہ ان مجموعي جي ڪهاڻين جي خبر نہ هئڻ ڪري ان تنقيدي جائزي جو جائزو ونې نہ ٿو سگهجي.

بهرحال ماحاصل اهو تہ ادب جي سرجڻ جي ڪارڻن کي ڏسندي، اسين چئي سگهون ٿا تہ محترم انور بلوچ صاحب جا هي ڪالم ان ڪوٽيءَ تي جيئن جو تيئن اترن ٿا. انهن ۾ هولي جيڪا ڪم آندي آهي سا سليس، سپڪ ۽ سادي هئڻ ڪري مسئلي ۽ ان جي ڪارڻ يا حل جي سمجهڻ ۾ پڙهندڙ کي ڪا دقت نہ ٿي ٿئي. ان حساب سان سندس هولي عام فهم ۽ مسئلن جي تهہ تائين لهي ويندڙ ڏسڻ ۾ پئي اچي. تنهنڪري سندس لکيل هيءُ ڪالم، سنڌي ادب ۾ پنهنجو ڪارج ادا ڪرڻ جي لحاظ کان پڻ ڪامياب ڪالم ڏسڻ ۾ پيا اچن. هاڻ ڏسڻو اهو آهي تہ پڙهندڙن تي انهن جا ڪهڙا تاثر مرتب ٿين ٿا. چو تہ اها شڪايت خود شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي بہ هئي تہ:

اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪ موٽ تي،
پلئہ پائي سچُ، آڇيندي لڇ مران.

مير محمد پيرزادو

سڪرنڊ، سنڌ

1 ـ آڪٽوبر، 2011ع

مُهاڳ

ڪنهن بہ ادیب جي علمي ادبي قد ڪاٺ جي خبر ان جي خيالن، سوچن ۽ تحريرن مان پوندي آهي. جڏهن مون محمد انور بلوچ جي لکڻين کي پڙهيو ته سندس علمي ادبي قدڪاٺ اهڙن ڊيندڙن ادیبن کان گهڻو متاهون لڳو جيڪي سرڪاري عهدن کي وڏين ڪرسين وارا بوٽ ٻڌائي/پائي پنهنجو قد ڪاٺ اوچو ڏيکارڻ واري فنڪاري ۾ رُڌل هوندا آهن يا وري هميشہ ميڊيا جون بيساکيون استعمال ڪندا آهن. سرڪاري ضيافتن ۾ پنهنجو چهرو هر هر ڏيکاريندا نظر ايندا آهن يا سرڪاري ادبي، علمي ۽ ثقافتي ميڙاڪن ۾ اقتدار ڏڻين ۽ سڻيا عهدا ماڻيندڙن سان هر وقت بغلگير ٿيندي نظر ايندا آهن. پنهنجي وڏماڻهپائي، پذيرائي ۽ معتبرائيءَ ۾ پيش پيش!!

ادب جو گاڏو جڏهن اهڙو ۽ اهڙي طرح هلندو هجي ته اتي محمد انور بلوچ جهڙي ڪَري، سچي ۽ بيباڪ ماڻهو جنهن نہ ڪڏهن سرڪاري عهدي کي پنهنجي ڍال بڻايو آهي ۽ نہ ميڊيا جو سهارو ورتو آهي، جي جاءِ ڪٽي ڳولجي. هڪ سچي ادیب جي سچاڻپ جا ڪهڙا ماڻ ۽ ماپا آهن اسان جي ملڪ ۾!! سياڻي نئين نسل کي اسان ان پرک لاءِ ڪهڙي واضح ڪسوٽي ڏيئي ويندا سين؟

هونئن بہ صدين کان انسان سوز غيرجمهوري ۽ بدبودار معاشرن ۾ بادشاهن ۽ حڪمرانن قلم کي بہ پنهنجو غلام رکيو نتيجتاً لکيل پڙهيل ماڻهن، ادیبن شاعرن، مورخن ۽ محققن جي گهڻائي عوام کي ڇڏي انهن بادشاهن ۽ حڪمرانن جو سايو تلاش ڪيو ۽ دربار سان پيار جو پيوند رکندي دربارين جي روايت قائم ڪئي، جتان سندن عزت ۽ شهرت کي بہ چار چند لڳا. ذاتي هَوَس ۽ مال ڪمائڻ واري سَڌ جو بہ خاطر خواهہ ازالو ٿيندو پئي آيو.

اهڙي طرح صدين کان قلم اقتداري ڌرين جو پاسدار رهندو پئي آيو آهي. مغل دور جي ادبي تحقيق کندي اسانکي نظر ايندو تہ قلم ڌڻين، شاعرن ۽ مورخن جي گهٽائي درٻار سان واڳيل نظر ايندي ۽ اهي انهن جا ٿنا خوان ۽ قصيده گو بڻيل نظر ايندا. هر ننڍو وڏو کارنامو بادشاهن ۽ انهن جي حرمن سان جوڙيندي نظر ايندا. انهن جي لکڻين مطابق هَڙَ جو هَڙَ مغل حڪمران عدل ۽ انصاف جا پُتلا هئڻ سان گڏ وڏا سخنور ۽ سخن شناس بڻيل نظر ايندا. انهن جو هڪ هڪ شعر، هڪ هڪ سخن سمورين تاريخن ۽ علمي ادبي دفترن ۾ ورجايو ويو آهي.

ائين سيئي بادشاهہ تہ شاعر بڻيل/بڻايل آهن، پر سندن بيگمات ۽ شاعرائون آهن، نہ رڳو ايترو پر اُنهن جون کنيزائون، دايون مايون ۽ شاعرائون ۽ علم جون اڪابر بڻايل آهن. انهن تي سدائين علم ۽ ادب جا دورا پوندا هئا ۽ هر ڳالهہ ٻولهہ منظوم شاعري کانسواءِ کانہ ٿيندي هئي. انهن بيگمن، بادشاهزادين ۽ ٻانهين جي شاعرانہ گفتگو لاءِ ان وقت جا مورخ جڻ حرم اندر جِتي پکيءَ کي ٻہ پَر هڻڻ جي طاقت نہ هئي، هڪا تڪا حاضر ناظر ۽ بيتاب بڻيا بيٺا هوندا هئا جو هوڏانهن کنهن جي زبان مان شعر نڪتو ناهي ۽ هنن همراهن تاريخ جي ورقن تي آڻڻ لاءِ کو هڪ پل، هڪ ساعت جي ٻہ دير ڪئي هجي!! جو اڄ انهن جي گهريلو ۽ خلوت نشيني جون ڳالهيون ٻہ تاريخن ۾ وينا پڙهون. اديبن ۽ مورخن جي اها اقتدار پرستي ڏسڻ وٽان آهي. سندن غلامانہ ذهنيت کانئن الائي تہ ڇا نہ ڇا لکرايو. ٻيو تہ نهيو پر اورنگزيب جي ڏيءَ زيب النساء مخفي تي لکيل بازار مان ملندڙ ڪتابن جو ڪٽي مطالعو ڪيو تہ ڏندين آڱريون اچيو وڃن تہ هَلُ پُنهل!! زيب النساء پنهنجا سمورا حڪم احڪام ۽ عام گفتا ٻہ پنهنجي ٻانهين سان شاعريءَ ۾ ڪندي هئي ۽ ها! وري ٻانهيون ٻہ ايتريون تہ پاڙهو ۽ مهان شاعرائون هيون، جو زيب النساء جي هر ڳالهہ جو جواب في البديهہ شعر ۾ ڏيندیون هيون. جيئن لکيو ويو آهي تہ زيب النساء ڪنهن ٻانهيءَ کي چيو تہ آئينو ڪٽي آ. ٻانهي کان اهو آئينو پچي پيو ۽ ٻانهي ڏاڍي تاسف سان چيو:

"از قضا آئينہء چيني شڪست"

(قضا سان چيني آئينو پچي پيو)

۽ في الفور ان شعري سِٽ جو جواب شعري سِٽ سان ڏيندي زيب النساء چيو:

"خوب شد اسباب خودبيني شکست"

(سنو ٽيو پاڻ کي ڏسڻ جو سامان پڄي پيو)

واه واه ان دور جا ليکڪ جو اهڙا سمورا واقعا انهن اهڙي طرح تاريخن ۾ لکيا جو جڙ اهي اتي ڪنهن جن، ديو يا فرشتي وانگر پهچي ويا ۽ سموري وارتا جا عيني گواهہ بڻجي قلمبند ڪري ڇڏيائون. اهڙيون ڪيئي دروغ گويون ۽ مبالغا ان وقت جي درباري ليکڪن ادب ۽ تاريخ جو حصو بڻايا آهن. انهن مطلق العنان بادشاهن انهن جي بيگمن ۽ شهزادين کي علمي اڪابر بڻائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي. انهن قلمڪارن ۽ مورخن ان وقت جي ظل الاهين کي آسماني فرشتا بڻائيندي انهن جي اقتدار کي عين سعادت ۽ انهن جي پاڇي ۾ رهڻ کي عين جنت لکيو. سندن تلوار هٿان مرڻ وارن کي "جهنم رسيد" ۽ "دوزخي" لکيو. انهن جي فتح کي "خدائي فتح" ۽ سندن شان شوڪت ۽ جاہ و جلال کي "بخت جي ياوري" لکيو. سندن ظلم ۽ ستم ۽ رعب ۽ عِتاب کي "هفت آسمان جي عين رضا" قرار ڏنو. انهن ئي درباري اديبن/مورخن انهن جي بيگمات، شهزاين ۽ ٻانهين جو ادبي قدڪاٺ وڌائڻ ۾ زمين ۽ آسمان جا قُلابا ملايا ۽ انهن کي علم جون افلاطونٽيون قرار ڏنو. انهن جي ٻلي بہ بہ مٽي ۽ چيتي کي چيري قرار ڏني وئي.

اسان جو سمورو اوائلي ادب اهڙن طومارن ۽ طُولانين سان اهڙو تُپ لڳيو پيو آهي، جو اسان پڙهندڙن ۽ ذهن تي تورو زور ڏيڻ وارن جو بہ دماغ چڪرائجڻ لڳي ٿو. بادشاهہ تہ بادشاهہ آهن، پوءِ چاهي روم جا هُجن يا ايران جا، روس جا هجن يا چين جا، مصر جا هجن يا هندستان جا. پنهنجن انهن درباري لِکارين هوندي بہ انهن جا ظالمانہ ۽ سفاڪانہ ڪارناما ڪنهن نہ ڪنهن ڪُنڊ کان ادب ۾ سرعت ڪري تاريخ جي ورقن تي جاءِ ونڻي ويا ۽ انهن جو پيانڪ ۽ لرزہ خيز پاسو بہ دنيا پانپي ورتو تہ اهي ڪهڙي ريت انسانذات جي سِرين جو فصل لٽندا هئا. عورتن جون لويون ۽ لڇون ڪيئن

چيهاڙيون ٽيندیون هيون ۽ معصوم ہارڙن کي کيئن تھ تيغ ڪري چيريو ڦاڙيو ويندو ھو.

توڙي جو اسين اڄ نئين دنيا جا ماڻھو آھيون. دنيا صدين جو سفر طئي ڪيو آھي پر اسان جي نصيبن ۾ وري بہ انسان سوز معاشرا آھن. ساڳيا مطلق العنان، ظالم ۽ جابر اقتدار ڏٺي ماڻھن مٿان مڙھيل آھن. لفظن ۽ محاورن جي ڦيرگھير سان ساڳي مطلق العناني، بربريت ۽ آمريت ماڻھن مٿان مڙھيل آھي. سڄو معاشرو انحطاط تنزل جو شڪار آھي. ھيڏانھن اسان جا نام نھاد اديب، شاعر، مورخ ۽ محقق پنھنجي ھيڇ مفادن ۽ ذاتي مقصدن لاءِ اقتداري ڏرين جي محبت ۽ عقيدت جا گيت ڳائيندي نظر پيا اچن يا مصلحت پسندي کي ئي امن ۽ عافيت سمجھن ٿا. آخر بينل پاٽيءَ ۾ پٿر ڪير ھٽي؟ ھر قلمڪار کي لکڻ کان اڳ اھو فيصلو ڪرڻ گھرجي تہ ھو مظلوميت جو پاسدار بڻجي لکي يا اقتداري ايوانن جو!! ڇو تہ ھو قلم ۽ ڪلا جو مالڪ آھي. قلم تہ قلمڪار جي ماتحت آھي. سڄن قلمڪارن قلم کان سڄ لکرايو. جڏھن تہ ڪوڙن قلمڪارن قلم کان ڪُوڙ ڇاپلوسي ۽ قصيده گوئي جو ڪم ورتو. اھوئي قلم ھو ۽ آھي، جنھن کان ليکڪن وقت جي آمر خلاف تلوار جو ڪم ورتو ۽ اھوئي قلم آھي جنھن کان ليکڪن سڄن انسانن کي ڦاھي تي ٽنگڻ لاءِ فتوائون لکرايون ۽ تاريخي سانحا پيدا ڪري ڏيکاريا. ان ۾ قلم جو تہ ڪو ڏوھہ ڪونھي. قلم تہ مقدس شي آھي ۽ ھڪ امانت آھي جڏھن اھو ڪنھن خيانتي ۽ بدطينت ماڻھوءَ جي ور چڙھي وڃي ٿو تہ اھو ان مان پنھنجي مقصد وارو ڪم ونڊي ٿو. مولانا رومي ان ڏس ۾ چا نہ سُنو چيو آھي:

مال و دولت، عزت و جاه و قرآن،
فتنہ آرد در کف بد گوهران.

(مال دولت، شان شوڪت ۽ قرآن جھڙيون بھتر شيون بہ ڪنھن بدگوھر (بداخلاق) جي ھٿ لڳي وڃن تہ ھو اھڙين شين مان بہ نت نوان فتنا پيدا ڪرائيندو آھي).

محمد انور بلوچ جي ڪتاب "ديس نماڻو ارڙا ماڻهو" جو مهاڳ لکڻ لاءِ مونکي منهنجي پياري دوست عبدالله جيسر فون تي چيو ۽ ٻئي ڏينهن ڪتاب جو مسودو ڏياري موڪليو ان وچ ۾ ڪتاب جي مصنف به رابطو ڪيو. ڪنهن ڪتاب جي مهاڳ لکڻ کان پهرين ته ان ڪتاب جو پورو مطالعو ضروري آهي ۽ پوءِ ٻيون کوڙ ساريون ان سان لاڳاپيل شيون ڏسڻيون پون ٿيون ته ليکڪ جو موضوع ڪهڙو آهي. ان موضوع جو اسانجي سماج سان ڪهڙو ڳانڍاپو آهي. ان ۾ ليکڪ ڪيترو گهرو ويو آهي. ان جو انداز استدلال ۽ اظهار بيان ڪيئن آهي. جن جن موضوعن کي هن زير بحث آندو آهي انهن کي بخوبي نپايو آهي يا نه. هنجي لکڻي ڪهڙو ميسيج ڇڏي ٿي. هن جي ٻولي موثر، سهل ۽ سادي آهي يا نه. عام پڙهندڙ ان مان ڪهڙو لاڀ وٺندو. اهو سڄو سارو جانچڻ ۽ پرکڻ لاءِ وقت درڪار هوندو آهي. ليکڪ جي تحرير جا اوسا پاسا سمجهڻ لاءِ يڪسوئي ۽ يڪخيالي جو ماحول ميسر هڻڻ به ضروري آهي. جيڪو اڄ جي وٽ پڄاڻ جي دور ۾ بلڪل ناپيد آهي. اهي سڀ ڳالهيون ڏيان ۾ رکندي ۽ پاڻ ۾ ايڏو ساهس نه سمجهندي به انڪار نه ڪري سگهيس. پوءِ به ڪتاب جو مسودو مون وٽ ڪيترن ڏينهن کان پيل رهيو. هاڻ جڏهن ڪتاب جو باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪيو اٿم ته ان راءِ ڏيڻ ۾ ڪنهن به قسم جو پس پيش ناهي ته محمد انور بلوچ قلم سان گڏ ان پاسي بينل نظر اچي ٿو جيڪي قلم کي بغاوت جو علم بڻائي ادبي ميدان ۾ نڪتل آهن. هن جي لکڻين جو ماپو/ڪاٺو ڇاهي ان جو پڙهندڙ پاڻ به تعين ڪندا. اهو ضروري ناهي ته مهاڳ لکندڙ سان پڙهندڙ به سهمت هجي، تاهم بحيثيت هڪ ڏميوار پڙهندڙ جي منهنجو خيال اهو آهي ته محمد انور بلوچ اسان جي سماج جي اهڙين ڳالهين کي فوڪس ڪيو آهي، جيڪي اسانجي ذهن ۾ هر وقت ولوڙ پيدا ڪري رهيون آهن ته اسين ڪهڙي مقام تي بينل آهيون ۽ اسانکي ڇا ڪرڻ ڪپي. ليکڪ هِتان هُتان جي يعني ملڪي ۽ غيرملڪي موضوعن کي موضوع ڪلام بڻايو آهي پر سندس اصل Theme وري به اسان جي ذهنن جي آبياري ڪرڻ ۽ شعور ۾ اضافو ڪرڻ آهي. جڏهن اسان شعور ۾ اضافي، ترقي پسندي ۽ تبديليءَ جي

ڳالهه ڪريون ٿا ته ان مان اسانجي مراد اها هوندي آهي، هڪ اهڙو سماج جيڪو عدل انصاف ۽ برابريءَ جي اصولن تي ٻڌل هجي. هميشه ليکڪ کي اهو ڪاز سامهون رکندي پنهنجي فن ۽ فڪر کان ڪم وٺڻ گهرجي. جنهن به فن ۽ فڪر ۾ مظلوم ۽ محڪوم طبقي جي ڳالهه ناهي، ان جي اهنجن ايذائن، ڏکن ڏولاون ارمانن ۽ خوابن کي کولي بيان نه ڪيو ويو آهي ۽ عوام دشمن قوتن کي وائکو ڪري نه بيهاريو ويو آهي ته اهڙي فن ۽ فڪر جي انساني تاريخ ۾ ڪابه جڳهه ناهي. ان اهميت کي سمجهندي محمد انور بلوچ اهڙن موضوعن کي ڇُهيو آهي، جن مان عوام دشمن قوتن کي پنهنجي ڪُڙن ڪرتوتن سميت وائکو ڪري بيهاريو ويو آهي ۽ محڪوم عوام جي سر تي ڪڙڪيل عذابن ۽ ان مان نڪرڻ لاءِ سندن جدوجهد ۽ اڻ ٽڪ عزم پڻ ڏيکاريو ويو آهي. سندس لکڻين مان ظاهر آهي ته هو هڪ سچاڳ ذهن ۽ سچو ليکڪ آهي، هن جنهن به موضوع کي کنيو آهي ته ان کي بهترين انداز سان نيايو آهي. پڙهڻ کانپوءِ پڙهندڙ جي ذهن ۾ نت نوان خيال عزم ۽ حوصلا موجزن ٿين ٿا. هو ڪٿي به فضوليات جو شڪار نه ٿو ٿئي. هو پنهنجي Theme کي سامهون رکي ٿو. هر لکت هڪ واضح ميسيج چڏي ٿي ۽ ڪجهه ڪرڻ جو اتساهه بخشي ٿي. ڪتاب ۾ مختلف عنوانن سان ڪالمن ۾ ملڪي ۽ غيرملڪي واقعا نهايت تفصيل ۽ واضح نموني سان آندا ويا آهن ۽ انهن جو ڪوبه پاسو تشنه نه چڏيو ويو آهي. آمرن ڏاڍ ڏهڪاءَ جي بازار کيئن گرم رکي، کهڙا قهري ڪلور ڪيا، امن ۽ انصاف جون کيئن ڏڄيون اُڏاريون، انهن طاقتور ٻڌجي پورهيتن، مسڪينن ۽ بي پهچ انسانن تي کهڙا ظلم ۽ ستم جا پهاڙ ڪيرايا ۽ انسانذات چا سنو چا ٻوڙيو. انهن جي وجود، عزم ۽ حوصلي کي ختم ڪرڻ لاءِ انهن چا چا مٿن قيامتون ڪڙڪايون، سو سڀ هن ڪتاب جي ورقن ۾ محفوظ ٿي ويو آهي، جيڪو هڪ سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ لاءِ سوچ ۽ لوچ جو وڏو سامان مهيا ڪري ٿو.

محمد انور بلوچ جي سليس ٻولي، موزون مُحاورا ۽ چست فقرا ان ڳالهه جي گواهي ڏين ٿا ته هو هڪ مشاق ۽ معتبر ليکڪ آهي، پنهنجو موقف بيان ڪرڻ ۽ سمجهائڻ جو پورو هنر رکي ٿو. وٽس سچ لکڻ جو

ساهس ۽ سمرٿي آهي. ۽ ها! سچ لکڻ جي قيمت چا ڏيڻي آهي اها به هُن پنهنجي هڪ ڪالم "هڪ جانچ جا پوري ٿي نه سگهي" جي پچاڻي ڪندي لکي آهي:

"جيڪڏهن ڪو ماڻهو ملڪ لاءِ سچائيءَ سان ڪم ڪرڻ چاهي ٿو ته چا اهو سوچي ئي وڪ وجهي ته سندس هر قدم ٻاهرن ٽاندن تي پيل ملندو."

سندس ان جملي مان سچن ماڻهن جي صدين کان پيڙا جو پڙلاءُ گُنن ۾ هُرندو نظر اچي ٿو. اهڙي ريت "بنا تاج واري شهزادي" واري تحرير ۾ هُن شاهه ايران جي ظلمن کي چٽيندي هيٺيان جملا لکيا آهن:

"شاهه پنهنجي خاندان جي هر ننڍي وڏي ماڻهو جي خسيس يادگيرين جو به جشن ملهائيندو هو ۽ انهن محفلن ۾ قيمتي تحفن جي ڏي وٺ ضروري گهرج ليکي وئي. نتيجي طور ڪاريون راتيون ڪو خاشو وقت ٽڪاء ڪري نه سگهيون. ماڻهن جا لڳ ٻچڻ لڳا. اهڙين انيڪ ويڌنائن جو رد عمل هرندڙ باهه جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ۽ دونهين جا ڪارا ڪکر ڪارو ويس ڍڪي ايندڙ ماڻهن جو ڍڪ بڻجي کين پناهه ڏيڻ لڳا. ائين شاهه به پنهنجا ڪل اختيار ڪتب آندا ته ماڻهن جو جيئڻ وهه ٽي ويو. جو ته اتي هر ظلم رڳو شڪ جي بنياد تي ٽي رهيو هو. هر طرح جي سياسي چرپر ويندي ڳالهه ٻولهه يا ٻئي ڪنهن طريقي سان ظلم بابت اشارو ڏيڻ تي به ماڻهن جي حياتي کٽي ويندي هئي. ڪنهنجو رڳو اهو چوڻ ته. "رات ڏاڍي ڪاري آ" ته کيس ٻئي ڏينهن جو سج ڏسڻ به نصيب نه ٿيندو هو. لکين ماڻهن تي ٻڌل ڳجهي پوليس ساواڪ (SAVAK) ۽ جاسوسن جي لوڌ ٿورا به اختلافي نظريا رکندڙن سان حد کان وڌيڪ ظلم ڪيا. تن ڏينهن جي شعور جي صرف الف بي تائين واري منزل تي رسيل ليلئ کي خبر نه هئي ته شاهه جي خلاف ڳالهائڻ کان روڪڻ لاءِ آيت الله آذر شهري يا آيت الله ساعدي جهڙن عالمن کي ٿهڪندڙ تيل ۾ اڇلائي يا Frying Pan کوڻي ويندڙ لوهي پليٽ ۾ بجلي جو ڪرنٽ ڏئي مارڻ کان ويندي آيت الله طلقاني جهڙي عالم جي جوان ڏيءَ سان سندس سامهون زنا ڪرڻ ڪيترو نه عذاب ڏيندڙ عمل هوندو. سڀ کان وڏو ناحق اهو ته پيءَ جي اکين جا ڇپر ساڙي ڪيس ڪليل ديدن سان اهو نظارو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڏسڻ تي مجبور ڪيو ويو. ليليٰ جنهن جي سوچ ڪڏهن به عذاب جي انهن سرحدن کي ڇهي نه سگهي هوندي ته اهو ظلم جي انتها کان به اڳتي جو قدم آهي."

سندس لکڻيءَ جو انداز استائيل ڏاڍو سياويڪ ۽ پرتاثير آهي. مونکي سندس لکڻ جو استائيل ڪٿي ڪٿي ائين لڳو آهي جڙ هن نثر ۾ به شاعري ڪئي آهي ۽ سندس جملن مان شعريت ٻکي ٿي. اهو گهڻي لکڻ ۽ گهڻي مطالعي جو نتيجو آهي جو هو بولي کي به دل آويز ۽ ديده زيب بڻائيندو وڃي ٿو. ان ڳالهه جي تائيد سندس هن فقري مان ملندي جنهن ۾ هن مطلق العنان حڪمران شهنشاهه ايران جي حڪومت جي خاتمي ۽ ليکڪ جي چونڊيل ڪردار ليليٰ جي زندگيءَ جي خاتمي کانپوءِ جي صورتحال کي چٽيو آهي:

ليليٰ هن دنيا ۾ ڪونهي، پر ايران اڄ به اهوئي آهي، جتي صحرائي ماڻهو رات جو باهه جي مڃ تي ويهي ايراني قوم پرستي جو بائيبل شاهنامو ۽ پهلوي بوليءَ ۾ لکيل قرآن مثنوي مولانا روم پڙندا آهن. ايران اڄ به اهوئي آهي جتي خچرن تي چڙهي گهمندڙ خانه بدوش عورتن اسلامي انقلاب کان پوءِ به برقعا نه پاتا. جتي بيبي معصومه عليه رحمت جي روضي تي سرخي لڳل ۽ مٽي اگهاڙي عورت جي ويڙ تي پابندي آهي. سنن باغن، سهڻن گلن ۽ ميوات ڪري مشهور ايران اڄ به اهوئي آهي جتي ڪيئي ڪوه پري کان به حضرت امام رضا عليه رحمت جي روضي مبارڪ جون سونيون نيلون نظر ايندي ئي ماڻهو احترام طور پيدل هلڻ پسند ڪن ٿا. ان ئي ايران کي ساري ليليٰ ساهه چڏيو. بدنصيب ليليٰ جنهن پهريان ملڪ، پوءِ ملڪيت ۽ هاٿي جهان چڏيو پر سندس بي حسي ۽ بيوسي کي شايد ئي ڪو سمجهي سگهيو هجي. شايد ئي ڪو ڄاڻندو هجي ته سندس اهڙي موت جو ذميوار ڪير آ. هڪ ڏيءَ کان پيءَ جي پيار جو حق کسيندڙ دنيا، اقتدار جا بکيا ماڻهو يا صرف ۽ صرف آمر بڻجي بادشاهت ڪندڙ سندس پيءُ!!"

هن جا اهڙا دل آويز ۽ روح ۾ پيوست ٿيندڙ جملا ۽ فقرا هن جي ڪتاب ۾ هر هنڌ پکڙيا پيا آهن، جيڪي پڙهندڙ جي روح کي بيتاب ڪرڻ

لاءِ ڪافي آهن. اسانکي اهڙن ليکڪن جي قدم قدم تي ضرورت آهي، جيڪي پڙهندڙن جي دلين تي ڏاڪو جمائي سگهن. سوچ ۽ لوچ جو سامان مهيا ڪن. جڏهن عام ماڻهوءَ جي احساسن جي ترجماني ڪئي وڃي ٿي تہ اها ٻولي اها ڳالهہ ان کي سمجهہ ۾ اچي ٿي ويندي آهي ۽ ان لاءِ آهي.

ادب جو سطحي نظريو رکندڙ شايد ان سان اختلاف رکن مگر آئون ان ڳالهہ جو قائل آهيان تہ ادب هميشہ پنهنجي عام ماڻهو لاءِ جو هڙن معاشرن ۾ محڪوم ۽ آهي تہ مظلوم ۽، مسڪين ۽ آهي تہ مجبور ۽. لکيو وڃي جنهن ۽ ادب ۾ عوام جي involvement ناهي اهو ادب ناهي. اسانکي زميني حقيقتون جيئن ۽ آهن اهي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ گهرجن ۽ ڏکين حالتن مان نڪرڻ جا گس گهيڙڻ ٻڌائڻ گهُرجن. انهن کي "اگر"، "مگر"، "چونڪ"، "چنانچہ" جي آڙ ۾ مسخ ڪري پيش نہ ڪرڻ گهرجي. چو تہ اهڙيون لکڻيون ئي اسان ۾ انقلابي سگهہ ۽ تحرڪ پيدا ڪنديون آهن. ڏاڍ ڏهڪاءُ، دٻڙ دؤنس، حرفتن ۽ چالبازين سان هلندڙ آمراڻو راج هڪ ڏينهن زوال پذير ٿيڻو آهي. سڪ ۽ سلامتي امن ۽ آشتي جو هڪ ڏينهن سورج ايرڻو آهي. بقول حافظ شيرازي:

رسيد مژده ڪہ ايام غم نہ خواهد ماند.
چنان نہ ماند، چنين نيز هم نہ خواهد ماند

(خوشخبري پهتي آهي تہ هاڻي ڏکن جا ڏينهن نہ رهندا. هونئن ۽ نہ رهيا هئين ۽ نہ رهندا)

۽ ان اميد جون شمعون تنگ ۽ تاريڪ ماحول ۾ روشن ڪرڻيون آهن. اميد تہ محمد انور بلوچ جو هي ادبي پورهيو پڙهندڙن وٽ قبول پوندو ۽ مانُ حاصل ڪندو.

بشير سيتائي

شاه آباد محلو
دادو سنڌ.

ڪن وڃن ٿا

مان اسپين جي ڏاکڻي رياست "ملاغا" جي ساموندي پهاڙين واري وادي ۾ بينو هان، جتان "غرناطه" ويندڙ پڪي سڙڪ جي ڪابي هٿ تي موجود ٻُني لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها اندلس مان لڏيندڙ آخري "مور مسلمان" جي قبر آ. ڪئين قسمن جي ميوات جي باغن واري وادي ويجهو جبرالٽر وٽ، سمنڊ جي اها سوڙهي نار آ، جتان اُڪري مائهو مراڪش وڃي سگهي ٿو. مونکي خبر ناهي ته انگوري ٻوٽن سان ڍڪيل، صديون پراڻي ان قبر ۾ پوريل مسلمان سردار جو جسم اڄ به صحيح هوندو يا نه پر سندس روح پڪ سان آسائتو هوندو ته هو اندلس ۾ دفن ٿيل آ. قبر جي پاسي واري پکسري فرش تي ويهي مان ان شخص جي شانتي لاءِ دعا جا هٿ کڻان ٿو، جنهن مري به پنهنجو ملڪ نه ڇڏيو هئو. منهنجا ڪن وڃن ٿا. سون سون جو آواز... جنگ جو دڦ... گهوڙن جون ٽاپون ۽ اندلس جي ڪئين سوَ سال پراڻي تاريخ اکين آڏو اڇي وڃي ٿي. مونکي ڪيوبا جي گادي واري شهر "هوانا" جي هڪ ريسٽورينٽ جي تهخاني ۾ اڇي چادر سان ڍڪي رکيل، ڪاري سنگمرمر جي اها ننڍڙي عمارت ياد اڇي ٿي، جنهن کي اندلس مان مسلمانن جي متجڙ جو "عبرت گاهه" چئجي ته به وڌاءُ نه ٿيندو. مان اندلس جي مسلمان حاڪمن جي حرص، هوس، عيش، عياشي، غرضن ۽ جنڀاپٽ بابت سوچيان ٿو، جن پان ۾ وڙهي پاڻ مٽايو. اهي هڪ به نه پر... ذري گهٽ ان سوَ سالن (ست سوَ ايڪياسي) تائين ملڪ جي الڳ الڳ حصن تي حڪومت ڪندڙ ڪئين ڊزن مائهو هئا، جي چاهين هان ته اڄ تائين به راڄ ڪري سگهيا ٿي... پر ... ۽ مونکي تاريخ جو هڪ هڪ پنو ياد اڇي ٿو. جڙ کو ڪن ۾ سس پس ڪندو هجي.. ڪو استاد، عالم.. تاريخدان يا وقت جو ويد... جڙ هو مونکي ٻڌائڻ لڳو هئو:

"Alpujaras" اکر علامتي طور ان "رت جي جبل" لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو، جيڪو اندلس ۾ مورن جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ عيسائي فاتح "شاه فرڊيننڊ" ۽ "ملڪ ازابيلا"، غرناطه ۾ مسلمانن کي ڪهرائي قائم ڪيو. ياد

رهي ته اندلس ۾ عربن ۽ افريڪي (بربري) مسلمان قبيلن جي ميلاپ مان پيدا ٿيل قوم پاڻ کي "Moors" چوائيندي هئي ۽ ان حوالي سان اولهه آفريڪا کي "موريطانيه يا ماريطانيه" به چيو ويو. سڀ کان پهريان رومين اهو لفظ استعمال ڪيو ۽ اولهه آفريڪا جي مسلم رهواسين کي "موري" سڏڻ لڳا، جيڪو اڪر هسپانوي (Spanish) بولي ۾ "مورو" ۽ انگريزي ۾ "مور" ڪوٺيو ويو. اهڙي نموني "اندلس" تي ان نالي جي به الگ تاريخ آ. ڪتابن ۾ آيو آ ته... عربن جي اچڻ کان اڳ اسپين جي هڪ صوبي کي اتي آباد "دندال" قوم جي نالي پويان "دندالسيا" يعني "دندالن جي رهڻ جي جاءِ" چيو ويندو هئو، جيڪو لفظ بعد ۾ بگڙي پهريان "اندالسا" ۽ پوءِ "اندلس" بڻيو. ۾ عربن، انهن مڙني علاقن کي اندلس سڏيو جي هاڻوڪي پرتگال، اسپين ۽ ڏکڻ فرانس ۾ اچي وڃن تا. هتي ڪنعانين، قرطاجنه جي رهواسين ۽ رومين به بادشاهي ڪئي. هي پرڳڻو سال 500ع کان، پنهنجي وقت جي حد کان وڌ ظالم ليکيو ويندڙ "گاٿ" بادشاهن جي هٿ هيٺ به رهيو. جن ڪليسائي دربار جي اثر ۾ اچي عام ماڻهن سان جانورن جهڙو سلوڪ ڪيو. اها ويشياپڻي جي حد هئي ته پادرين جي عبادت جون جايون اتان جي سڌڻين عورتن جي عام رهائش طور ڪتب آندیون ويون. چيو وڃي ٿوته "گاٿ" قوم جي حڪمرانن جي ناهيل قانون موجب ته حڪومت ۾ شامل ماڻهن جي ٻارن کي شاهي محل ۾ رهائي پڙهايو ويندو ۽ وڏو ٿيڻ تي سندن شاديون به بادشاهه جي مرضي سان ڪرايون ويندیون. جنهن جو مقصد حڪومت ۾ شامل ماڻهن کي ٻارن جي حوالي سان بليڪ ميل ڪري بادشاهن خلاف بغاوت کرڻ کان روڪڻ هئو. مشهور آ ته روم جي سلطنت جي پڄاڻي تي، مراڪش جي اتر ۾ موجود "سيوتا جزيري" جو يوناني سردار "ڪائونٽ جولين" به جڏهن اندلس جي "گاٿ" بادشاهن سان اقتدار ۾ شريڪ ٿيو ته عمل هيٺ رهندڙ اهڙي قانون موجب ڪيس پنهنجي جوان سهڻي ڌيءَ "فلوريدا" به شاهي محل ۾ داخل ڪرڻ پئي. جنهن کي بعد ۾ "توليدو" وٽان وهندڙ "تاجو درياهه" (جيڪو سڄو پرتگال لتاڙي "لزبن" وٽ "اٽلانٽڪ سمنڊ" ۾ ڇوڙ ڪري ٿو) ۾ وهنجندو ڏسي اندلس جو پوڙهو حاڪم "راڊرڪ" مٿس عاشق ٿي پيو. ۾ فلوريدا جڏهن ڪيس کنهن به لحاظ کان گاهه نه وڌو ته هڪ رات "راڊرڪ" پنهنجي رازدار ماڻهن جي مدد سان هن کي زوري کٽائي لڄالٽ ڪئي، جيڪا خبر "فلوريدا" ڳجهي طريقي سان پنهنجي پيءُ "ڪائونٽ جولين" کي ڏياري موڪلي ته هو ڌيءَ سان ٿيل ان زيادتي تي تمام

گھٹو ڪاوڙيو پر وهي چڑهيل نياڻي جي حياتي بابت ڄاڻي صبر کان ڪم ورتائين. هن ڄاتو پئي ته سندس ٿوري به ڪاوڙ تي ڏيٺس کي بنا ڏوهه جي ماريو ويندو. تڏهن ئي دل جو سور دل ۾ سانڊي ڪنهن کي به پنهنجي منصوبن جي ڪڙڪ ڏيڻ بنا هو "بادشاهه رادرڪ" سان ملندو رهيو. ائين جڏهن ڪيس پڪ ٿي وئي ته حاڪمن جو منجهس ٿورو به شڪ ڪونهي، هو زال جي بيماري جي بهاني سان فلوريدا کي شاهي محل مان ڪڍي آيو ۽ پنهنجي من ۾ برندڙ بدلي جي باهه وسائڻ لاءِ آفريڪا ۾ اسلامي حڪومت جي مرڪز "قيروان" ۾ موجود مسلمان گورنر ۽ شام جي والي "موسيٰ بن نصير" کي خط لکي ڪيس اندلس تي حملي ڪرڻ لاءِ راضي ڪيو.

مشهور آ ته شاهي محل مان پنهنجي ڏيءُ "فلوريدا" کي وٺي "ڪنگ رادرڪ" کان موڪلائي "ڪائونٽ جولين" جڏهن پنهنجي رياستي جزيري "سيوتا" ڏي موٽيو ته بادشاه ڪيس پنهنجي شڪار لاءِ سڏا آفريڪي باز ڏياري موڪلڻ جو چيو هئو. جيڪا ڳالهه ٻڌي "ڪائونٽ جولين" رڳو هلڪو مرڪيو ۽ پوءِ واقعي به مسلمان ويڑهاڪن جي روپ ۾ هن ڏانهس اهڙا ته شڪاري آفريڪي باز موڪليا جو، رادرڪ مري ئي جان ڇڏائي. سن 711ع (92ھ) ۾ "ڪائونٽ جولين" جي ڪيل هن شڪايت تي "موسيٰ بن نصير" اموي خاندان سان واسطو رکندڙ ڏهين خليفي "وليد بن عبدالملڪ" جي موڪل سان پهريان پنهن جي هڪ غلام "طريق" ۽ پوءِ ساڳي سال طبحه جي گورنر طور ڪم ڪندڙ پنهن جي آزاد ڪيل هڪ ٻئي غلام "طارق بن زياد" کي ست هزار (جيڪو انگ بعد ۾ ٻارهن هزارن تي پهتو) جوان ڏئي اندلس تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ موڪليو. توڙي ڪٽي پنهنجي جاءِ تي اها به حقيقت آ ته "Mediterranian" ۽ "انٽلانٽڪ" سمندن کي ملائيندڙ "جبرالٽر نار" وٽ لهي ٻيڙا ساڙي "طارق بن زياد" جڏهن يارهن جون 711ع (92ھ) تي اندلس جي زمين تي پير رکيا ته سندس مقصد رڳو اسلامي تبليغ نه هئو ۽ عرب فوجين جي قرطبه ۽ توليدو ۾ ڪيل ڦرلٽ جهڙو ٻيو ڪوبه مثال نه ٿو ملي پر ڪتابي حوالن موجب 28 رمضان سن 92ھ (جولاءِ 711ع) تي "شاهه رادرڪ" ۽ "طارق بن زياد" جون فوجون هڪ ٻئي جي سامهون ٿيون ته مسلمان فوجين جان جي بازي لڳائي جنگ ڪٽي ۽ "رادرڪ" جان بچائي پڃندي، درياه ۾ ڪري ٻڏي مئو "طارق بن زياده" بعد ۾ قرطبه، غرناطه،تد ميرٺ، مالگا ۽ طليطله سميت ڪئين ٻيا علاقا ڪٽي اندلس ۾ مسلمانن جي حڪومت قائم ڪئي. ڪتابي حوالا آهن ته هن جنگ جي مال

غنيمت ۾ "طارق بن زياد" کي، حضرت سليمان جي جنن ڪاهيل 365 پاون واري نج سون جي ميزبہ هٿ آئي، جنهن ۾ ڪئين ڪروڙ دينارن جا هيرا موتي ۽ جواهرن جون جھالرون لڳل هيون. چيو وڃي ٿو تہ حضرت سليمان نبي پاران بيت المقدس جي عبادت گاھ ۾ ڪتب آندل اها ميز "القدس" جي سوپ کان پوءِ رومين ۽ "گوتڪ" بادشاهن کان هلندي يوروپين وٽان تي اندلس جي عيسائن وٽ پهتي ۽ مسلمانن جي حملي وقت، "توليدو" شهر جي سپ کان وڏي ڪليسا ۾ رکيل هئي، جتي مذهبي رسمون ادا ڪرڻ وقت هن ميز تي انجيل رکيا ويندا هئا. چيو وڃي ٿو تہ مسلمانن سان ويڙھ وقت هڪ پادري موقعو تاڙي اها ميز پنهنجي وڏي جُبي ۾ لڪائي ڪڍي جي ڪئي تہ "طارق بن زياد" پڪڑي ورتس. جنهن دوران ان ميز جو هڪ پائو ٽٽي پيو هو.

تاريخي حوالا آهن تہ "موسيٰ بن نصير" کي جڏهن طارق جي انهن لاڳيتين ڪاميابين جي خبر پئي تہ ساڙ ڪائيندي هن ڪيس اڳتي وڌڻ کان روڪيو ۽ پنهنجي پٽ کي آفريڪا جو گورنر مقرر ڪري پاڻ فوج وٺي، اندلس ۾ توليدو وٽ اچي لٿو جتي "طارق بن زياد" سندس حڪمن کي نہ مجيندي اڃان پنهن جي سرگرمين ۾ رڌل هئو. جنهن ڳالھ "موسيٰ بن نصير" کي تمام گھٽو چيڙائي وڌو. اهڙي ڪاوڙ وقت هن "طارق بن زياد" کي نوڪري تان تہ لاٿو پر ناهوڪي مار بہ ڏني ۽ طارق جي ڪجھ دوستن واتان اها شڪايت جڏهن وقت جي خليفي "وليد بن عبدالملڪ" تائين پهتي تہ هن موسيٰ کي واپس ورڻ جو چيو. ان وچ ۾ هو اندلس جو خاصو حصو ڪٽي چار سَو ڪن اسپيني شهزادن کي قيد ڪري چڪو هئو. جن کي ساڻ وٺي "موسيٰ بن نصير" جڏهن واپس آفريڪا موٽيو تہ رستي ۾ ڪيس خليفي جي بيماري جي خبر پئي ۽ سندس پاءُ "ليمان بن عبدالملڪ" جو، اندلس مان سوپياروٽي موتندڙ جلوس کي في الحال فلسطين ۾ روڪڻ جو نياپو بہ مليو. سليمان جي مرضي هئي تہ پاءُ جي مرڻ جي صورت ۾ هو مسلمانن جي هن سوپ جي مشهوري پنهن جي حصي ۾ آڻي ۽ توڙي ڪٽي سليمان جي ان نياپي موسيٰ کي ڏاڍو منجهايو پر سندس حڪم مڃي هڪ هنڌ ترسڻ بجاءِ هن پنهنجو سفر جاري رکڻ کي اهميت ڏني. موسيٰ جي خيال ۾ تہ سندس اڳتي نہ وڌڻ، خليفي "وليد بن عبدالملڪ" جي چاق ٿيڻ جي صورت ۾ مٿس رنج جو سبب بڻبو. پر ڏڪ جي ڳالھ اها تہ فبروري 715ع ۾ جيئن موسيٰ مشق پهتو، "وليد بن عبدالملڪ جي مرڻ تي "سليمان بن عبدالملڪ" مسلمانن جو يارهون خليفو بڻجي چڪو هئو جنهن

خبر ملندي ئي موسيٰ کي پاڻ وٽ گھرايو ۽ کانئس اندلس تي سوپ حاصل ڪرڻ وارن سببن بابت پڇيو تہ موسيٰ وراڻيو:

"اسپين جي ماڻھن ۾ مڙسي ڪونہ ھئي قبلا... مان اتان جي شھزادن تي سندن نامردي ڪري ئي سوپارو ٿيس." ائين خليفي سليمان جي ڪاوڙ جھڪي ڪرڻ لاءِ موسيٰ جڏھن حضرت سليمان نبي جي 364 پاون واري سوني ميز ڪيي ڪيس ڏني تہ خليفي کانئس ميز جي ٽنڊ پائي بابت پڇيو پر ھن وٽ ان جو ڪوبہ جوب نہ ھئو ۽ ھو ماڻ رھيو تہ "طارق بن زياد" اڳتي وڌي پنھن جي لباس مان اھو پائو ڪيي خليفي جي اڳيان رکيو ۽ اصل حقيقت بيان ڪئي تہ سليمان ڪاوڙ ۾ اچي موسيٰ کي فلسطين ۾ جلوس روکڻ واري سرڪاري حڪم مڃڻ کان انڪاري ٿيڻ جي ڏوھہ ۾ قيد ڪرائي عدالت ۾ موڪليو. جتي ڪيس ٻہ لک درھم ڏنڊ، ملڪيت ضبط ڪرڻ ۽ سپ رعايتون کسڻ جي سزا ڏني ويئي. ائين ميندي لڳل ڳاڙھي ڏاڙھي واري پوڙھي کي شاھي محل جي سامھون اس ۾ تتل ھڪ ٿلھہ سان ٻڌي ڪوڙا ھڻائيندي ٻہ خليفي سليمان جي دل نہ ٺري تہ ھن "اشبيليہ" جي گورنر طور ڪم ڪندڙ، (موسيٰ بن نصير جي پٽ) عبدالعزيز کي قرطبہ مان گھرائي مارايو ۽ سندس سر موسيٰ جي ڏسڻ لاءِ اماڻيو. ڪتابي حوالا آھن تہ جلاد "عبدالعزيز بن موسيٰ" جي ڪپيل منڊي ھڪ وڏي ٿالھہ ۾ رکي جڏھن موسيٰ جي اڳيان آندي تہ کانئس پڇيائين:

"ڇا تون ھڪ باغي جا مھانڊا سڃاڻين پيو؟"

"مان رڳو پنھنجي پٽ جا مھانڊا سڃاڻان نٿو." موسيٰ وراڻيو ۽ ڪنڌ ھيٺ ڪري ڇڏيو. عرب تاريخدان "مقري" جي چوڻ موجب تہ:

"مون موسيٰ بن نصير کي سعودي عرب جي علائقي 'واديءَ القراءَ' جي ھڪ ڳوٺ ۾ پنندي ڏٺو ھئو. ھن بعد ۾ مڪي پاڪ ۾ وفات ڪئي."

اندلس ۾ مسلمانن جي اٺ سؤ سالا بادشاھت صحيح نموني سن 138ھ ۾ "امير عبدالرحمان الداخل" جي راج ڪرڻ سان شروع ٿي ۽ سن 422ھ تائين ساڳي خاندان جي ھٿ ھيٺ رھي. سن 70ھ ۾ ڄاول، عبدالرحمان، اموي خاندان جي "خليفي ھشام بن عبدالمالڪ" جو پوٽو ھو. ھن اندلس تي ٻٽيھہ (ڪن حوالن موجب 39) سال حڪومت ڪئي ۽ ھر ڪنين ڏينھن تي ڪنين بغاوت کي منھن ڏنو. جن مان "علاؤالدين بن مغيث يحصبي يماني" جھڙن جا ڪنڌ ڪورائي، اندران خالي ڪري انھن ۾ لوڻ ۽ ڪافور پري ھن اھي منڊيون ھڪ سوداگر ھٿان عباسي خليفي منصور کي موڪلرايون ھيون.

"عبدالرحمان الداخل" لاءِ چيو وڃي ٿو تہ سندس مخالف سردارن "ابن حبيب ابن الاسود، عامر العربي" ۽ بين جي چوٽ تي فرانس جي بادشاهہ "شارليمان" جڏهن اندلس تي ڪاهيو ۽ "پيرانيز" جو جابلو سلسلو اکري، "سرقسطہ" جو گهيرو ڪيو تہ پويان جرمنين سندس ملڪ (فرانس) تي ڪاهہ ڪئي. جيڪا خبر پوندي ئي هن پوئتي موٽڻ جي ڪئي ۽ فوج جي ڪمان ڪندي "پيرانيز" جي وادي "رانسي دو" مان لنگهي رهيو هئو تہ پهاڙين ۾ لکل هزارين باسڪ هارين ۽ مسلمان سپاهين اوندهہ جو فائدو وٺي مٿن حملو ڪري ڪئين هزار فرانسيسي فوجي ماريا. چون ٿا تہ مسلمانن جي حملي وقت بادشاهہ کي اطلاع ڏيڻ لاءِ فرانسيسي فوج جي هڪ سردار "رولينڊ" ايترو زور سان جنگ جو نغارو وڄايو جو سندس ڦڦڙ ڦاٽي پيا ۽ نغاري جو اهو آواز ٻڌي ڪئين ميل اڳيان ويندڙ "شارليمان" پڃي جان ڇڏائي.

اندلس جي مسلمان حڪمرانن ۾ نہ رڳو "عبدالرحمان الداخل" پر بين بہ تمام گهٽا تعميري ڪم ڪرايا. "عبدالرحمان الداخل" جي ڪرايل اڏاوتن جو مڪ مثال قرطبہ جي جامع مسجد آ. اسپين جي گادي جي هنڌ "ميڊرڊ" ۾ موجود قرطبہ جي جامع مسجد (جنهن جو اڌ ڪليسا ۾ بدلائي ان کي "مزڪيتا ڪيٿڊرل" چون ٿا) لاءِ مشهور آ تہ ڪئين صديون اڳ اتي "قوطي مندر" ٺهيو جيڪو اسپين تي رومين جي سوپ پائڻ کان رومي عبادتگاهہ بڻايو ويو. ائين عيسائين جي اچڻ سان هيءَ جاءِ "سينٽ ونسنٽ چرچ" ليکجڻ لڳي ۽ وقت گذرندي تباهہ ٿي ويئي تہ مسلمان بادشاهہ "عبدالرحمان الداخل" ان وقت جا هڪ لک درهم ڏئي اها زمين عيسائين کان خريد ڪئي ۽ دمشق جي "مسجد اميہ" جهڙو نقشو ٺهرائي سن 756ع ۾ "مسجد قرطبہ" جي پيڙهہ جو پٿر رکيو. ڪتابن ۾ آيو آ تہ مسجد جي اڏاوت واري ڪم ۾ خليفو پاڻ بہ عام مزورن وانگي گارو ۽ سرون کڻندو هئو. ائين سن 1236ع ۾ جڏهن قرطبہ وري بہ عيسائين جي قبضي ۾ آيو تہ مسجد جا ڪجهہ ٽلهہ ڊاهي اتي "حضرت بيبي مريم" جو بت کڙو ڪيو ويو. جيڪا صورتحال سن ۱۵۲۰ع تائين رهي. جنهن کان پوءِ قرطبہ جي ڪجهہ پادرين عيسائي حڪمران "ڪارلوس پنجين" کي اها ڳالهہ ٻڌائي تہ "اسپين جي وچ ۾ مسلمانن جي عبادتگاهہ، عيسائيت جي بي عزتي آ،" ۽ ڪيس ان ڳالهہ لاءِ راضي ڪيو تہ مسجد کي ڊاهي ساڳي جاءِ تي ڪليسا اڏي وڃي. نتيجي طور "ڪارلوس پنجون" جنهن ڪڏهن بہ قرطبہ مسجد نہ ڏٺي هئي، ان جي موڪل ڏني تہ مسجد جا سوين ٽلهہ ۽ ڇت ڊاهي

کليسا اڏيو ويو. ائين "کارلوس" هڪ ڏينهن اوچتو جيئن اهوکم ڏسڻ آيو ته مسجد جي وچ ۾ اپو بينل کليسا ڏسي ڏاڍو رنج کيائين. ايتري قدر جو هن ان عمارت جو افتتاح ڪرڻ کان به انکار کيو ۽ اتي موجود پادرين کي چيائين:

"مونکي اها خبر هجي ها ته توهان چا ڪرڻ وارا آهيو ته جيڪر ڪجهه به نه ڪري سگهو ها. چوته جيڪو ڪجهه توهان هتي ناهيو آ سو ڪٽي به نهي سگهيو ٽي ۾ جيڪو ڪجهه توهان تباهه کيو آ، سو سڄي زمين تي ڪٽي به ڏسي نه سگهبو." مشهور آ ته "جيمرمشز" هن کليسا کي "عظيم بدصورتي" ۽ هٽن. "ڪڏهن به نه بخشجندڙ ڏوهه" ڪونيو هئو. "هٽن" موجب ته:

"هيءَ اهڙي ظالمانه قرباني آ جيڪا عيسائي*پادرين پنهنجي مذهبي هوس پوري ڪرڻ لاءِ ڏني."

اسپين جي الگ الگ علائقن تي مختلف مسلمان حاڪمن بادشاهي ڪئي. جن ۾ اندلس جي علائقي "اشبيليه" جي حاڪم "معتمد" جو محل "انساني منڊين وارن گملن جي باغ" طور به مشهور آ. معتمد جي پيءُ "معتذد" لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن ان محل (جنهن جا هاڻي رڳو ڪجهه نشان ئي بچيا آهن) جي هڪ حمام ۾ پنهنجي مخالفت ڪندڙ ست بربري سردارن کي بند ڪري گرم باڦ سان ساڙائي ماريو ۽ بعد ۾ انهن جا ڪنڌ ڪپرائي گملن ۾ سجايا هئا. ان ئي محل ۾ رهندڙ "معتمد" جي زال "راڻي رميڪيه" هڪ ڀيري برسات کان پوءِ جڏهن پاسي واري گهٽي ۾ هڪ بدو عورت کي گپ کان بچڻ لاءِ پنهنجا ڪپڙا گوڏن کان مٿي ڪري هلندي ڏٺو ته مڙس سان اهڙي شڪايت ڪندي چيو هئو:

"هي ڪهڙو محل آ، جتي مان گپ ۾ به هلي نه ٿي سگهان." نتيجي طور پنهنجي زال جو انگل پورو ڪرڻ لاءِ بادشاهه "معتمد" مٿي جون ڪئين گاڏيون گهرائي انهن ۾ سرهاڻ وجهرائي، عطر ۽ چنبيلي جي پاڻي سان محل جي ديوان خاص ۾ گارو نهرايو. جتي "راڻي رميڪيه" نوڪرياڻين سان گڏ گهمي پنهنجي حسرت پوري ڪئي هئي. "راڻي رميڪيه" لاءِ مشهور آ ته مڙس کي غلط رستن تي هلائيندي هن ڪيس شراب ۽ عياشي تي هيرايو. هوءَ مڙس تي آيل مڙني آفتن جي ذميوار هئي. اهو به چيو وڃي ٿو ته وقت جي عالمن ان بابت اهڙيون فتوائون به جاري ڪيون ۽ حضرت امام غزالي جهڙو عالم به انهن فتوائن سان سهمت ٿيو هئو. مشهور آ ته مڙس کان حڪومت کسجڻ کان پوءِ "رميڪيه" پنهنجي ڏيئرن سان گڏ ست ڪتي پيٽ گذر ڪندي هئي. ائين "معتمد" لاءِ به حوالا آهن ته پنهنجي شاعر دوست "ابن عمار" سان ڪنهن ڳالهه تان ڪاوڙجي هن ڪهاڙو ڪٽي ڪيس جيل ۾ اچي اڇٽ ماريو هئو. ڪتابن ۾ آيل آ ته "قشتاليه" جو

عيسائي حڪمران "الفانسو" جڏهن "اشبيليه" تي ڪاهي آيو مسلمانن تي نفسياتي دٻاءُ وجهڻ لاءِ پڙهو ڏياريائين:

"منهنجي هيءَ فوج شيطانن ۽ جنن تہ چا ملائڪن کي بہ هارائي ڇڏيندي."

جنهن جي موٽ ۾ "معتمد" جنگ جون تياريون ڪرڻ سان گڏ آفريڪا جي گورنر "يوسف بن تاشفين" کي بہ مدد لاءِ لکيو تہ سندس وڏي وزير ان خط جي مخالفت ڪندي کيس چيو هئو:

"تاشفين ويساهہ جوڳو ماڻهو ناهي. تي سگهي ٿو تہ عيسائين کي هارائڻ کان پوءِ هو اسان کي بہ حڪومت کان بي دخل ڪري ڇڏي." پر معتمد نہ مڃيو. هن وراڻيو هئو:

"مان قشتاليہ ۾ سوئر چارڻ جي پيٽ ۾ آفريڪا ۾ اٺ چارڻ کي اهميت ڏيندس." ۽ پوءِ "زراقا" جي ميدان ۾ سال 1086ع ۾ جڏهن معتمد ۽ تاشفين گڏجي "الفانسو" جي سامهون آيا تہ مسلمانن جنگ کٽي ورتي. پر قسمت جي ڳالهہ تہ ٽيڪ چوڏهن سال پوءِ اشبيليہ جي عالمن ان ئي تاشفين کي، معتمد سان جنگ ڪرڻ جي ڪوٺ ڏني. جنهن آفريڪا مان اڇي "اشبيليہ" کٽي، مرابطينين سميت ڪئين شهرن ۾ ايتري تہ قرلٽ ڪئي جو ماڻهن جي بت تي پيل ڪپڙا بہ لهرائي ورتا هئا. ائين معتمد کي گرفتار ڪري "پابجولان طنجہ" نيو پئي ويو تہ رستي ۾ مينهن پوڻ جي دعا گهرڻ لاءِ مسجد ڏي ويندڙ ماڻهن جو ميڙ ڏسي معتمد کين چيو هئو:

"چا منهنجي اکين مان ٽمندڙ ڳوڙها توهان کي مينهن وارو ڪم نہ ٿا ڏئي سگهن؟" تہ هنن وراڻيو:

"اهي برسات جو ڪم ڏيڻ جهڙا تہ آهن پر چا ڪجي جو انهن ڳوڙهن ۾ رت مليل آ." چيو وڃي ٿو تہ "معتمد مرڻ کان پوءِ ئي قيدخاني مان نڪتو." اها سندس بدنصيبي جي انتها هئي تہ هن جي جنازي نماز پڙهڻ لاءِ بہ ماڻهو نہ ٿي مليا. ايتري قدر جو راهہ ويندڙن کي آواز ڏئي گهرايو ويو تہ:

"اچو هن بي وطن مسافر جي جنازي نماز پڙهو."

مشهور آ تہ تاج شاهي جو مهندار بٽجڻ واري اهڙي راند ۾ سن 1466ع ۾ جڏهن ابوالحسن نالي مسلمان، غرناطہ جو حاڪم بٽيو تہ هن اڳين مسلمان حڪمرانن پاران عيسائين کي هر سال ڏن طور ڏنا ويندڙ بارنهن هزار سونا سڪا پري ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ عيسائي حاڪمن جي وڏل دٻاءَ جي جواب ۾ چيو:

"جيڪي ماڻهو اوهان لاءِ سونا سڪا ناهيندا هئا، سي مري ويا. هاڻي غرناطہ ۾ عيسائين لاءِ نيزن ۽ ترارن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿو ٺهي." ان ئي

ابوالحسن لاءِ مشهور آ ته هو ٿريا نالي پنهنجي هڪ عيسائي بانهي سان عشق ڪندو هئو جيڪا ڳالهه سندس چالاڪ ۽ تيز مزاج زال عائشه کي نه وٽي ته هن ڪيئن به ڪري مڙس کي تخت تان لهرائي پنهنجي پٽ "ابو عبدالله محمد" کي غرناط جي بادشاهي ونڊي ڏيڻ جو سوچيو ۽ نيون نيون رڦون ڪرڻ لڳي. "ابو عبدالله محمد" جنهن کي عيسائي تاريخدانن "بوبدل" ۽ غرناط جي ماڻهن "ننڍڙو بادشاهه" يا "Reychico" چيو، ماءُ جي انهن مڙني سازشن ۾ ساٿس پٽ هئو، جنهن ڳالهه ابوالحسن کي چيڙائي وڌو ته هن ٻنهي (ماءُ ۽ پٽ) کي الحمرا جي 148 فوٽ اوچي "برج القمارش" ۾ قيد ڪرايو. جتان هڪ رات "ملڪ عائشه" پنهنجي بٽ وارين چادرن جي مدد سان عبدالله کي هيٺ لڙڪائي سبيڪ جبل تي لاهي پڇايو. پر ابوالحسن ۽ سندس زال عائشه جي حمايتي ماڻهن ۽ سندس پٽ ابو عبدالله وچ ۾ اقتدار لاءِ وڙهي ويندڙ اها گهرو لڙائي اجان ڪنهن نتيجي تي ئي نه پهتي ته غرناط جي قبائلي سردارن ابوالحسن جي پاءُ "الزغل" جيڪو "ملاغا" جو گورنر به هئو، کي غرناط جي تخت تي ويهارڻ جو فيصلو ڪندي ڪمزور ديد واري پوڙهي ابوالحسن کي اهو فيصلو مڃڻ تي مجبور ڪيو. ان واقعي کان نيڪ ٻه سال پوءِ ابوالحسن اوچتو مري ويو ته عائشه وري به پنهنجي حرفتن هلائڻ ۾ لڳي ويئي. هن "قشتاليه" جي "شاهه فرڊيننڊ" ۽ "آراگان" جي "رائي ازابيلا" کان پنهنجي پٽ ابو عبدالله جي حق ۾ "الزغل" جي مخالفت ۾ مدد گهري. جن ابو عبدالله سان معاهدو ڪيوته جنگ ڪٽڻ جي صورت ۾ هو غرناط جو الهندو حصو سندن حوالي ڪندو. ائين هن جنگ ۾ الزغل هارايو ۽ غرناط ڇڏي سڏو آفريڪا ۾ اچي، "فيض" ۾ رهڻ لڳو. پر فيض جي حاڪم شايد ته پنهنجي پراڻي دشمني پاڻ لاءِ ڪانئس سٻ ڪجهه ڦري، سندس اکيون ڪيرائي ڪيس انڌو ڪري ڇڏيو. مشهور آ ته عمر جي پونئين ڏينهن ۾ "الزغل" فيض جي گهٽين ۾ پنندو هئو. هن جي وڏي جبي ۾ پيوند ڪيل ڪپڙي تي پرت ڪيل هي اکر لکيل هٿا ته:

"هي ويچارو اندلس جو بيوس بادشاهه آ."

الزغل جي هار کان پوءِ "ابو عبدالله محمد" ڏاڍو خوش ٿيو ته هاڻي سندس حڪمراني رهندي پر اهو جڏ ته رڳو ڪجهه گهڙين جو خواب هئو چو ته ناهه موجب ڪيس غرناط جو الهندو حصو شاهه فرڊيننڊ ۽ ملڪ ازابيلا کي ڏيڻو هئو. پر هو پاڻ ئي ناهه تان ڦري ويو. چون ٿا ته فرڊيننڊ پنهنجو سفير موڪلي ابو عبدالله کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ چيو ته الحمرا جي ديوان خاص ۾ ابو عبدالله جي تخت جي پاسي ۾ بينل سندس خاص سپه سالار موسيٰ عيسائين کي ورندي ڏني هئي:

"فرڊيننڊ کي اسان جا هٿيار کپن ته پاڻ اچي اسان کان کسي." نتيجي طور اپريل 1491ع جي گرم موسم ۾ شاهه فرڊيننڊ ۽ ملڪ ازابيلا، پنجاهه هزار سپاهين تي ٻڌل پنهنجي فوج وٺي غرناطه جي سامهون "ويگا" نالي ميدان ۾ داخل ٿي، پاسي واري هڪ پهاڙي تي ڏهن ڏينهن اندر "سانتاني" نالي شهر آباد ڪيو ۽ غرناطه کٽڻ کانسواءِ واپس نه ورڻ جو قسم کڻي اتي رهڻ لڳا.

مسلمان فوج جي سپهه سالار موسيٰ لاءِ مشهور آ ته ابو عبدالله جو حال نه ڏسي هڪ رات هو اڪيلي سر الحمرا جي "باب البرهه" مان نڪتو ۽ دشمن سان وڙهندي مري اندلس جي بچاءَ لاءِ وڙهندڙ آخري مسلمان جو لقب ماڻيو.

شاهه فرڊيننڊ ۽ ملڪ ازابيلا پاران غرناطه کي کيل هي گهيرو اٺ مهينا هليو ته ابو عبدالله کي 25 نومبر 1491ع تي مجبور ٿي ننڍون ناهه ڪرٽو پيو. جنهن موجب مسلمانن کي غرناطه خالي ڪرڻ لاءِ ڏيڍ مهيني جو واڌو مدو ڏنو ويو. ائين جنوري 1492ع تي اهو معاهدو ختم ڪرڻ کان اڳ ابو عبدالله "سبيقه جبل" جي ڪچ ۾ دفن پنهنجي ابن ڏاڏن جون هڏيون گڏ ڪيون. ٽپهري جي نماز پڙهي ۽ ٽيڪ چار ڏينهن پوءِ 6 جنوري 1492ع (بموجب 12-ربيع الاول 897هـ) تي ٽين وڳي ڏاري غرناطه جو دروازو کولرائي پنهنجي پنجاهه سوارن جي دستي ۽ زائفن سان گڏ الحمرا جي "باب المجدور" مان ٻاهر اچي ان وقت جي مسجد ۽ هاڻوڪي ڪليسا "سان سباستيان" وٽ پهتو. اهو تمام ڏکوئيندڙ ڏينهن هنو جڏهن "پيدول" (Padul) نالي پهاڙي وٽ غرناطه جي سرحد تي اسپين جو آخري مسلمان حاڪم "ابو عبدالله محمد" عيسائي فاتحن جو انتظار ڪندو رهيو. ائين شاهه فرڊيننڊ ۽ ازابيلا جيئن ئي غرناطه جي سرحدن تي پير رکيا ته ابو عبدالله سندن آڏو گوڏن ڀر جهڪي کين سلام ڪيو ۽ چيائين:

"اي سگهارا حاڪم! اسان توهان جا آهيون. اسان پنهنجو هي ملڪ، شهر ۽ حڪومت اوهان کي ڏئي رهيا آهيون. جو ته اها الله جي مرضي آهي ۽ الله ڪري ته اوهان اسان لاءِ رحمدل ثابت ٿيو." ائين هڪ پيرو ٻيهر جهڪي، هن پاڻ تي سوپ ماٽيندڙن کي سلام ڪيو ۽ ڏکندڙ هٿن سان الحمرا محل جون چابيون شاهه فرڊيننڊ کي ڏنيون ته هو رڳو هلڪو مرڪيو. هن اهي چابيون ملڪ ازابيلا جي حوالي ڪيون، جيڪي بعد ۾ سندن ولي عهد کان ٽي فوجي سپهه سالار "ڪائونٽ ٽيوڊلا" وٽ پهتيون. ڪنهن به نه ٽي ڄاتو ته شاهه فرڊيننڊ جي ان ٽوڪ واري ڪل ۾ ڪهڙا اٺ ڪٽ نياپا ۽ ڪهاڻيون لڪل هيون.

"The Spanish Balade" جي ليکڪ "لوڪهارٽ" موجب ته مسلمانن

جي 781 سالہ شان شوکت، علم، عقل ۽ عظمت جو خاتمو ڪندي "ابو عبدالله محمد" (جنهن بعد ۾ پاڻ کي سدائين اياڳو سڏيو)، الحمرا جون چابيون شاهہ فرڊيننڊ کي ڏيڻ کان پوءِ ٻاهر اچي هڪ پهاڙي موڙ تي آخري ڀيرو ڪنڌ ڦيري پنهنجي شهر ڏي ڏٺو ۽ پوءِ لاشعوري طور "الله اڪبر" چئي اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو تہ اها پهاڙي "مور جي آهہ" طور مشهور ٿي وئي. مشهور آ تہ مسلمانن جي هن "وقت کان اڳ واري هار" جي پوري طرح ذميوار ملڪ عائشہ بہ پٽ تي ٽوڪون ڪرڻ لڳي هئي ۽ ڪيس "عورتن وانگي روئيندڙ" ڪوٺي چيائين:

"تون مردن وانگي وڙهي نہ سگهيو آن، ان ڪري رڳو زنائفن وانگي روئي سگهين ٿو" تہ "ابو عبدالله محمد" وراڻيو هئو:

"جيڪڏهن تون اهي لفظ مونکي الحمرا ۾ چوين ها تہ مان هٿيار ڦٽا ڪرڻ بجاءِ انهن جي ڊير هيڻان پورجڻ پسند ڪيان ها." بهرحال غرناطہ ڇڏڻ وقت معاهدي موجب، ابو عبدالله پاڻ سان رڳو ٽيهہ هزار سونا سڪا ڪٽي سگهيو ۽ ڪجهہ وقت "البشارت" جي ويران رياست ۾ رهڻ کان پوءِ، اڪيلائي کان ڇڄي پنهنجي چاچي الزغل وانگي آفريڪا هليو ويو. گهٽا سال پوءِ جي هڪ تاريخدان چوائي تہ:

"غرناطہ کٽڻ کان رڳو ڏهہ سال پوءِ تائين بہ لک يهوديُن ۽ ٽي لک مسلمانن کي ملڪ مان ڪڍيو ويو ۽ "ڪارڊينل جيمز" نالي مسلمانن جي سڀ کان وڏي دشمن رڳو هڪ ڏينهن ۾ غرناطہ جي مسلمانن جي پلائي لاءِ ڪم ايندڙ "اسي هزار" دستاويز ساڙيا هئا. ائين ڪئين مسلمان ناحق ماريا ويا تہ ڪئين لڏ پلاڻ ڪري اتر آفريڪا هليا ويا.

صدين جو سوڀائي بڻجي مان قبر جي پاسي ۾ وينو هان. منهنجا هٿ دعا لاءِ ڪنيل پر چپ بند آهن. لفظ چاهيندي بہ منهنجي زبان تي نہ ٿا اچن. مان سنڌ ۽ سنڌين بابت سوچيان ٿو. سندن بي حسي، بي وسي، مات ۽ جڙ تہ ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ جو قسم... ۽ لڳيم ٿو وڃندڙ ڪنن ۾ ڪو پڙلاءُ گونجي رهيو آ... پڙاڏو ... گذري ويل وقت بابت.... ۽ جڙ ڪو چوندو هجي تہ ....."چا اسان پاڻ ئي پنهنجي قبرن کوٽجڻ جو سبب نہ ٿا بڻجون؟" ۽ اوچتو چپن تي التجا اچي وڃي ٿي... هڪ وينتي تہ:

"اي خدا! سنڌين جي هن ماڻ کي اندلس جي مسلمانن جي پڃاڻي جهڙي مثال جي شڪل ۾ ظاهر نہ ڪجاءِ."

•••

هڪ جانچ، جا پوري ٿي نہ سگھي

اسپيشل پوليس جي انسپيڪٽر جنرل نوابزادي اعتزاز الدين ۽ ڪجھ ٻين ماڻھن سميت ڪيس جا اھم ڪاغذ ڪٽي لاھور کان پشاور ويندڙ ايئرفورس جو جھاز (جنھن کي اي ۔ سي ۔ اي پائليٽ گروپ جو ماھر ھواباز احمد اڏائي رھيو ھئو) جھلم ويجھو، ڪيوڙھ جي لوڻ وارين کاٽين وٽ ڪري تباھ ٿي ويو. ھن حادثي ۾ توڙي ڪٽي جھاز کي باھ ۽ نہ لڳي پر اختيارين پاران سڀ ماڻھو ويندي گھربل مواد ختم ٿيل ليکيو ويو ۽ پاڪستان جي ڪجھ ٻين جانچن وانگي ھيءَ جانچ ۽ پوري ٿي نہ سگھي. وڏي ڳالھہ تہ جھاز جي ائين ڪري تباھ ٿيڻ جي جانچ ۽ نہ ڪرائي ويئي. ھي حادثو سال 1952 ۾ پاڪستان جي ان وقت جي وزيراعظم خواجا ناظم الدين پاران لياقت علي خان جي خون جي جانچ ڪرائڻ وقت پيش آيو. پاڪستان جي وزيراعظم کي 16 آڪٽوبر 1951تي ڏينھن جو چار وڄي ڏھن منٽن تي راولپنڈي ۾ پنجاھ ھزار ماڻھن جي ھڪ ميڙ کي خطاب ڪندي، سيد اڪبر نالي ھڪ افغاني پٺاڻ گوليون ھٽي ماريو ھئو. ڇيو وڄي ٿو تہ وزيراعظم جي پوليٽڪل سيڪريٽري نواب صديق علي خان واقعي کان پنج ڏينھن اڳ راولپنڈي جي ڊپٽي ڪمشنر کي فون ڪري جلسي جو انتظام ڪرڻ بابت ٻڌايو. ائين مقرر ڏينھن تي وزيراعظم صبح جو اٺين وڳي ڪراچي ماڻ نڪتو ۽ سادي يارھين وڳي چڪلالا جي ھوائي اڈي تي پھتو. ان کان پوءِ وارا چار ڪلاڪ ھو راولپنڈي جي سرڪٽ ھائوس ۾ رھيو. جتان 3 وڄي 47 منٽن تي پنڊي جي ڪمشنر انعام الرحيم سان گڏ جلسي جي جاءِ ڏي ھليو. ساڻس گڏ ماڻھن جي چوڻ موجب تہ رستي ۾ ھن زندگي جو آخري سگريٽ پيتو. C.I.D انسپيڪٽر شيخ ابرار احمد نالي ھڪ ملازم جنھن مثالي پوليس آفيسر طور ڪم ڪندي سال 1970 ۾ پوليس کاتي جو بھادري جو سڀ کان وڏو انعام ۽ حاصل ڪيو ۽ رڳو ڪجھ سال اڳ A.I.G پوليس جي عھدي تان رٽائر ٿيو، پنھنجي ڪتاب "نقوش زندگي" ۾ لکي ٿو تہ:

"تن ڏينھين جيئن تہ ڪشمير جو مسئلو تمام گھٽي بحث ھيٺ ھئو،ان

کري ماٹھن جي پيهر گهٽ ڪرڻ لاءِ، مقامي انتظاميه جي هدايتن موجب، استيج تي رڳو هڪ ڪرسي رکي ويئي. ائين وزيراعظم جينئن جلسي ۾ آيو، قاري صاحب جي تلاوت، مسلم ليگ جي مقامي صدر شيخ عمر جي آجيان وارن لفظن ۽ راولپنڊي ميونسپل جي چيئرمين شيخ مسعود صادق پاران سپاسنامو پيش ڪرڻ کان پوءِ تقرير لاءِ اٿي، مائيڪرو فون اڳيان پهچي هن اڃان "برادران ملت" ۽ مس چيو ته ڪانئس 18 فوٽ ڪن پري ڊائس جي ڪاپي پاسي گملن جي قطار جي پويان وينل هڪ شخص ڪيس گولين هنيون. ڏڪ لڳندي ئي لياقت علي خان، "الله" چئي دل ته هٿ رکيو ۽ اتي ئي ڪري پيو.

چون ٿا ته جلسي ۾ موجود راولپنڊي جي هوميو پيٿڪ ڊاڪٽر چوڌري رفيع تمام جلدي ڪيس تپاسيو ۽ پاڻي پيارڻ جي ڪئي پر رڳو ڪجهه ٽيپا پاڻي اندر ويو. ائين دير ڪرڻ بنا وزيراعظم کي ان وقت ئي ڪشميري معاملن واري وزير نواب مشتاق احمد گورماڻي جي ڪار ۾ "ڪمبائين ملٽري اسپتال" ۾ آندو ويو جتي ڪرنل سرور ۽ ڪرنل ميان ڪيس بچائڻ جي ڪٽي پر چگو ٽيٽ بجاءِ هن ٻيڪ چار لڳي پنجاهه منٽن تي دم ڏنو.

ياد رهي ته لياقت علي خان جي غلط پاليسين ڪري سندس اقتدار ۾ هجڻ اڪثر ماٹھن کي پسند نه هئو. هن سنڌين کي "ان هڪلينڈڙ قوم" ڪونيو. بلوچن لاءِ به اهڙي ئي راءِ ڏني پر باهران هجرت ڪري آيلن کي "عظيم تهذيب جا مالڪ" چيو. هن پنهنجن کي ورسايو ۽ ڪوشش ڪري مهاجر آفيسرن کي وڏن وڏن عهدن تي مقرر ڪيو. مشهور آ ته تن ڏينهين صوبن ۾ مسلم ليگ جا اندروني اختلاف چوٽ چڙهيل هئا ۽ خانصاحب پاڻ کي انهن جهيڙن کان اڻ ڏريو رکي نه سگهيو ته خوشامدي ماٹھن جي ور چڙهي ويو. ائين سندس ذات به صوبن جي تنقيد ۾ اچڻ لڳي. هن جي خوشامدڙين، وزارت عظميٰ سان گڏ ڪيس مسلم ليگ جي صدارت جو تاج پارائي سندس لاءِ ڏڇو پيدا ڪري وڏو. نتيجي طور ملڪ ۾ تمام گهٽا احتجاج ٿيا. اخبارن اداريه لکيا. جلسا نڪرڻ لڳا ۽ جلوس ۽ فشري وڏندي رهي. چيو وڃي ٿو ته ان وقت جي اخبار "نواءِ وقت" هڪ ايڊيٽوريل لکي ڪيس، "وزارت عظميٰ ۽ مسلم ليگ" کي "هٿ جو لکٽ ۽ گهوڙي" سمجهڻ وارن خطرن کان خبردار ڪيو. ايتري قدر جو مسلم ليگ جي مرڪزي ڪائونسل جي اجلاس ۾ هڪ پيري ميان عبدالباري نالي صوبائي صدر ڪيس چيو هئو:

"جيڪڏهن تو ليگ کي پنهنجي خريد ڪيل پانهي بٽائڻ ۽ پنهنجن کي

نوازڻ واري پاليسي نہ بدلائي تہ ڊپ اڇ، ڪٿي ڪير توکي گولي هڻي نہ ماري."
لياقت علي خان کي اها ڳالهہ اينتري تہ خراب لڳي جو هن اتي ئي ميان عبدالباري کي بيعزتو ڪيو هئو. چون تا تہ ان کان اڳ هن ميان عبدالباري کي، حميد نظامي ۽ ممدوٽ جي هٿن ۾ ڪيڏڻ جو مهڻو ڏنو هئو پر بعد ۾ ڪيس گورنري، وزارت ۽ سفارت ڪاري جي لالچ ۾ ڦاسائڻ چاهيو تہ مولانا تائيپ ميان عبدالباري وراٿيو هوس:

"خانصاحب، تون هڪ درويش کان ان جي فقيري پيو کسين. باري وڪامندو ناهي." ائين پاڪستان نهڻ کان پوءِ "سيد حسين شهيد سهروردي" بہ جڏهن لياقت علي خان جي پاليسين تي ٽوڪ ڪئي تہ ڪيس "پن ٻيڙين جو سوار" ڪوٺي ماڻ رهڻ جو چيو ويو.

ياد رهي تہ پنجاب جي ان وقت جي انگريز گورنر "فراسز موڊي" جي "مس ميڪوئين" نالي پائٽي، جا تن ڏينهين "پنجاب ريد ڪراس" جي صدر هئي، تي جڏهن ٻاونجاهہ لک روپيا هڙپ ڪرڻ جو ڪيس لڳو تہ اتان جي پنجن مسلم ليگي جوانن جي هڪ وفد، 30- جون 1949 تي "وزيراعظم هائوس" ڪراچي ۾ لياقت علي سان ملي، ڪيس پنجاب جي گورنر کي هٽائڻ ۽ خاص عهدن تي وينل انگريز عملدارن کي بدلي ڪرڻ لاءِ چيو تہ خانصاحب مٿن تمام گهتو ڪاوڙيو هئو:

"توهان چاهيو تا تہ مان انهن کي زهر ڏيان. حالانڪ انهن ماڻهن ئي پاڪستان ناهڻ ۾ اسان جي مدد ڪئي هئي." مشهور آ تہ لياقت علي خان جي ان جواب تي مڃرجي وفد ۾ شامل پير صلاح الدين نالي هڪ رکن(جنهن جي جذباتي طبيعت ڪري سندس دوست ڪيس تنظيم جو ماسٽر تارا سنگهہ سڏايندا هنا) پنهنجو سجو هٿ زور سان وزيراعظم جي ميز تي هڻندي چيو هئو:

"نہ خانصاحب... توهان اهو زهر اسان کي ڏيو. اسان انصاف گهرڻ آيا آهيون پر توهان ان تي سوچڻ بنا اسان جي هر ڳالهہ جو جواب ڪاوڙ مان پيا ڏيو." اها بي ڳالهہ آ تہ بعد ۾ 13جولاءِ 1949 کان هلائي ويندڙ عوامي تحريڪ جو زور ڏسي "گورنر موڊي" پاڻمرادو استعفا ڏني ۽ پائٽي کي وني انگلنڊ هليو ويو پر لياقت علي خان سندس خلاف ڪم ڪري ڪيس رنج ڪرڻ نہ پئي چاهيو. چيو وڃي ٿو تہ انگريز عملدارن کي حڪومت مان ڪيڻ واري ڳالهہ تان ڪاوڙجي لياقت علي خان جڏهن 25 جنوري 1949 تي پنجاب اسيمبلي ۾ گهٽائي رکندڙ

افتخار حسن ممدوٽ جي حڪومت ختم ڪئي ۽ اسيمبلي ٽوڙي صوبي ۾ گورنر راج لاڳو ڪيو ته اهڙي غير آئيني قدم تي به پنجاب جي اڪثر شهرن ۾ چراغان ڪيا ويا. بعد ۾ ممدوٽ جڏهن حميد نظامي سان گڏجي مرڪزي حڪومت جي اهڙي آمرانه روش خلاف هلچل شروع ڪئي ته هن خلاف 1949 جي "پرودا" ايڪٽ هيٺ ڪيس داخل ڪيو ويو. جنهن ۾ سيد حسين شهيد سهروردي، ممدوٽ جي وڪالت ڪئي ۽ تحقيقاتي ڪميشن 8 سيپٽمبر 1950 تي سندن حق ۾ فيصلو ڏنو. اهڙيون ڪئين ڳالهيون هيون جن جي ڪري لياقت علي خان پنهنجو اثر وجايو ۽ سندس خلاف نفرتون وڌڻ لڳيون.

سال 1923 ڌاري جايل سيد اڪبر بابت مليل ڄاڻ موجب ته هو ڏکڻ افغانستان جي "خوست" صوبي ۾ رهندڙ "زوران" قبيلي جي ليڊر "ببرڪ" جي نون پٽن مان هڪ هئو. جيڪو پنهنجي وڏي پاڻ "مرزڪ خان" سان گڏ افغان حڪمران "خان امان الله خان" سان بغاوت ڪري ورهاگي کان اڳ ئي سال 1946 کان سرحد صوبي جي مشهور شهر ايبٽ آباد ۾ اچي رهڻ لڳو ۽ سرڪاري طور ساڍا چار سئو روپيه وظيفو ڪٽندو هئو. ان ڪري ئي "نيويارڪ ٽائيمز" ۾ شايع ٿيل "Associated report" موجب ڪيس حڪومتي وظيفي تي جيئندڙ "پاڪستاني خوني" ڪوٺيو ويو. سيد اڪبر فطري طور جوشيلو، مطلبي، تنگ نظر، ڪاوڙجندڙ ۽ رڳو پنهنجي ڳالهه مڃائيندڙ هئو. هو ننڍين ننڍين ڳالهين تي جهيڙا ڪندو ۽ پنهنجي مخالفن کي سخت نتيجن جي ڌمڪي ڏيندو هئو. هن شروع ۾ مذهبي تعليم به ورتي پر مذهب بابت ايترو سنجيدو نه رهيو. ائين هو فلمون به ڏسندو هئو. پر سال 1946 کان ئي مٿس جنونيت ۽ حساسيت چانئبي ويئي. هو روزي نماز جو پابند، ڏهاڙي قرآن پڙهندڙ ۽ زڪوات ڏيندڙ هئو. هر ڪم مذهب جي نظر سان صحيح يا غلط سمجهي ڪيائين ۽ ڪشميري حالتن بابت اڪثر ويڳاڻو رهيو. ايتري قدر جو مسجد ۾ نماز پڙهندي هن پيش امام کي به اڪثر جهاد بابت تقريرون ڪرڻ جو چيو. مشهور آ ته ايبٽ آباد جي سرڪاري اسڪول جي هڪ استاد جڏهن "جوا ۽ شراب" خلاف ڪتاب لکيو ته سيد اڪبر ان جون ٻٽي سوَ ڪاپيون خريد ڪري ماٺهن ۾ مفت ويرهايون. ائين آگسٽ 1951 ڌاري جڏهن پارٽي فوجون پاڪستاني سرحد تي آيون ته سيد اڪبر جهاد وقت پائڻ لاءِ سائي رنگ جا ڪپڙا ٺهرايا ۽ هڪ هزار قبائلي مجاهدن جي لشڪر جي رهبري ڪرڻ ۽ سندن ڏيڍ مهيني جي راشن لاءِ حڪومت کي ست هزار روپيه روڪ ڏيڻ جي به آڇ

ڪئي. سندس زال مسمات "ململ" جي چوڻ موجب ته، سيد اڪبر، ڏوهه ۾ ڪتب آندل پستول هڪ افغاني پٺاڻ (جيڪو ڪيس ايبٽ آباد ۾ مليو) کان نَوَ سَئو روپين ۾ ورتو ته هو ڪشمير جي آزادي لاءِ جهاد ۾ حصو وٺندو. ان پستول جو لائسنس سال 1947 ۾ ڪيس هزاره جي ڊپٽي ڪمشنر ڏنو، جيڪو رڳو سرحد صوبي لاءِ هئو. بعد جي جانچ موجب ته سيريل نمبر 8261 وارو 9 ايم ايم جو مائوزر نموني جو اهو خطرناڪ پستول اڀائي سَئو فٽن تائين مار ڪري سگهندڙ هئو. چيو وڃي ٿو ته پنهنجو نشانو پڪو ڪرڻ لاءِ سيد اڪبر، پهاڙين ۾ وڃي پريڪٽس ڪندو هئو. سندس زال جي چوڻ موجب ته ليافت علي خان، پنهنجي زال "بيگم رعنا" سوڌو هڪ وار جڏهن ايبٽ آباد جي "ڪمپٽي باغ" ۾ جلسي کي خطاب ڪيو ته منهن اگهاڙي بيگم رعنا کي ڏسي، سيد اڪبر ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ گهر اچي زال کي چيو:

"افغان بادشاهه 'ظاهر شاهه' جي زال پردو ڪري ٿي. سرحد جي وڏي وزير 'خان عبدالقيوم خان' جي زال پردو ڪري ٿي پر ليافت علي خان جي زال پردو نه ٿي ڪري... هوءَ منهن اگهاڙي وچ ماٺهن ۾ ويني هئي. ان وقت جيڪڏهن مون وٽ پستول هجي ها ته ڪيس اتي ئي گولي هٽي ماريان ها"

چيو وڃي ٿو ته 14 آڪٽوبر 1951 تي سيد اڪبر ايبٽ آباد مان اچي پنڊي جي صدر واري علاقي ۾ موجود "گرانڊ هوٽل" ۾ رهيو. هي هوٽل ايبٽ آباد جي رهندڙ "الله داد" نالي هڪ خاڪسار جو هئو جنهن مارچ 1951 واري چونڊن دوران وزيراعظم جي سرحد ۽ پنجاب جي دوري وقت سندس جنازي جو جلوس ڪڍيو اهڙين اٺ وٺندڙ سرگرمين ڪري ڪيس سرحد صوبي مان نيڪالي ڏني ويئي هئي. هوٽل ۾ سيد اڪبر سان گڏ سندس يارهن سالن جو پٽ دلاور خان به ترسيل هئو. هو 16 آڪٽوبر 1951تي ٻپهري جي نماز پڙهي هڪ ٽانگي تي ويهي ڪمپني باغ ۾ آيا ۽ اناس جو ڏبو وٺي هڪ ٻئي پٺاڻ سان گڏ ويهي کاڌو. سيد اڪبر بعد ۾ پنهنجي پٽ کي گهر واپس وڃڻ بابت سمجهايو ۽ پاڻ جلسي واري هنڌ پهچي ڏاڍس جي چوڌاري رکيل گملن جي قطار وٽ ويهي رهيو.

مليل شاهدين موجب ته سيد اڪبر ٽي گوليون هلايون، جن مان هڪ وزيراعظم جي دل ۽ ٻي پيٽ ۾ لڳي ۽ هڪ گولي گسي ويئي هئي. سيد اڪبر کي بعد ۾ شيخ لال دين نالي هڪ ليڪڪ (ڪن شاهدن موجب ته هو پهلوان به هئو) سوگهو ڪري ورتو ته هن ٽونٽ جو زورڏيئي پري ڪندي ڪيس به گولي هٽڻ

جي ڪئي پر لال دين،جنهن بعد ۾ ان سورهيائي تي انعام ۽ حاصل ڪيو، ڪيس نه چڏيو. ان دوران CID جي انسپيڪٽر شيخ ابرابر اڳتي وڌي سيد اڪبرجي هٿ تي پير رکي ڪانئس پستول کسي ورتو ته هو هٿين خالي تي پيو ۽ ائين ڪيس تمام سولائي سان پوليس ڪسٽڊي ۾ وڃي اصل جوابدارن تائين پهچي سگهجي هان، پر ڪم خراب تي پيو. راولپنڊي جي انچارج ايس پي "خان نجف" جي حڪم تي سب انسپيڪٽر سيد محمد شاهه، هڪ ئي وقت پنج گولين هڻي خوني سيد اڪبر کي ماري وڌو. بعد ۾ توڙي ڪٽي ڪٽين ٻين ماڻهن ۽ لاش کي پالن سان ڪٽيو پر اصل غلطي چو تي، اها ڳالهه ڳجهي ئي رهجي ويئي. عجيب ڳالهه آ ته سيد اڪبر کي مارڻ جو حڪم ڏيندڙ "خان نجف خان" کي بعد ۾ ترقي ڏني ويئي. جڏهن ته سيد محمد شاهه کي نوڪري تان لاهي ڪاتي پاران جاچ ڪري ڪيس بي ڏوهي قرار ڏئي عهدو وڏايو ويو. چيو وڃي ٿو ته بعد ۾ هن جون مالي حالتون ايتريون ته سڌريون جو هن "ڪڏين" (ڪپڙي اٽڻ جا آڏاڻا) جو ڪارخانو کوليو. اها ٻي ڳالهه آ ته سيد محمد شاهه جي نوڪري تان رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيس پنجاب جي گجرات ضلعي جي هڪ ڳوٺ "مدينه" ۾ ڪن اڻڄاتل ماڻهن پاران ڏينهن ڏني جو گولين هڻي ماريو ويو ته جڙ هن ڪيس جي ڪاغذن تي دز جمي ويئي.

راولپنڊي جي سول سرجن، جنهن بعد ۾ سيد اڪبر جو پوسٽ مارٽم ڪيو، جي چوڻ موجب ته:

«هن جي بت تي ڪل 35 ڏڪ هئا. جن مان چار گولين جا ۽ باقي پالن جا هئا. ائين گولين نه لڳڻ جي صورت ۾ به هو بچي نه سگهي هان چو ته ٻيا ڏڪ اڃان به خراب هئا. ان حد تائين جو سندس پاسيرين به ڦڦڙن ۾ گهڙي ويون هيون. تنهن هوندي هن جي بت تي جيڪڏهن رڳو گولين جا ڦٽ هجن هان ته هو شايد بچي سگهيو ٿي." سيد اڪبر جي مرڻ تي تلاشي دوران وٽانئس =/204 روپيه ۽ سندس گهران =/7650 روپيه مليا. جڏهن ته بمبئي جي هڪ سون ٽاهيندڙ اداري "مُني لال چمن لال اينڊ ڪمپني" جون تيار ڪيل سون جون 38 سونيون سرون به هٿ آيون. جنهن لاءِ بعد ۾ چيو ويو ته اهي سرون نقلي هيون ۽ جانچ ڪندڙ ڪميشن آڏو به نه آنديون ويون. وڌيڪ مليل ڄاڻ موجب ته سيد اڪبر جي گهران يا سندس مرڻ کان پوءِ ڪيسي مان هٿ آيل نوٽ ساڳي ئي سيريز جا هئا.

راولپنڊي پوليس شروع ۾ ته سيد اڪبر جي ڪيل هن واردات کي

"خاڪسار تحريڪ" وارن جي سازش ڪوٺيو، جنهن ۾ سيد اڪبر جو سندن هوٽل ۾ رهڻ سان گڏ "علامہ مشرقي" سوڏو "خاڪسار تحريڪ" جي اڪثر ماڻهن جو جيل ۾ هجڻ وارو سبب ڄاڻايو ويو پر پنڊي پوليس بعد ۾ پنهنجا اهي رايا بدلائي ڇڏيا. ائين جانچ دوران ريڊيو پاڪستان جي ريڪارڊنگ مان خبر پئي ته هن واقعي ۾ رڳو انيتاليهن سيڪنڊن ۾ ڏهه گوليون هليون. جن مان ٽي گوليون سيد اڪبر جي پستول مان (جن مان به وزيراعظم کي لڳيون ۽ هڪ miss ٿي)، پنج گوليون سب انسپيڪٽر شاهه محمد جي ريوالور ۽ به رائيفل مان هلايون ويون.

چيو وڃي ٿو ته لياقت علي خان جڏهن اسپتال ۾ دم ڏنو ته نواب گرماٽي ۽ ملڪ غلام محمد جيڪو پهريان کان ئي راولپنڊي ۾ پنهنجي مائٽ ڊي. ايم. ملڪ وٽ ترسيل هئو، اقتدار ۽ عهدن جي ونڊ ورهاست بابت گڏجاڻي ڪئي. ملڪ غلام محمد وزيراعظم بنجڻ ٿي چاهيو پر "نٽيا گلي" گهمڻ لاءِ ويل گورنر جنرل خواجہ ناظم الدين، اتان موٽي ان فيصلي مجڻ کان انڪار ڪيو ۽ پاڻ هيٺين عهدي تي لهي وزيراعظم ٿيو، جنهن ڪالهه تي بعد ۾ ملڪ غلام محمد ۽ هن ۾ ناهوکي ڇنڊاپٽ به ٿي. گورنر جنرل جي حيثيت ۾ ملڪ غلام محمد نه رڳو خواجہ ناظم الدين جي ٽيليفون ڪٽرائي ڪيس گهر ۾ بند ڪرايو پر سندس سرڪاري ڪار ۽ گهر تان پاڪستاني جهنڊو به لهرائي ڇڏيو. "انڊين آڊٽ ۽ اڪائونٽس سروس" جو معمولي آفيسر ملڪ غلام محمد جنهن جي، ورهاڱي نه ٿيڻ جي صورت ۾ وزير ٿيڻ جيتري به گنجائش نه هئي، لياقت علي خان جي حڪومت ۾ خزاني جو وزير هئو ۽ پوءِ گورنر جنرل بڻيو، نمائشي سربراهه بڻجڻ قبول نه ڪندي خواجہ ناظم الدين جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي. خواجہ صاحب بنيادي طور شريف انسان هئو. هن وٽ سچائي ۽ جذبو هئو. ايتري قدر جو حڪومت ۾ هوندي به هو ننڍڙي فليٽ ۾ رهندو هئو. پر فالج جي حملي ۾ مريض ٿي مئلن جهڙي زندگي گذاريندڙ ملڪ غلام محمد ۾ هڪ مڃيل ڪاموري وارا سڀ گُر هئا. ان خواجہ صاحب کي صحيح طرح ڪم ڪرڻ نه ڏنو ته خواجہ ناظم الدين، "دولت مشترڪہ" جي ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ لنڊن وڃي، آئيني گهرجن هيٺ (چو ته ان وقت تائين پاڪستان، رسمي طور برطانوي تاج جي حڪمن مجڻ لاءِ پابند هئو) هن برطانيہ جي راڻي کي، ملڪ غلام محمد جي لاهڻ لاءِ زور پريو پر سندس ڪالهه نه هلي. اڃان به عذاب ته خواجہ صاحب جي ان دانهن تي ڪاوڙجي گورنر جنرل ملڪي دستور معطل ڪري ڇڏيو ۽ اها

حالت تيسين رهي جيسين ملڪ غلام محمد مري نه ويو. وڏي ڳالهه ته خواجه صاحب پوءِ به سندس جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيو. بهرحال لياقت علي خان کي اسپتال ۾ ئي وهنجاريو ويو ۽ اسپتال جي مريضن جي خواهش تي رات جو نائين وڳي سندس جنازي نماز پڙهي لاش رکي پين ليڊرن جو انتظار ڪيو ويو پر ميٽنگ ۾ هجڻ ڪري هو يارهين وڳي تائين به نه آيا ته لاش ڪراچي آندو ويو. پر اتي به "گورنمينٽ هائوس" ۾ پوري ڪابينه جو اجلاس هلڻ ڪري لاش بنا دفن ٿيڻ جي پيو رهيو. تان جو منجهند جو هڪ وڳي ڌاري جڏهن لاش جي خراب ٿين جو ڊپ وڌيو ته مٿس بار بار عطر چڙڪايو ويو ۽ مڙهه هڪ ننڍڙي ڪوني ۾ ڪٽي اڇي اتي ڪئين مڻ برف جون سرون رکي پڪا هلائي ڪمري کي ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ ائين لياقت علي خان کي مرڻ کان چوويهه ڪلاڪ پوءِ ئي متي جي هنج نصيب ٿي. خواجه ناظم الدين، جنهن کي ننڍپڻ ۾ "گاما" به چوندا هئا، لاءِ مشهور آ ته لياقت علي خان جي هوندي هڪ وار ڪابينه جي اجلاس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ لاهور کان ڪراچي آيو ته وزيراعظم جي پوليٽيڪل سيڪريٽري نواب صديق علي خان کان پڇيائين:

"ڇا پاڪستان ناهڻ جو مطالبو صحيح هئو؟" ۽ صديق علي خان اڃان ڪابه ورندي نه ڏني ته خواجه صاحب پاڻ ئي چيو هئو... "مان رڳو ايترو سمجهان ٿو... جيڪڏهن پاڪستان نه ٺهي هان ته غلام محمد، گڏيل هندستان جو وزير خزانه بڻجي نه سگهي هان." خواجه صاحب، بيگم رعنا کي "تاحيات" پينشن ۽ سندس بن يارن اڪبر ۽ اشرف کي 25 سالن تائين جو تعليمي وظيفو ۽ "باٿ آئي لينڊ" ۾ رهڻ لاءِ سرڪاري گهر "ملت هائوس" ڏياريو ۽ لياقت علي خان جي مرڻ کان اٺ ڏينهن پوءِ اعلان ڪندي، خون جي جانچ بابت "فيڊرل ڪورٽ" جي جج مسٽر جسٽس محمد منير (صدر) ۽ پنجاب جي مالياتي ڪمشنر مسٽر اختر حسين (رکن) تي ٻڌل هڪ ڪميشن جوڙي جنهن ۾ پنجاب جو A.G خان عبدالعزيز خان ۽ اڳوٽو انسپيڪٽر شيخ فيض محمد، ترتيبوار حڪومتي ۽ عوامي نمائندن طور شامل ٿيا. ڪميشن 8 نومبر 1951 کان لاهور ۾ پنهنجي ڪارروائي شروع ڪئي ۽ 17 آگسٽ 1952 تي رپورٽ ڏني ته:

"سيد اڪبر جنوني مذهبي هجڻ جي ناتي سان هي خون ڪيو." پر ماٿهن هن فيصلي کي ڪنهن به طرح نه قبوليو. مشهور آ ته تن ڏينهين "Dawn" اخبار جي ايڊيٽر "الطاف حسين" جڏهن "Why? Why? Why?" جي عنوان

سان ايڊيٽوريل لکيو ته لاهور مان پوليس جي هڪ ٽيم سندس گهر پهچي ويئي هئي. چيو وڃي ٿو ته ٽيم جو روبو تمام سخت هئو ۽ منجهن شامل هڪ شخص، ايڊيٽر صاحب جي پاسي ۾ ويهي سندس ڪن ۾ سس پس ڪندي ڪيس بڌايو ته "هو پاڻ نه آيا آهن پر ڪين موڪليو ويو آ. ان ڪري بهتر آ ته مان رهه نه ته توکي به ليا قت علي خان وٽ پهچايو ويندو." تنهنجي هوندي پارليامينٽ جي ڊپاءَ ۽ ماٹهن جي زور تي، پاڪستان حڪومت، 25 آگسٽ 1952 تي اعلان ڪري "اسڪاٽ لينڊ" جي جاسوسن جون خدمتون حاصل ڪيون ۽ اتان جي "مسٽر سي ـ ڊبليو ـ يورين" نالي هڪ جاسوس کي 28 نومبر 1954 تي پاڪستان گهرائي جانچ ڪرڻ لاءِ چيو ويو. ائين "مسٽر يورين" حڪومت جي وزارت داخلا ۾ "آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي" طور ڪم ڪندو رهيو ۽ ڇهن مهينن جي جانچ کان پوءِ پنهنجي خدمتن جي عيوض ڏهه هزار برطانوي پائونڊ عيوضو وٺي پنهنجي 16 بابن ۽ 66 صفحن تي ٻڌل رپورٽ ڏيندي نتيجو ظاهر ڪيو ته:

"شهيد ملت جو خون ڪنهن به سازش هيٺ نه ٿيو پر اهو هڪ قاتل جو ذاتي فعل هئو." هيءَ رپورٽ 16 جون 1955 تي پوري ٿي ۽ 25 جون 1955 تي چيڀرڻ لاءِ جاري ڪئي ويئي. جڏهن ته ڪن حلقن ۾ اها ڳالهه به هلندي رهي ته حڪومت پاران "مسٽر يورين" سان تعاون نه ڪيو ويو هئو. خبر ناهي ته ان ڳالهه ۾ ڪيتري سچائي آ. پر لڳو ٿي ته ماٹهو اهڙي جانچ مان ڪنهن به طرح خوش نه هٿا ۽ جن به ماٹهن پاڻ کي هن واقعي بابت جاڻڻ سان ڳنڍيل رکيو انهن بابت چوپچو هلندي رهي ۽ شايد تڏهن ئي ڪراچي ۾ پوليس جي چيف طور ڪم ڪندڙ "مسٽر ايم ـ اي ـ عبدالله" نالي هڪ اڳوٽي عملدار هڪ اخباري بيان ذريعي، جيڪو 13- نومبر 1962 تي "انگريزي اخبار ڊان" ۾ چپيو، سرڪار کي گذارش ڪئي ته "جيڪڏهن سندس حفاظت جو ذمو ڪنيو وڃي ته هو رڳو ٽن مهينن جي مدي ۾ جانچ پوري ڪري اصل ڏوهي ظاهر ڪندو." پر سوال اهو آ ته چا هتي ڪا به جانچ اڻ ڏري ٿي سگهي ٿي ۽ چا اهڙي ڪنهن به واقعي جي جانچ پوري ٿي سگهي آ. قائداعظم محمد علي جناح جو مرڻ، جهاز جو خراب ٿيڻ، ڊاڪٽرن جو دير سان پهچڻ، ذوالفقار علي ڀٽي جو معاملو، سي ـ 130جو بهاولپور ويجهو ڪرڻ، شاهنواز ڀٽو جو فرانس ۾ ٽيل موت يا پيٽ جي حڪومت ۾ پاءُ جو ناحق قتل، جنهن لاءِ ڪو سمجهو ماٹهو به مشڪل سان ئي ڪا راءِ جوڙي سگهي ٿو، چا سپ انٽيليجنس جا ڪارناما آهن ۽ انٽيليجنس آخر چا ٿي چاهي؟ جيڪڏهن ڪو ماٹهو ملڪ لاءِ سچائي سان ڪم ڪرڻ چاهي ٿو ته چا هو اهو سوچي ئي وڪ وجهي ته سندس هر قدم ٻاٻرن ٽاندن تي پيل ملندو.

●●●

بنا تاج واري شهزادي ليليٰ

سندس من ۾ ڪو مجنون پنهنجو پيار پيدا ڪري سگهيو يا نه، پوءِ به هوءَ ليليٰ هئي. ايڪيهن سالن جي اداس چوڪري، جنهن محبت کي رڳو "پنهنجي ڳولا" سان پيٽيو. ايراني شهنشاهه "محمد رضا شاهه پهلوي" جي دادلي ڏيءَ ليليٰ، جنهن کي پنهنجي گهر وارن سان گڏ نون سالن جي عمر ۾ جلاوطن ٿيڻو پيو ۽ پوءِ جيون جي آخري گهڙين تائين جيئندي به هوءَ ايران کي وساري نه سگهي. ان لاءِ نه ته هوءَ اتان جي اڳوڻي بادشاهه جي ڏيءُ هئي پر ان لاءَ ته هو ان مٽي مان جائي ۽ اتان جو پاڻي سندس رڳ رڳ ۾ شامل هئو. عظيم ثقافت، علم ۽ تاريخ رکندڙ ايران هن جو ڏيهه هئو. شايد تڏهن ئي هوءَ خوابن ۾ به ان مٽي جي مهڪ سُنگهندي رهي.

ليليٰ جي ڏاڏي "رضا شاه کبير" ذري گهٽ ته مُني صدي اڳ "ايراني قازق برگيڊ" جي ڪرنل جي حيثيت ۾ فوجي انقلاب آڻي "احمد شاهه ڪاجر" کي لاهي، پهريان وزير جنگ، پوءِ وزيراعظم ۽ ائين سال 1925ع ۾ ايران جي "فرمانبردار مجلس آئيني" پاران ملڪ اجازت پويان بادشاهت جو اعلان ڪيو ته "قماچار" حاڪمن کان تنگ ٿيل ايراني عوام سندس ان قدم جي ڪا خاص مخالفت نه ڪئي. اها اتان جي حڪمرانن جي عياشي جي انتها هئي ته ايران تي چاليهه سال لاڳيتو حڪومت ڪندڙ "شاهه نصير الدين،" جنهن کي 1896 ۾ خون ڪيو ويو، ايترو ته سخت رندي باز هئو جو پنهنجي اهڙن افعالن ڪري پئرس جي نائيٽ ڪلبن جو قرضي ٿيڻ تي ڇهه طور اتي رکيو ويو. جنهن کي بعد ۾ ايراني عوام، فرانس کي عيوض طور پنهنجي ملڪ ۾ معدني وسيلن جي ڪوٽائي جي اجازت ڏئي آزاد ڪرائي واپس آندو. اها بي ڳالهه آ ته "محمد شاهه رنگيلي" جي وقت واري "تخت هائوس" جو وارث بڻجي پنهنجي بادشاهي برقرار رکڻ لاءِ "رضا شاه کبير" به ماڻهن تي گهٽ ظلم نه ڪيا. ديني عالمن کي بادشاهه پاران پنهنجي سر پادر هٽڻ کا وڏي ڳالهه ڪونه هئي. ائين هُن جيئرا ماڻهو پورايا ۽ خانه بدوش قبيلن کي گڏ رهڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ سندن ڪوهن ۾ زهر وجهرايو.

ٻي مهاپاري لڳندي ئي زبردستي جلاوطن ڪيل "رضا شاهه ڪبير" (جنهن ملڪ ڇڏڻ کان ٽي سال پوءِ "جوهانسبرگ آفريڪا" ۾ وفات ڪئي) جي جاءِ تي بادشاهه بڻيل، ليلىٰ جي پيءُ "محمد رضا شاهه پهلوي،" رڳو ان ڪري پنهنجي ٻن زالن کي طلاق ڏني ته هو ايراني بادشاهت جو ولي عهد پيدا ڪري نه سگهيون هيون. تاج جي چئن بادشاهن ۾ برطانوي King بابت چرچا ٻڌائيندڙ مصر جي بندري قد واري البانوي نژاد "شاهه فاروق" جي، اڪثر "ڪير سان وهنجندڙ پيٽ شهزادي فوزيه" سان پنهنجي اوٽويهين سالگرهه (25-10-1938) واري ڏينهن مگٽي (ان ڏينهن بعد جي ايراني خاتون اول "رائي فرح ديبا" رڳو ڏهن ڏينهن جي هئي) ۾ پوءِ پهرين شادي ۾ ائين ڪجهه سالن بعد ڪيس طلاق ڏيڻ کان پوءِ ايران جي "بختياروي قبيلي" جي سردار جي جرمن زال پيٽان جايل ۾ سوئٽزرلينڊ ۾ پڙهندڙ ٻي حد حسين ڏيءَ "ثريا اسفنديار" سان سال 1951 ۾ پي شادي ڪندڙ "محمد رضا شاهه" نه رڳو هڪ سٺو سپاهي پر بهترين تيراڪ، گهوڙيسوار ۽ ماهر هواباز به هئو. مغربي پريس پاران "حد کان وڌ عياش" ليکيو ويندڙ شهنشاهه بابت توڙي ڪٽي پيو به گهٽو ڪجهه چئي سگهجي ٿو، پر اها حقيقت هئي ته منجهس ڪنهن به طرح ايران جي اڳوٽن حاڪمن جهڙيون "ڪئين سو زالون رکڻ" واريون عادتون نه هيون.

ليلىٰ جي ماءُ "فرح ديبا" ايران جي مڊل ڪلاس ۾ جائي. اهي ڏينهن جڏهن تهران جي گهرن ۾ وهنجڻ جي پاڻي جو بندوبست نه هجڻ ڪري ننڍا وڏا مرد توڙي زائفون ٻاهر حمامن ۾ وهنجنديون هيون، ته ستن سالن جي "فرح ديبا" کي حمام ۾ وهنجارينڊ پوڙهي عورت اڪثر اهو فارسي گيت جهونگاريندي هئي:

"اسان توکي ڪنهن کي نه ڏيندا سي،
پوءِ پلي بادشاه به
پنهنجا وزير، درباري
۽ سپ گهوڙا ڪاهي،

"توکي پنهنجي محل ۾ وڃي وڃڻ لاءِ چونه اچي." ضروري نه هئو ته حمام ۾ ڪم ڪندڙ ان پوڙهي عورت جو اهو گيت رڳو "فرح ديبا" لاءِ ئي هجي ۽ نه وري ڪيس خبر هئي ته سندس اهڙي گيت جهونگارڻ تي ڪنهن جي قسمت بدلجي ويندي. پر عجيب اتفاق ته اهو گيت رڳو "فرح ديبا" تي ئي ٿمڪي آيو. "اولمپڪ استار" ٽيٽ جو خواب من ۾ سانڍي جيئندڙ "فرح ديبا" جنهن

ٻارنهن سالن جي جمار ۾ تهران جي ان وقت جي "ٿريا اسٽيڊيم" (جيڪو بعد ۾ سندس نالي پويان "فرح اسٽيڊيم" ۽ اسلامي انقلاب ۾ اڻ ڳٽيا ماڻهو مارجڻ ڪري هاٿي "شڪار گاهه شهنشاهي" ڪوٽيو وڃي ٿو) ۾ پنهنجي اسڪولي دستي جي اڳواڻي ڪري "راڻي ثريا" کي سلامي ڏيندي ڏٺهن اهو نه سوچيو هئو ته وقت ڪيس به ان ڪرسي تي ويهاري ٻين کان Courtesy سلام ڪرائيندو. پنهن جي ماءُ "فريده ديبا" جي پيٽ ۾ پيءُ "سهراب ديبا" سان وڌيڪ پيار ڪندڙ چالاڪ "فرح ديبا"، جنهن پيرس جي ڪنهن ڪاليج ۾ "آرڪيٽيڪچر" جي تعليم حاصل ڪندي پنهنجي ساهيڙين سميت جونيئر ساٿين سان "Ragging" ۾ جڏهن لاڳيتو ٻه هفتا ڪلاس کان ٻاهر رهڻ جي سزا کاڌي ته "مجاهد" بڻجي موٽندي پنهنجي ساٿين پاران اعزاز طور ڏنل "ٻلي جي تصوير" وارو بيج رڳو ان ڪري خوشي سان قبول ڪيو ته ٻلي کي فرينچ ٻولي ۾ "LE CHAT" چون، جنهن جو اُچار "شا" بڻجي ٿو. ائين ڪاليج جي "Feast of Kings" ۾ راڻي جو "ڪاغذي تاج" پائڻ يا بعد ۾ هاسٽل جي پوڙهي ميم پاران "شاهه جي زال" چوڻ وارا چرچا "زبان خلق- نقاره خدا" بڻجي ويا ته وقت ڪيس "رضا شاهه ڪبير" جي ننهن ۽ ايران جي راڻي بڻائي ڇڏيو. بادشاهه لاءِ "فرح ديبا" جو اچڻ پاڻ وارو ٿيو چو ته شادي کان هڪ سال پوءِ 1964 ۾ هن پنهنجو پهريون ٻار ۽ ايران جو ولي عهد پيدا ڪيو. جيڪا ڳالهه اتان جي ماڻهن لاءِ حد کان وڌ خوشي جو ڪنوار بڻجي سبب بڻي. پر ڪنهن به "لڪائي نه لڏو" هئو ته "ولي عهد به والي بڻبو يا ته"؟ ائين شهزادي جي جمڻ کان ڇهه سال پوءِ 1970 جي ڪنهن روشن رات ۾ ليليٰ، بادشاهه جي ڏيءَ جي روپ ۾ هن دنيا ۾ آئي. هوءَ جنهن نون سالن جي عمر تائين رڳو تخت ڏٺو. اڻ ڳٽيا نوڪر نوڪرياٽيون، ڪيس ڏسي چرڪ پري اٽندڙ خدمت گار ۽ سندس خوشي کاڻ پولي وانگي ٽپا ڏيندڙ خادم. هوءَ جنهن جو انگل پورو ڪرڻ، بادشاهه جو ارمان هوندو هئو. اها ئي ليليٰ جنهن کي خبر نه هئي ته سياڻي جو سج ڪهڻي انقلاب جو اهجاڻ بڻبو؟ هوءَ يا اڻ سڌي طرح پاڻ جي بادشاهت هلائيندڙ هن جي ڦڦي "شهزادي اشرف پهلوي" (جيڪا پنهنجي پاڃائي "فوزيه" جي وهنجڻ واري ڪير ۾ "ڪاسٽڪ سوڊا" ملائڻ ڪري به خاشي مشهور ٿي)، سندس ماءُ "فرح ديبا"، نانيءَ، ڏاڏي، چاچن، پاڻ يا خود سندس پيءُ شهنشاهه ايران کي به اهو اندازو نه هئو ته "تخت وارا اڪثر تختن تي اچي ويندا آهن." وقت ڦرندي عام ماڻهو ۾ وڌندڙ ڏهني اوسر کان ان جاڻ هي تخت ڏٺي وساري ويٺا هئا ته دنيا ۾ اڪثر بادشاهن

۽ آمرن سان ڇا ٿي رهيو آهي؟ تڏهن ئي ته شاهي پروٽوڪول وساري عام ماڻهن سان گڏ علائقائي ناچ نچندي يا "زن شاهه هستم" جي حيثيت ۾ پوڙهي جابلو عورت کي شاهي گاڏي ۾ ويهاري گهر پهچائڻ جهڙا ڪم ڪندي ۽ راڻي "فرح ديبا" (جنهن تي مغربي پريس، ايران جي ريگستاني محلن ۾ جادوگرياڻيون گڏ ڪري جادو ڪرائڻ جو الزام ۽ هنيو)، ايراني ماڻهن جي اندروني جذبات بابت ڄاڻي نه سگهي هئي. Bleach ڪيل سونهري وارن واري راڻي "فرح ديبا"، جنهن جي ميڪ اپ جي سامان، ڪپڙن، برشن، آئينن يا پائوڈر جي ڊبن وغيره تي به املهه هيرا جواهر، زمرد ۽ ياقوت جڙيل هئا، سمجهي نه سگهي هئي ته هزارن جي حساب سان ٽولا ڪري سندس سلامي پريندڙ ڪاليجي نينگريون يا لکن منهن "جاويد شاهه.....جاويد شاهه" جا نعرا هٽندڙ ماڻهو سياڻي سندن منهن ڏسڻ ۽ پسند نه ڪندي "مرگ شاهه مرگ شاهه" جا هوڪرا ڪندا. اهي ئي ايراني جوان، نينگريون، ٻار ٻيا ۽ عام پرديدار عورتون، جن ڪڏهن ۽ گهر کان ٻاهر پير نه پاتو هئو، ڪاريون چادرون ڊڪي انقلابي ميڙن ۾ شامل ٿيندیون ۽ ڪا به مشين گن، بم بارود يا بندوق کين روڪي نه سگهندي. ايران جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ انقلابين جا لاش ڪنڊريل نظر ايندا ۽ ماڻهو سر عام ڦاهي چڙهندي به مات نه ڪندا.

ليليٰ کي خبر نه هئي ته سندس جمڙ واري سال، ڪئين ڪروڙ ڊالرن جي خرچ سان "ڍائي هزار ساله جشن" ملهائي عام ايرانين ۾ سرخرو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ هن جي پيءُ جي بادشاهت ۾ امير جيئن پوءِ تيئن امير ۽ غريب ويتر غربت ڏانهن ڇڪجي رهيو هئو. شاهه ۽ سندس خاندان وارن يا ان سان لاڳاپيل اميرن جي ماني لاءِ هر روز جهاز ذريعي فرانس مان بورچي، بٽلر، بيرا ۽ ڪٽلري جو سامان آڻي، سندن پسند جا ڪاڌا تيار ڪري کين پيش ڪيا ويندا هئا. ائين ڪئين دولت مند، ماڻهو هڪ لک روپيه هڪ ويلو جي حساب سان خرچ پري جهاز رستي جرمني جي شهر ميونخ وڃي مانجهاندو ڪري شام جو ايران موتندا هئا. ٻاراڻي ذهن واري ليليٰ کي اها به خبر نه هئي ته سندس پيءُ جي بادشاهت ۾ ڪرپشن ايترو ته وڏي ڇڪي هئي جو شاهه جي ويجهو رهندڙ وزير ۽ امير پيٽرو ڊالرن جي وهندڙ گنگا ۾ ڌوڻ تي وهنجي به نه ڌاپندا هئا ۽ نه رڳو ايترو پر اقربا پروري ۽ پنهنجن کي ورسائڻ واري پاليسي ۾ ڪئين ذهين رڳو ان ڪري دربدر ٿيندا رهيا ته کين بادشاهه يا سندس ساٿين تائين رسائي نه هئي. ائين ڪنهن به محنت واري جو قدر نه هئو. شاهه پنهنجي خاندان جي هر

نندي وڏي ماڻهو جي خسيس يادگيرن جو به جشن ملهائيندو هئو ۽ انهن محفلن ۾ قيمتي تحفن جي ڏي وٺ ضروري گهرج ليکي وئي. نتيجي طور ڪاريون راتيون ڪو خاشو وقت ٽڪاءُ ڪري نه سگهيون. ماڻهن جا لڳ پڇڻ لڳا. اهڙين انيڪ ويڌنائن جو رد عمل برندڙ باهه جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ۽ دونهي جا ڪارا ڪکر، ڪارو ويس ڍڪي ايندڙ ماڻهن جو ڍڪ بڻجي ڪين پناهه ڏيڻ لڳا. ائين شاهه به پنهنجا ڪل اختيار ڪتب آندا ته ماڻهن جو جيئن وهه تي ويو. ڇو ته اتي هر ظلم رڳو شڪ جي بنياد تي ٿي رهيو هئو. هر طرح جي سياسي چريپر ويندي ڳالهه بولهه يا ٻئي ڪنهن طريقي سان ظلم بابت اشارو ڏيڻ تي به ماڻهن جي حياتي ڪٽي ويندي هئي. ڪنهن جو رڳو اهو چوڻ ته "رات ڏاڍي ڪاري آ" تي ڪيس ٻئي ڏينهن جو سج ڏسڻ به نصيب نه ٿيندو هئو. لکين ماڻهن تي ٻڌل ڳجهي پوليس "ساواڪ" (SAVAC) ۽ جاسوسن جي لوڏ، ٿورا به اختلافي نظريا رکندڙن سان حد کان وڌ ظلم ڪيا. تن ڏينهين شعور جي صرف "الف-ب" تائين واري منزل تي رسيل ليليٰ کي خبر نه هئي ته شاهه جي خلاف ڳالهائڻ کان روڪڻ لاءِ "آيت الله آذر شهري" يا "آيت الله ساعدي" جهڙن عالمن کي ٿهڪندڙ تيل ۾ اڇلائي يا "frying pan" کوني ويندڙ لوهي پليٽ ۾ سمهاري بجلي جو ڪرنٽ ڏئي مارڻ کان ويندي "آيت الله طلقاني" جهڙي عالم جي جوان ڏيءُ سان سندس سامهون زنا ڪرڻ ڪيترو نه عذاب ڏيندڙ عمل هوندو. سڀ کان وڏو ناحق اهو ته پيءُ جي اکين جا ڇپر ساڙي، ڪيس ڪليل ديدن سان اهو نظارو ڏسڻ تي مجبور ڪيو ويو. ليليٰ، جنهن جي سوچ ڪڏهن به عذاب جي انهن سرحدن کي ڇهي نه سگهي هوندي ته اهو ظلم جي انتها کان به اڳتي جو قدم آ.

ائين شاهه جي ظلم ۽ عياشين جو امام خميني جي حق پرستي سان ٽڪراءُ ٿيو ته آمر حاڪم صبر جا سڀ ليکا لتاڙي ٻينو. شاهي تاج بچائڻ لاءِ "ساواڪ" توڙي بادشاهه جي حامي فوجين سرعام گولين هلائي هزارن جي حساب سان ماڻهو ماريا. پر ڪربلا جي ياد تازي ڪندي به هو اقتدار بچائي نه سگهيا ته 16- جنوري 1979 جو سج، ايراني زمين تي سندن آخري سج ٻڏيو. مٿن اباڻي ڌرتي تنگ ٿي وئي ۽ "شهنشاهه محمد رضا شاهه" رڳو پنهنجا پاتي وئي ايران چڏي پڳو. ايتري قدر جو شاهه، جيڪو هڪ سئو فوجي هجن سان گڏ ماهر هواباز به هئو ۽ ڪنهن به ساٿي پائلٽ کان سواءِ اڪثر "رائي فرح ديبا" کي "ڪاڪ پٽ" ۾ ويهاري ٽيهه هزار فٽن جي اوچائي تائين به جهاز اڏائيندو

هئو، کي ملڪ چڏي پچندي پنهنجي ساٿين کان موکلائڻ جيتري به واند نه ملي. ان وقت ليليٰ رڳو نون سالن جي هئي ۽ کيس ان عمر ۾ ايران چڏڻ جو ايترو ڏک هجي يا نه پر خوشي ضرور هوندي ته سندس پيءُ، ماءُ يا پيا گهر ياتي ساٿس گڏ هنا. حالانڪ اما خوشي رڳو کجهه ڏينهن يا مهينن جي ئي هئي. چو ته ملڪ چڏي پچندي به سندس وڏن لاءِ حالتون فائديمند نه رهيون. شاهه جي ملڪ چڏيندي ئي پيرس ۾ سورهن سالن کان به وڌيڪ وقت لاءِ جلاوطن ٿي رهندڙ امام آيت الله خميني پهرين فيبروري 1979 تي ايران موٽيو ته کجهه ڏينهن ۾ ئي آمريڪا کان اتان جي بينکن ۾ پيل ايران جي 120 کرب ڊالرن جي واپسي جي گُهر ڪئي ويئي. جيڪا ڳالهه آمريڪا جهڙي ملڪ لاءِ ڪنهن به طرح قبول ڪرڻ جوڳي نه هئي. نتيجي طور انڪار کيو ويو ته موٽ ۾ ايراني شاگردن ياران تهران ۾ موجود آمريڪي سفارتخاني جا 52 ماڻهو يرغمال بڻايا ويا. جن کي چڏائڻ لاءِ ذاتي توڙي عالمي دباءُ وجهڻ سان گڏ آمريڪا ياران "ڪمانڊو ايڪشن" به کيو ويو، پر هر طرح سان ناڪام ٿي "صدر جمي ڪارٽر" ايراني شاهه سان پنهنجون سڀ دوستيون ۽ ان جا احسان وساري کيس مارڻ جو اعلان کيو ته "رضا شاهه" بيمار هوندي به پنهنجي اڳوڻن دوستن جي بيوفائي تي ماتم ڪندو مصر هليو آيو. اها ٻي ڳالهه آ ته مٿي ذکر ڪيل سفارت ڪارن کي 444 ڏينهن تائين قيد رکڻ ۾ بعد جي آمريڪي صدر "رونالڊ ريگن" به ڪردار ادا کيو. صدارتي اميدوار ريگن نه ٿي چاهيو ته سفارتڪارن جي آمريڪي صدارتي ووٽن کان اڳ ڇٽي اچڻ جو فائدو "صدر جمي ڪارٽر" کي رسي ان ڪري ئي هن پنهنجي اليڪشن مهم جي انچارج "وليم ڪيسي" (جيڪو بعد ۾ CIA جو ڊائريڪٽر به مقرر ٿيو) کي پيرس ۾ ايراني سفارتڪارن وٽ موڪلي ڪين، آمريڪين کي آڪٽوبر 1980 ۾ چڏڻ وارو فيصلو بدلائڻ تي مجبور کيو ۽ ائين "جمي ڪارٽر" ووٽن ۾ هارايو. وري به شاباس مصر جي صدر انور سادات کي هجي، جنهن Risk کٹي "محمد رضا شاهه" کي مان ڏئي قاهره جي اسپتال ۾ داخل ڪرايو پر شاهه جهڙوڪ هر طرح سان مايوس ٿي چڪو هئو. ننڍي لاءِ کان عيش عشرت جي زندگي گذارينڊڙ باد شاهه کان در در جا ڏکا سَنا نه ٿيا ته جيئڻ تان ارواح ئي ڪجي ويس. هن مصر اچڻ کان ٻيڪ ٿي هفتا پوءِ 27 جولاءِ 1980 تي اسپتال ۾ ئي دم ڏنو. بعد ۾ کيس مڪمل فوجي اعزاز سان مصر ۾ دفن کيو ويو. عام طور مشهور هئو ته شاهه جو موت ڪينسر جي مرض وگهي ٿيو. پر هڪ راءِ اها به هئي ته آمريڪي دباءُ سبب يا ايرانين کي خوش ڪرڻ لاءِ کيس زهر جي سئي هڻي ماريو ويو. شاهه جي مرڻ وقت عمر جي يارهين سال ۾ جيئندڙ ليليٰ کان پيءُ جي وڇڙڻ وارو سور سڻو نه ٿيو. هوءَ

جيڪا حد کان وڌيڪ حساس هئي، ڪئين سالن کان تشدد ۽ عذاب ڏيندڙ حالتن ۾ جيئندي رهي. وقت بدلجڻ ڪري سندس پنهن جا به پنهنجا نه رهيا. بعد ۾ آمريڪا ۾ رهندي، هن جو سڳو سوٽ سندن ڪل مڏي ڪائي ويو. اهڙي ويل هن کي سندس پيءُ "محمد رضا شاهه" تمام گهٽو ياد آيو. تڏهن ئي ته مرڻ کان ڪجهه عرصو اڳ "ڊيلي ٽيليگراف" کي انٽرويو ڏيندي ليليٰ چيو هئو:

"مونکي منهن جو بابا ڏاڍو ياد اچي ٿو. هو منهنجي خوابن جو هيرو آ ۽ اڪثر مون سان ويهي ڳالهيون ڪندو آ". ائين ئي هوءَ ايران کي به ساريندي هئي. ڪنهن ماڻهو جو ويهن سالن کان پوءِ به پنهنجي ملڪ ۽ مٽل پيءُ کي ان چاهت سان سارڻ يقينن ته آسمان جي اتانهين بلندين تائين جو پيار هوندو پر اهو پيار حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندي ئي هوءَ مايوسين جي سمنڊ ۾ غرق ٿي وئي. ڊپريشن جو شڪار ٿي هن جيئڻ جي آس لاهي ڇڏي. نتيجي طور مني ننڍ ڪرڻ لاءِ ڪيس نشي جي گورين جو سهارو ونڊو پيو ۽ پوءِ هوءَ مري ويئي.

آمريڪي رياست ڪيليفورينا ۾ رهندڙ ليليٰ جو، لنڊن جي ڪنهن هوٽل ۾ ٿيل موت واقعي به عجب ۾ وجهندڙ هئو. پر "اٽي مان وار ڪيندڙ" برطانوي پوليس کي سندس پوسٽ مارٽم رپورٽ مان به موت بابت ڪو ڇڻو ٿبوت نه مليو. ائين هن جي پاءُ به رسمي بيان جاري ڪري ڇڏ ته سدائين لاءِ اهو باب بند ڪري ڇڏيو. ليليٰ، هن دنيا ۾ ڪونهي پر ايران اڄ به اهو ئي آ. جتي صحرائي ماڻهو رات جو باهه جي مڇ تي ويهي "ايراني قومپرستي جو بائيبل شاهنامو" ۽ "پهلوي بولي ۾ لکيل قرآن - مثنويءَ مولانا روم" ٻڌندا آهن. ايران اڄ به اهو ئي آ، جتي خچرن تي چڙهي گهمندڙ خانه بدوش عورتن اسلامي انقلاب کان پوءِ به برقعا نه پاتا. جتي "بيبي معصومه عليه رحمة" جي روضي تي سرخي لڳل ۽ مٿي اگهاڙي عورت جي وڃڻ تي پابندي آ. سٺن باغن، سهٽن گلن ۽ ميوات ڪري مشهور ايران اڄ به اهو ئي آ جتي ڪئين ڪوهه پري کان به "حضرت امام رضا عليه الرحمة" جي روضي مبارڪ جون سونيون نيلون نظر ايندي ئي ماڻهو احترام طور پيدل هلڻ پسند ڪن ٿا. ان ئي ايران کي ساري ليليٰ ساهه ڇڏيو. بد نصيب ليليٰ جنهن پهريان ملڪ، پوءِ ملڪيت ۽ هاڻي جهان ڇڏيو پر سندس بي حسي ۽ بي وسي کي شايد ئي ڪو سمجهي سگهيو هجي. شايد ئي ڪو ڄاڻيندو هجي ته سندس اهڙي موت جو ذميوار ڪير آ؟ هڪ ڏيءُ کان پيءُ جي پيار جو حق کسيندڙ دنيا... اقتدار جا بکيا ماڻهو؟ يا صرف ۽ صرف آمر بڻجي باد شاهت ڪندڙ سندس پيءُ؟

•••

چا عالمي ضمير سجاڳ آ

26- فيبروري 2001ع تي نشر ٿيل P.T.V جي چهين وڳي واري "انگريزي نيوز بليٽن" جي هڪ خاص خبر، هيگ (Hague) ۾ قائم "اقوام متحده جي جنگي ڏوهن واري ٽريبيونل" (U.N. war Crimes Tribunal) پاران بوسنيا جي سياستدان "ڊائيو ڪوروچ" ۽ ڪروشن جي اڳوڻي فوجي ڪمانڊر "ماريا چريچ" کي سال 1992ع کان 1995ع تائين واري مدي دوران بوسنيائي مسلمانن تي ڪيل حد کان وڌ ظلمن جي ڏوهه ۾ سلسليوار 25 ۽ 15 سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ٻڌائڻ هئي. "جسٽس فلورينس ممبا" جي اڳواڻي ۾ ڪم ڪندڙ ساڳي ڪورٽ، عورتن جي لڄ لٽڻ کي انسانيت خلاف ڏوهه قرار ڏيندي ڪجهه ڏينهن اڳ ٽن ٻين سرب فوجي عملدارن کي پڻ 28-28 سال سخت پورهئي سان قيد ۾ رکڻ جي سزا ٻڌائي هئي.

بنيادي حق نه ملڻ ۽ ويساهه گهاتين جي حوالي سان بوسنيائي مسلمانن جي تاريخ به هوبهو سنڌين جهڙي هئي. اهي ئي انيڪ پيڙائون ۽ پنهنجي ڏيهه ۾ پناهگيرن جيان جيئڻ جو عذاب، فوج ۾ آڳرين تي ڳڻڻ جيترو انگ، روزگار تي ڌارين جو قبضو ۽ ملڪي پيداوار جا وسيلا وٽن نه رهيا هئا.

روس جي "Valdai" جابلو سلسلي مان نڪري "Caspian" سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندڙ، يورپ جي سڀ کان وڏي، اٽڪل ٽيويهه سؤ ميل ڊگهي "Volga" ندي جي اپرندي ڪناري وارن علاقن ۾ آباد "Huns" قبيلي جي ويڙهاڪ خانه بدوش ٽولن، "خدا جو عذاب" ڪوڻائيندڙ پنهنجي اڳواڻ "Atilla" جي سربراهي ۾ سورهن صديون اڳ جڏهن روس ۽ پولينڊ تي حڪمراني قائم ڪئي ته سندن ظلمن اتي آباد سلاوي (Slavs) نسل ۽ "بوجو ميلي" (Bogumili) عقيدي جي ڪئين هزار ماڻهن کي ڏکڻ يورپ جي هاٽوڪي رومانيه، يونان، البانيه، بلغاريا، يوگوسلاويه ۽ ترڪي طرف پڄڻ تي مجبور ڪيو. مذهبي عقيدي طور پاڻ کي "Cathers" به چوائيندڙ هي ماڻهو (جن انساني روح جي سڏي طرح خدا

سان نسبت ڳنڍي ۽ شهوت کي هر برائي جو بن ڪوڻيندي هڪ خاص مدي يا سڌائين لاءِ ان کان پري رهيا. ايتري قدر جو منجهائن ڪن ته پنهنجي زالن سان به سمهڻ پسند نه ڪيو)، نين جاين تي اچي ننڍيون ننڍيون حڪومتون قائم ڪري رهڻ لڳا. جيڪي پندرهين صدي ڏاري قديم منگوليا سان واسطو رکندڙ ترڪ قبيلي "اوگوزين" (Oguzian) جي سردار "عثمان بن تغرل" پاران قائم ڪيل "سلطنت- عثمانيه" جو حصو بڻيون ۽ "بوجو ميلي" پنهن جا پراڻا عقيدا ڇڏي مسلمان ٿيا. هي دور آخري ترڪ حاڪم "عبدالمجيد- ٻيون" جي ڏينهن ۾ پڄاڻي تي پهتو. بعد ۾ هي رياستون آسٽريا ۽ هنگري جي قبضي هيٺ آيون.

هنگري، جنهن پنهنجي ملڪي باغين جو ڏيان هٽائن لاءِ آسٽريا سان اتحاد ڪري "آسٽرو- هنگري" نالي گڏيل حڪومت ناهي، ڪروشيا، سلووينيا، بوسنيا- هرزيگوينا، سرٻي نيگرو ۽ سربيا تي به قبضو ڪيو ته اتان جي "Slavs" ۾ تمام گهڻي نفرت اُڀري، جيڪا آسٽريائي شهزادي "فرانسس فرڊيننڊ" جي مارجڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿي. سراجيوو جي رهندڙ "جابريلو پرنسپ" نالي هڪ سرب فوميرست، آسٽريائي شهزادي کي سراجيوو جي گشت دوران حملو ڪري ماري وڌو هئو. جنهن کان ٻيڪ هڪ مهينو پوءِ ٿي ڪروڙ کن ماڻهن جي موت ۽ ڦٽڻ جو سبب بڻجندڙ پهرين مهاڀاري لڳي. هن جنگ ۾ آسٽريا ۽ هنگري برې طرح هارايو ته وقت گذرندي رڳو مُني صدي اڳ يوگوسلاويه وجود ۾ آيو. روس جي "Civil war" ۾ "ريڊ آرمي" پاران وڙهندڙ "جوزف بروزٽيٽو" (Josip Broz Tito) نالي هڪ فوجي، جنهن سال 1920 ۾ ملڪ واپس اچي ڪميونسٽ پارٽي جي ميمبر ۽ بعد ۾ سال 1937 ۾ ان جو سيڪريٽري جنرل بڻجي ڪم ڪيو، پنهنجي سر ڪوششون ونيِ مڙني سلاوي رياستن جي ڪنفيڊريشن ناهي ۽ سال 1943 ۾ "مارشل" جو لقب ملندي ئي ملڪ جو صدر بڻجي ويهي رهيو. مارشل ٽيٽو جي حڪومت ۾ مرڪز جي پيٽ ۾ رياستن کي وڏيڪ اختيار مليل هئا. ايتري قدر جو سندن رياستي فوج به الڳ هئي. ائين حقيقت ۾ ته مارشل ٽيٽو ئي هتان جو پهريون حڪمران هئو جنهن صحيح طور ملڪ جي پلي لاءِ ڪم ڪيو نه ته ان کان اڳ ته بوسنيا ۽ ڪوسوو جا مسلمان جنسي عذاب ۾ هئا. يورپ ۾ رهي، اتان وارن جهڙو روپ اختيار ڪندي پابندي سان ڪلب وڃي، ڊانس، شراب يا سرعام سوئر جو گوشت کائڻ جهڙا ڪم ڪندي به هو سربن وٽ قبول نه پيا. ايتري قدر سندن

جوانن جو مائٽن جي چوڻ کان ٻاهر نڪرڻ يا ڪنوارين ڇوڪرين جو بنا شادي جي ماڻ ٻڌڻ ۽ رڳو سربن جي شرارتن ڪري هئو پر بوسنيائي مسلمان مذهب کان بي مذهب ٿي جيئندي ۽ سربن ۽ ڪروشن وٽ پنهنجي جاءِ ناهي نه سگهيا. بنيادي حق گهرڻ جي جواب ۾ ڪين اباڻو ملڪ ڇڏي، لڏي ترڪي هليو وڃڻ لاءِ چيو ويو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڪين مسلمان قوميت ۽ 1974 واري آئين ۾ ملي نه ته ان کان اڳ هو "بنا قوميت" وارا ليکيا ويندا هئا. حالانڪ ڪين مسلمان ڪري لکڻ اصل ۾ ته هنن جو مذهب ظاهر ڪرڻ هئو... سندن قوميت ته پوءِ ۽ بوسنيائي ئي رهي پر سربن نه مڃيو. سربن ۽ ڪروشن، پهرين مهاپاري کان اڳ ۽ اها ڪوشش ڪئي هئي ته بوسنيا کي، پرڳڻي جي وچان وهندڙ "بوسنا ندي" جي بنياد تي ويرهائي ۽ حصا ڪري سربيا ۽ ڪروشيا رياستن جي حوالي ڪيو وڃي پر اوڇتو ئي جنگ لڳڻ سبب انتها پسندن جي هن منصوبي تي عمل ٿي نه سگهيو هئو. مارشل ٽيٽو، جنهن حڪومت ۾ اچڻ کان اڳ وارن ڪجهه سالن ۾ ملڪي حالتن جو تفصيلي جائزو ورتو هئو، صحيح نموني ملڪي اتحاد قائم ڪرڻ جو سوچيو ۽ مڙني قومن کي هڪ جهڙي حيثيت ڏيندي، ته مذهب، رنگ ۽ نسل جي فرق بنا گڏيل شاديون ڪرڻ جي رسم وڏي ته رڳو ڪجهه سالن ۾ ئي يوگوسلاويه ۾ هارنهن لک "Inter Marriages" ٿيون. جنهن ۾ سگ ڏيڻ وارن ۾ گهٽائي وري به مسلمانن جي هئي. جن کي ذهن تي چانيل سالن جي خوف سبب ڏارين سان ڳنڍجڻ ئي آڇيي جي وات لڳي. ۽ "ڪتو به ڪاڏو- ڪک به نه پري" جيان هو اهو ئي غيرن جي اک ۾ رهيا. ائين سال 1980 ۾ جيئن ئي مارشل ٽيٽو پير ڏڳهيريا ته قومپرست تنظيمن پاران ڪئي ويندڙ عليحدگي جي گهُرن جي روپ ۾ اها ساري نفرت ظاهر ٿيڻ پئي. "استاشا" ۽ "تشنيڪ" جهڙيون دهشت گرد تنظيمون ميدان ۾ اچي ويون. سلووينيا ۽ ڪروشيا (جيڪي هوننئن به آسٽريا ۽ هنگري سان ملندڙ رياستون هيون) بنا دير جي آزادي جو اعلان ڪيو ته مسلمانن به وڏي واڪ پنهنجي حقن جي گُهر شروع ڪري ڏني. جنهن ڳالهه سربن کي چيڙائي وڏو. ڪروشيا ۽ سلووينيا سان نه پڄندي هنن اها باهه به مسلمانن مان ڪيڻ چاهي ۽ "عليحدگي پسند هجڻ ۽ يورپ ۾ مسلمان رياست قائم ڪرڻ واري سازش" جي بهاني بوسنيا جي تيرهن عالمن ۽ مفڪرن تي ڪيس هلائي کين سزائون ڏنيون ويون. انهن ماڻهن ۾ بعد جو بوسنيائي مسلمان صدر علي عزت بيگووچ به هئو، جنهن کي نَوَ سال ٽيپ لڳي.

سنڌين وانگي بوسنيائي مسلمانن جو سڀ کان وڏو المیو ڪنهن به سياسي پليٽ فارم تي گڏ نه ڪيڻ هئو، سندن ننڍا ننڍا گروپ ۽ الگ الگ تنظيمون هيون جيڪي ٿوري گھڻي تي متون ٿوڪي پنهنجون ڌار ڌار ديڳڙيون چاڙهڻ ۾ رڌل رهيا. ائين ڪين سمنڊ تائين به پهچ نه هئي جو ڪنهن ٻاهرين همدرد ياران ملندڙ امداد جي ٻهاني هٿيار ملڪ ۾ آڻي مخالفن کي منهن ڏين. تنهن هوندي به بيگووچ جي جيل مان نڪرڻ تي پرڳڻي ۾ ريفرنڈم ڪرائي، ذري گھٽ ته سؤ سيڪڙو هاڪاري جواب ونڊي سال 1991 ۾ هنن جڏهن آزادي جو اعلان ڪيو ته سربن جا پير ڪري ويا. يوگو سلاويه جو سڀ کان وڏو مسئلو ڪروشيا ۽ سلووينيا جو الگ ٿيڻ هئو. جتان واپس آندل فوج ۽ جنگي سامان بوسنيا ۾ رکيو ويو ۽ اسلامي رياست قائم ٿيڻ تي اهو ڪنهن به طرح مسلمانن جي حوالي نه ڪرڻو هئو. نه رڳو ايترو پر وفاقي فوج، بوسنيا مان ڪروشيا تي حملا ڪري مسلمانن کي ڪروشن جي نظرن ۾ ڏئو ڪري سندن همدردين ختم ڪرائڻ واري راند به کيڏندي رهي. ان ڪري ئي وفاقي فوج ۾ شامل سرب انتها پسندن کوشش ڪئي ته رياست ۾ گھرو ويڑهه شروع ڪري ان ٻهاني ڳولي ڳولي مسلمان ماري يا لڏائي پوري پرڳڻي تي قبضو ڪيو وڃي. جنهن تي سال 1992 جي مارچ مهيني ۾ ئي عمل ٿيو. "روزن واري عيد" جي ڏينهن "وائيٽ ايگل" نالي سرب غنڊن "بيلينا" شهر جي مسجد تي حملو ڪري 27 مسلمان شهيد ڪيا ۽ ان ڪٽيا ڪٽيا ته پورو بوسنيا اهڙي چار سالا جنگ ۾ اڇي ويو جيڪا ٻي مهاڀاري کان پوءِ يورپ جي سڀ کان "گندي ويڑهه" کوڻي ويئي. هن جنگ ۾ توڙي ڪٽي مسلمان ملڪن ۽ يورپ جي اڪثر شهرن ۾ رهندڙ مجاهدين به لکي اڇي شامل ٿيا پر بوسنيا جي سيڪولر ذهنيت رکندڙ ماڻهن ياران کين ڪا خاص موٽ نه ملي. نتيجي طور سندن انگ ڏينهون ڏينهن گھٽبو رهيو. اقوام متحده جي امن فورس پاران 1995-3-28 تي جاري ڪيل هڪ رپورٽ موجب ته سال 1994 ۾ وڙهندڙ ٽي هزار مجاهدين جو انگ ٻئي سال رڳو ڪجهه سون تي وڃي پهتو. هن جنگ ۾ مسلمانن جو تمام گھڻو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو. ڪيئن مسجدون، مارڪيٽ، درگاهون، تاريخي جايون ۽ تعليمي ادارا تباهه ڪيا ويا. روڊ، رستا، پارڪ، پليون، اسڪول ۽ ٻيون عمارتون، ايتري قدر جو قبرستانن تي به بمباري ڪئي ويئي. مدريتشا جي جامع مسجد "سيريدينا" ڏاهي اتي سوئرن جو ڪوس گھر ناهيو ويو. قديم عمارتن ۽ سھڻن باغن جي حوالي سان مشهور سراجيوو پوري طرح تباهه ٿي ويو. هرزيگوينا جي گادي

وارو شهر "موستار" (جتان سڃي يوگو سلاويه ۾ نهندڙ شراب لاءِ انگورن جي گهرج پوري ڪئي ويندي هئي) سميت ڊبرنجا، بانيالوڪا، ترلا، بهاڪ، دوبوج، ڊبرانڪ، زينيڪا ۽ ڪئين ٻيا شهر مٿي جا ڊير بڻجي ويا. سرب ۽ ڪروشن جو چوڻ هئو ته:

"جيڪڏهن اهو سچ ڪين نه ٿو ملي ته پوءِ ڪنهن کي به نه ملڻ کپي."

ائين اڪثر شهرن ۾ ويندي سراجيوو جي هوائي اڈي تي به تشدد گهر قائم ڪيا ويا. جرمن نازين پاران ٻي مهاڀاري دوران پولينڊ ۾ قائم ڪيل "Auschwitz" جهڙي گندي عذاب گهر وانگي، "استاشا" جي غندن هٿان "Jasenov" ڪيمپ ۾ ڪئين لک مسلمان ڪٺا ويا. ائين حد ڪان وڌ عورتون رنڊ ٿيون. مردن ۽ خاص طور نوجوانن کي ڳولي ڳولي ماريو ويو. اقوام متحده جي امن فورس پارن جاري ڪيل هڪ ٻي رپورٽ موجب ته "بوسنيا ۾ رڳو سال 1992 دوران ويهه هزار مسلمان عورتن (جن ۾ به هزار ڊڪيون به هيون) سان گينگ ريپ ٿيو" ۽ جيڪڏهن اخباري نمائندو "Ray Gutman"، عالمي اڪيون کولڻ لاءِ انهن "Concentration Camps" بابت چاڻ نه ڏئي هان ته پڪ سان بوسنيا جي ڏرتي تي هڪ به مسلمان نه بچي ها.

عام راءِ آ ته ٻين يورپي ملڪن وانگي آمريڪا ۽ برطانيه به نه ٿي چاهيو ته يورپ جي دل بوسنيا ۾ اسلامي رياست قائم ٿئي. تڏهن ئي ته مسلمانن پاران اقوام متحده جي امن فورس مقرر ڪرڻ واري گهر کي به موٽ نه ملي ۽ ملڪ باهه ۾ برندو رهيو. سربن توڙي ڪروشن ڪوشش ڪئي ته بوسنيا باقي بچيل يوگوسلاويه جو حصو بڻجي رهي يا به حصا ڪري اتي رهندڙ اڪثريتي آبادي جي بنياد تي سربيا ۽ ڪروشيا ۾ ملايو وڃي. ائين مسلمانن جي آزادي واري گهُر مختلف هنڌن تي پکڙيل ننڍن ننڍن علائقن جي شڪل ۾ پوري ڪرڻ جو به رٿيو ويو. جيئن بعد ۾ ٿورو هٽ هٽي ڪين سولائي سان هڙپ ڪري سگهجي. بوسنيا جون طبعي حالتون توڙي ڪئي مسلمانن جي حق ۾ هيون ڇو ته جابلو علائقن جي ڪري ٻي مهاڀاري ۾ اتلي ۽ بلغاريه به هٽي ئي گهٽو نقصان ڪاڏو. ۽ هٿيارن جي ڪوٽ ۽ عام ويڙهاڪن جو نه هجڻ يا بوسنيا جي آزاد مسلمان فوج"Armija" ۾ اڻ تجربيڪار مائهن سبب، مسلمانن لاءِ هي جنگ ڪٺڻ ڏاڍي اوکي ٿي پئي. ان عرصي دوران توڙي ڪئي دنيا جي گهٽ ۾ گهٽ 36 ملڪن مان گڏ ڪيل سپاه تي ٻڌل "اقوام متحده جي امن فورس" به آندي ويئي ۽ "United Nation Protection Force" جي ٻيوسي ان مان ظاهر هئي ته

سراجيوو ۾ ڪم ڪندڙ فرينچ بٽالين جي حفاظت ۾ هوائي اڈي کان شهر ڏانهن ايندي بوسنيا جي نائب صدر "ڊاڪٽر حڪيجا تراجڪ" (DR Hakija Turajlic) کي سرب ويڙهاڪن جي هڪ دستي رڳو ان شڪ ۾ ڪوليون هٽي ماريو ته هن ترڪي مان ايندڙ جهاز ۾ سوار مجاهدين کي پليڪار چئي هئي، جيڪا ڳالهه بعد ۾ ڪوڙي نڪتي. ائين امن فورس ۾ ڪم ڪندڙ "Spanish" سپاهه جي بکتر بند گاڏي کي بم هٽي "سراجيوو" شهر جي وچ مان وهندڙ ندي ۾ لوڙهيو ويو پر فورس مات رهي. هٿيار ۽ بارود هوندي به کين ڪنهن سان وڙهڻ جي موڪل نه هئي۽ اهائي پابندي 'NATO' تي به لڳي. تنهن هوندي به سڄي دنيا ڏٺو ته مسلمان هن جنگ جا سڀ کان وڏيڪ برداشت ڪندڙ ثابت ٿيا. ان ڪري ئي اڄ بوسنيا آزاد آ ..... ڪالهه اُتي ظلم ڪندڙ مان ڪنهن به نه ٿي چاتو ته سپائي جو سڄ سندن حق ۾ نه هوندو. تڏهن ئي ته اڄ منجهائنس هر ڪو ڪالهه جو حساب ڏيڻ لاء قانوني ڪٺهڙن ۾ اپين پيرين ٻيٺو آ. جيڪو سڀ عالمي ضمير جي سڃاڻي سبب ئي ٿي رهيو آ ۽ سڃاڻ ڏهن رت جي راند کان نفرت ڪري ٿو. ائين بوسنيائي تاريخ جي پسمنظر جي پيٺ ۾ ڏسجي ته ڇا اهڙيون يا ڪنهن حد تائين انهن سان ملندڙ حالتون سنڌين سان ته لاڳو ناهين. ملڪي فوج يا اهم صوبائي ۽ مرڪزي نوڪرين ۾ سندن نه هجڻ جيترو انگ، ناٿي ۽ پائي جي غلط ورهاست، سند سڪائي سنڌي ماڻهو ۽ مال ويندي جهنگ جا جانور ۽ مارڻ جهڙا گندا ڪرتوت، ان حدتائين جو درياءُ ڪنڊي رهندڙ جهانگين کي ڪڍڻ ۽ ڪوهرين سان ميت وهنجاري پاڪ ڪرڻ جيترو پاڻي به نٿو ملي. ائين ڪلاشنڪوف ۽ ڪاپي ڪلچر، ڪئين قسمن جي منشيات جهڙيون برايون ۽ عالمي دنيا جي نظرن ۾ سرخرو ٿيڻ لاء لکن منهن پناهگير آئي سنڌين کان سندن وات جو گرهه کسي کين پنهن جي ڏيهه ۾ پناهگير ٿيڻ جيئن جهڙو عذاب ڏيڻ چا هڪ بي بوسنيا ناهن وانکي ناهي ۽ چا انهن مڙني ويساهه ڪماتين کان واقف هوندي به اسان جو سنڌي اديب، ڏيهي يا ٻاهر رهندڙ ادب دوست، سرندي وارا، ادبي سنگت، صحافي ۽ ٻيا ادارا عالمي طاقتن جو ڏيان ان طرف چڪائي سگهيا آهن يا هو اڃان به هٿ هٽ تي رکي ڪنهن غيبي سگهه لاء واجهائيندا رهندا. اسان جي ٻڌي جو اهو حال آ ته ڪنهن به قومي سانحي تي احتجاج ڪرن لاء هڪ ڏر جي سڏ تي ٻي ڏر وارا نه ٿا اچن. چا اها عجيب ڳالهه ناهي ته هڪ پارٽي پاران پائي لاء ڪيل لانگ مارچ دوران سنڌ جي راڄڌاني ۾ مردن توڙي عورتن تي وسندڙ لٺين واري مينهن ۾ ٻين تنظيمن جو هڪ به

ڪارڪن شامل نہ هئو. ائين سنڌ واسين لاءِ انتهائي سوچڻ جي مهل آ جڏهن ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي دور ۾ انسان، مريخ کان به اڳتي جي سفر ۾ رڌل آ. ناحق ماڻهو مارڻ ڏوهه ليکجي ٿو. ڪنهن جي وات مان گرهه کسڻ قتل برابر آ پراسان پاڻ سان ٿيندڙ انهن بي واجبين جي دانهن وس وارن تائين رسائي نہ سگهيا آهيون. شايد اهو سوچي ته اهي عالمي عدالتون اسان لاءِ ڪارگر نہ ٿيون ٿي سگهن ته ڏسجي ان سلسلي ۾ نہ رڳو ديسين پر باهر رهندڙ سرندي وارن سنڌين تي به وڌيڪ ذميواريون اچن ٿيون تنهن هوندي چا هو اڃان به اڌ مني صدي انتظار ڪرڻ بابت سوچيندا رهندا ۽ چا ڪين پڪ آ ته تيسين سنڌ ۽ سنڌي بولي بچيل هوندي. ائين سنڌ کان باهر رهندڙ "ورلڊ سنڌي ڪانگريس" يا عالمي سنڌي تنظيمن لاءِ به هي سوچڻ جو وقت آ. چو ته هو ويجهو آهن ۽ سندن ٿوري ڪوشش به گهٽي ڪارائتي بڻجي سگهي ٿي. ائين ڏيهه واسين لاءِ به ضروري آ ته فردن جا قرض چڪائڻ بجاءِ قومي فرضن بابت ئي سوچين ۽ پنهن جي مسئلن کي مڪمل جنگ سمجهي منهن ڏين.

اي ڪاش ! اسان کي وقت کان اڳ ئي پاڻ جيارڻ لاءِ ڪئي ويندڙ جنگ جي سوچ اچي.

●●●

وحشي ناچ

ٻه اڍائي انچ ماپ جي، اها هڪ عام تصوير هئي، جنهن ۾ اڪين تي پٽي ٻڌل اونڌو ليٽيل همراهه جي پرسان چار پنج هٿيارن وارا بينا آهن. رائيفل وارو هڪ شخص هن جي پُٺن تي پير رکي ائين ڦوٽو ڪيرائي ٿو، جيئن شينهن مارينڊ کو شڪاري پنهنجي سورهيائي ڏيکاريندو آ. ڪئميرا ڏي ڏسندي هو سپ ٽهڪ ڏئي کلي رهيا آهن ۽ جڻ انسانيت کي پوندا ڏيندا هجن. اخباري خبر موجب ته هو سپ اتر اتحاد جا سپاهي ۽ سندن پيرن ۾ پيل طالبان ويڑهاڪ هئو ائين ڏسجي ته هو سپ پاڻ ۾ هنا. ساڳيو رت، رنگ، نسل. ساڳي مٽي جا ماڻهو، هڪ قوم، مذهب ۽ لباس پر سياسي رستا الگ هجڻ ڪري هو هڪ ٻئي جا ويري ٻڌيل هنا. اتر اتحاد وارا برهان الدين رباني جي هٿ هيٺ ته طالبان، ملان عمر (۽ بعد ۾ان سڏي طرح اسامه بن لادن) جي سربراهي ۾ وڙهندا رهيا.

اها 11- سيپٽمبر 2001 کان چار پنج سال اڳ جي ڳالهه آ جڏهن افغاني ليڊر ۽ پاڪستان واري بلوچستان جي سرحدي پٽي ۾ خاص طور اهميت حاصل ڪيل "گل آغا" جي غندن، افغان ماڻهن جو جيئڻ وهه ڪري ڇڏيو. رستابند ڪري غندا ٽيڪس ورتي ويندي هئي ۽ نه ته ڪنهن جي جان مال ۽ نه وري عزت بچي سگهي ته طالبان وجود ۾ آيا ۽ تمام جلدي اتان جي خاص طور مظلوم طبقي جون همدرديون حاصل ڪري ورتائون. ڪجهه ماڻهن جو خيال آ ته اهي پاڪستاني انٽيليجنس جا پيدا ڪيل هنا. ائين ئي جيئن سندن جون دهشتگردن تنظيمون يا ڏاڙيل فيڪٽر پر اها حقيقت آ ته طالبان، اسلامي جنوني ثابت ٿيا. ماڻهن کي مذهبي حدن ۾ بند ڪندي هنن نه رڳو کين دين کان ڪٽو ڪري وڏو پر لٽ ڪٽي هر ڪنهن کي ديني گهرجن جو پابند بڻائيندي هو، هوريان هوريان پنهنجي جاءِ گهٽائيندا ويا ۽ پوءِ 11 سيپٽمبر 2001 تي "نيويارڪ" جي "ورلڊ ٽريڊ سينٽر" جي ٻنهي ٽاورن سان جهاز ٽڪرائي پنج هزار کن ماڻهو مارڻ ۽ ڪئين ڪروڙ ڊالرن جي جائداد کي نقصان رسائڻ وارو واقعو ٿيو ته اهو الزام افغانستان ۾ ترسيل، صيهونيت جي سخت مخالف، مسلمان ويڑهاڪ "اسامه

بن لادن" تي لڳو. آمريڪا ڪئين سچن يا ڪوڙن ثبوتن جي بنياد تي اسامہ کي ڏوهي قرار ڏنو ۽ ڪيس جوڳي سزا ڏيڻ لاءِ طالبان کان سندس ٻانهن گهري. جنهن جي انڪار تي آمريڪي صدر جارج بش جي ساک ڪرڻ لڳي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هو تمام وڏي ويڑهہ کان پوءِ ئي تہ حڪومت ماٽي سگهيو هئو ۽ رڳو مهڙئين چئن سالن واري مدي ۾ ائين اعتبار وڃائي ويهڻ تي سندس وڏيڪ Tenure لاءِ صدر بٹجڻ جا موقعا بہ گهٽجي وڃن ها. نتيجي طور هن پوري Diplomacy کان ڪم ورتو. خبر ناهي تہ اهڙي ويل ڪنهن، ڪنهن جي ڪلهي تي بندوق رکي پر صدر بش پنهنجي ساٹارين جي صلاح سان 6- آڪٹوبر 2001 تي جڏهن افغانين تي جنگ مڙهي تہ اتر اتحاد وارا سندس پڪا ساٿي بٹجي سامهون آيا ۽ ڪڙنب جا ويري ٿي پنهنجا ماڻهو مارڻ لڳا.

انسان جي، انسان تي ڏاڍ جي تاريخ هر سنسار جي هجڻ کان جاري آ ۽ شايد تہ آخر تائين هلندي رهي. ماڻهو کي ڏاهپ پريو ٽيندي کو ٿورو وقت نہ گذريو آ پر آدم جي اولاد، "هابيل ۽ قابيل جي ويڑهہ" سان شروع ٿيل رت وهائڻ واري رسم اڄ بہ جاري آ. ائين جڻ بج پوي ۽ پوک پاڻمرادو ڦٽندي ۽ فصل ڏيندي اچي. مان ياد ڪيان ٿو رومن تاريخ،... ڪيليگولا جا قصا... يونانين هٿان ماڻهو مرڻ... دنيا جا عظيم شهنشاهہ ۽ سندن، ڪئين هزار سال پراڻيون عظيم ڳالهيون. مصر جي فرعون "وليدبن مصعب بن ريان" موسيٰ نبي جي جمڙ جي ڊپ کان ٻارهن دايون مقرر ڪري، نئين جايل ٻارن بابت گهر گهر تلاشي ونڊائي نوي هزار ڏڪين ماين جا ٻار ڪيرايا ۽ ستر هزار نر ٻار مارايا. يارهين عيسوي صدي جي آخري سال ۾ يوروشلم ڪٹيندڙ عيسائي فوجين جي سربراهہ "Peter, the Hermit" مسلمانن جي جان بخشڻ جي بهاني سان 15- جولاءِ 1099 تي، القدس جا ستر هزار مسلمان مرد، عورتون ۽ ٻار بيت المقدس ۾ ڪٹا ڪري مارايا. اهو ڪا نندي ڳالهہ تہ نہ هئي جو مسجد جي آڳر ۾ بينل فوجين جا گهوڙا بہ گوڏن تائين انساني رت ۾ ٻڏل ڏسبا رهيا.

تاريخ جا پنا منهنجي يادن جون لاٽون چٽيون ڪندا وڃن ٿا. ياد ٿو اچيم جڏهن فرانس جي آزادي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ "جون آف آرڪ" کي ڏهہ هزار سونن فرانڪس عيوض پکڙي برطانيہ حوالي ڪيو وڃي ٿو. بادشاہ کان "شرافت جو سرٹيفڪيٽ" ونڻ لاءِ ڪيس محل جي ڪنين مائهن اڳيان اگهاڙو ڪرڻ تي سندس ريمون محل جي منارن سان ٽڪرائجن ٿيون. اهائي جون، جا جيوري جي

75 ڄڻن تي گڏيل فيصلي تي ڏوهي قرار ڏني. 30 جون 1432 تي جيئري ساڙي ويئي. هوءَ مري ويئي پر مرڻ وقت مٿي تي پيل ڪاري ٽوپي اُڪريل، ڪيس "مرتد" ليکڻ وارا اڪر اڄ به تاريخ جون ستون بٽيل آهن. وينس جي رهندڙ "گيارڊنو برونو" کي به "ڏرتي گول هجڻ" جي ڳالهه ڪرڻ تي جيئري سڙڻو پيو. ائين ڪٿي انساني منڊين جا منارا ته ڪٿي خوني برج نهيا. روم جا وڏن ڪوٽن وارا ميدان يا قسطنطنيه جو "هيپو ڊرم" (Hippodrum) به رڳو ان ڪري ئي مشهور آ ته سوين ماڻڻ جو جشن ملائيندي حاڪمن هتي ڏوهين کي سزائون ڏنيون ۽ جنگي قيدين کي بکايل شينهن جي اڳيان اڇلارائي، سندن چيخن تي خوش ٿي شاميانا وڄائيا هئا.

خبر ناهي ته مان صحيح آهيان يا غلط پر اندازو اٿم ته اسلام، دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيو ويندڙ مذهب ليکيو ويو آ. پر اهوئي اسلام، جنهن ۾ "گلا ڪرڻ کي به پنهنجي مئل پاءُ جو گوشت کائڻ برابر سمجهيو وڃي ٿو،" ڇا ائين رت وهائڻ جي اجازت ڏني ٿو؟ رت وهائڻ ته ڪنهن به مذهب ۾ جائز ڪونهي. تنهن هوندي به اهو ڪم هر هنڌ هلي پيو. ڪتابي حوالا آهن ته اسلام جي پڌرو ٿيڻ سان بدلي ۾ دشمنن جا ڪنڌ ڪپي منڊيون هڪ جاءِ کان ٻئي هنڌ موڪلڻ يا مخالفن جو ڪچو گوشت کائڻ ۽ رت پيئڻ وارو رواج جيڪو پوري طرح ختم ٿي چڪو هئو سو امير معاويه جي حڪمراني وارن ڏينهن ۾ نئين سر شروع ٿيو. اسلامي دور ۾ جنهن پهرئين شخص جو ناحق خون ڪيو ويو سو "حضرت عمار بن ياسر" هئو. حضرت عمار کي ڪافرن گرم واري تي ليٽائي گهلڻ سميت ڪئين عذاب ڏنا. سندس ماءُ "سميعه" کي ابوجهل نيزا تنبي ماريو هئو پر هن اسلام نه ڇڏيو. عمار کي آنحضرت ﷺ جن ٻڌايو هئو ته "توکي منافقن جو هڪ گروهه شهيد ڪندو." (هيءَ حديث باويهن اصحابين کان بيان ٿيل آ). حضرت عمار، اسلام جي ٻئي خليفي جي ڏينهن ۾ نون مهينن لاءِ ڪوفي جو گورنر به ٻيو پر بعد ۾ "جنگ صفين" ۾ حضرت علي سان گڏ وڙهندي جڏهن سندس ڪنڌ ڪپي امير معاويه وٽ آندو ويو ته به ماڻهو رڳو ان ڪري پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا ته هڪ، 91 سالن جي پوڙهي حضرت عمار کي شهيد ڪرڻ ۽ ٻيو اهو لاش کڻي اچڻ جي دعويدار جي حيثيت ۾ انعام جو طالبو هئو. ائين رت جي ان راند ۾ حضرت علي ڪرم الله وجه جي وقت ۾ گورنر طور ڪم ڪندڙ "عبدالله بن عابس" جي بن معصوم بارن کي به ڪنهن معمولي ڳالهه تان پڪڑي خون ڪيو ويو ته سندن ماءُ چري ٿي پئي هئي.

مشهور آ تہ مغيره بن شعبہ، (جنهن يزيد جي ولي عهدي جي رٽ پيش ڪئي هئي) جي ڏينهن ۾ ئي حضرت علي ڪرم الله وجہ بابت گهٽ وڌ ڳالهائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. حڪومت جا خريد ڪيل ماڻهو مسجدن جي منبرن تي بيهي يا خطبن ۾ "داماد ـ رسول" جي خلاف ڳالهائيندا هئا. جهن کي نفرت ۽ ڏڪار جوڳو عمل ڪونيو ويو پر اها بدڪاري ٿوري بہ نہ گهٽي. هڪ راءِ هئي تہ زياد يا ڪنهن ٻئي ماڻهو کي عهدو ملڻ تي اها غيبت ختم ٿي ويندي پر سن ۵۰ھ ۾ مغيره جي مرڻ ڪانپوءِ زياد ڪوفي جو گورنر بڻجي بہ ان فتني کي بند ڪري نہ سگهيو. ايجان بہ ڇيو وڃي ٿو تہ هن ان سلسلي جي جاري رهڻ کي هٿي ڏني. نتيجي طور هڪ پيري زياد جي غير حاضري ۾ ڪوفي جي قائم مقام گورنر "عمرو بن حديث" جڏهن حضرت علي رضہ جي شان ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو تہ ڪوفي جي رهندڙ "حجربن عدي" نہ رڳو پنهنجي ساٿين سميت مٿس پٿر وسايا پر امير معاويہ جي ان فعل جي مذمت ڪندي چيو:

"منهنجا ڪن حضرت علي رضہ جي برائي ٻڌي سگهن يا نہ پر هو ڪهڙي منهن سان سندس مقابلو ڪري ٿو" جيڪا ڳالهہ "عمرو بن حديث" گورنر زياد کي لکي موڪلي. جنهن خليفي امير معاويہ جي "حجر بن عدي" کي قتل ڪرڻ واري حڪم جي پوئواري ڪندي ڪيس گرفتار ڪيو. ائين "حجر بن عدي" پنهنجو ڏوهہ قبولڻ ۽ انهن لفظن جي معافي وٺي حضرت علي رضہ جي شان ۾ گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان انڪار ڪيو تہ ڪيس مارڻ جو ڊپ ڏنو ويو. جنهن جي جواب ۾ هن وراڻيو هئو:

"مون کي موت جي پرواهہ ناهي پر مان اهو ڪم هرگز نہ ڪندس جنهن سان الله ۽ سندس رسول ناراض ٿين" نتيجي طور سن ۵۱ھ ۾ "حجربن عدي" ۽ سندس ستن ساٿين کي شام آڻي دمشق ويجهو "مرج عذراءِ" وٽ قتل ڪيو ويو. ائين امير معاويہ جي پونير مان اموي خاندان جي ڏهين خليفي "وليد بن عبدالملڪ" لاءِ بہ مشهور آ تہ هو حد کان وڌ عياش، نفيس ۽ سخت طبيعت هئو ۽ پيءُ عبدالملڪ جي مرڻ کان پوءِ 38 سالن جي ڄمار ۾ خلافت ماڻيندي، پنهنجي نو سالہ حڪومت ۾ ڪنهن بہ مخالف کي نہ بخشيو. سندس ظلمن بابت "السيوطي" هڪ ڪتاب "حسن الحاصره" ۾ لکي ٿو تہ:

"هڪ جمع جي ڏينهن نماز کان اڳ خليفي وليد پنهنجي تقرير ايتري تہ ڊگهي ڪئي جو ٽپهري بہ گذرڻ لڳي تہ جماعت مان هڪ شخص اٿي بيهي چيو:

"اي امير المؤمنين! وقت اوهان جو انتظار نہ ڪندو... ۽ نماز ۾ ايتري دير ڪرڻ سان توهان خدا کي ڪوبہ جواب ڏئي نہ سگهندئو" تہ وليد وراڻيو هئو:

"اي شخص تون بلڪل سچ پيو چوين. پر اهڙي سچي ماڻهو جي جاءِ اها ناهي جتي تون ٻيئو آن. تنهنجي جاءِ اها آهي جتي تو کي سڃائي جو انعام ملن وارو آ." ائين خليفي پنهنجي شاهي گارڊ کي حڪم ڏنو ته هن شخص کي بنا دير جي جنت ۾ موڪليو وڃي ۽ گارڊ ترار هٿي کيس اتي ئي ماري وڌو هئو.

اهڙا ئي افعال هڪ معمولي استاد جي پٽ "حجاج بن يوسف" جا ٻه هئا. جنهن گهٽ ۾ گهٽ ٻه ويهن سالن تائين عراقين تي حڪمراني ڪئي. "حجاج بن يوسف ثقفي" لاءِ مشهور آ ته هو حد کان وڌ ظالم شخص هئو. "حضرت عمر بن عبدالعزيز بن مروان،" جنهن کي ماڻهو "عمر ثاني" ٻه ڪري سڏيندا هئا، جي چوڻ موجب ته:

"جيڪڏهن سڄي دنيا جي ظالمن کي هڪ طرف ۽ حجاج کي ٻئي پاسي بيهارجي ته ڳالهه ساڳي ٿيندي." چيو وڃي ٿو ته عبدالمالڪ بن وليد جي ڏينهن ۾ باغي عراقين "سيستان" جي حاڪم "رتبيل" سان ملي جڏهن حجاج تي حملو ڪيو ته "تسر زاويه ۽ ڪوفي" ۾ تمام وڏيون جنگيون لڳيون پر لاڳيتو سوا ٽي مهينا هليل هن ويڑهه ۾ وري ٻه حجاج ئي ڪٽيو ۽ ڳاڙهي ريشمي ڪپڙي جي پٽ ٻڌي رڳو ٻارنهن ماڻهن سان هو ڪوفي ۾ داخل ٿيو ته جامع مسجد وٽ پهچي اتي موجود ميڙ کي چيو هئائين:

"مون کي هتان جي ماڻهن مان ڪيترن جا ڪنڌ، ڪٽڻ جي پڇي تيار ٿيل اهڙي پوک وانگي لڳي رهيا آهن جنهن جي لٽڻ جي مهل اچي ويئي هجي. ائين مون کي توهان مان ڪيترن ئي ماڻهن جون ڏاڙهيون ۽ پٽڪا ٻه رت ۾ پريل ٿا لڳن. ياد رکو ته مان توهان مڙني جي هستي مٽائي ڇڏيندس." چون ٿا ته ان ويڑهه ۾ عراقي فوج جي سرڪاري شاعر "اعشي" جڏهن حجاج بن يوسف جا حڪم نه مڃيندي "عبدالرحمان بن محمد اشعث" جي هٿ تي بيعت ڪئي ته "اعشي" عراقي فوج کي همٿائڻ لاءِ حجاج بن يوسف جي مخالفت ۾ شعر پڙهيا. پر بعد ۾ جنگ هارائڻ تي ٻين قبدين سان گڏ جڏهن "اعشي" کي ٻه سندس آڏو آندو ويو ته حجاج چيو هوس:

"مون کي پنهنجا اهي انقلابي بيت ٻڌاءِ جيڪي باغين کي همٿائڻ لاءِ تون هر روز وڏي واڪ پڙهندو هئين." ته "اعشي" ان مهل ئي حجاج بن يوسف جي شان ۾ هڪ زبردست قصيدو ٺاهي پڙهيو ۽ دربار ۾ موجود سيني ماڻهن کي پڪ ٿي ويئي ته "اعشي" جي اهڙي ساراه کان خوش ٿي حجاج کيس معاف ڪري ڇڏيندو پر حجاج بنا دير جي کيس ان مهل ئي خون ڪرائي ڇڏيو. حجاج

پاڻ کي حد کان وڌ حاسد ۽ ساڙ پريو چوندو هئو. تاريخ لکندڙن هن جي بصري ۽ کوفي جي گورنري وارن ڏينهن ۾ کيل رتوچاڻ کي هلاکو ۽ چنگيز جي ظلمن کان ڪنهن به طرح گهٽ نه ڪوٺيو آ.

ائين ڪربلا جو "گنج شهيدان" جتي امام قاسم جي ڏاڙ مبارڪ سميت 72 شهيدن جا لاش دفن ٿيا ۽ پڪا اهجاڻ آهن ته حضرت امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ ڪٿي، ڪربلا کان ڪوفي ۽ پوءِ ڪوفي کان دمشق ڪٿي وڃڻ يا سندس لاش تي گهوڙا ڊوڙائڻ وارو عمل به يزيد جڻ ته پنهنجي پيءُ امير معاويه جي روح کي خوش ڪرڻ لاءِ ئي ڪيو هئو. ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آ ته ڪنهن نه ڪنهن ٻماني انسان، انسان جو رت وهائيندو رهي ٿو. اڪبراعظم جي دين الاهي خلاف بغاوت ڪندڙ عبدالله عرف دلا پٽي، سندس پيءُ فريد دين ۽ ڏاڏي ساندل کي "پنڊ پٽيان" مان پڪڙي لاهور جي "دهلي دروازي" تي ڦاهي ڏني وڃي ٿي ۽ سندن لاشن جي کل لهرائي انهن ۾ ٻهه پرائي، اهي بوتا بغاوت وارن علاقن ۾ گهمائڻ کان پوء چوسولن تي ٽنگيا وڃن تا. اسپين جي علاقي اشبيليه جو مسلمان حاڪم المعتضد پنهنجي مخالفن کي حمامن ۾ بند ڪرائي، گيس سان گهٽي مارائڻ جي ڪري ته سجاتو وجي ٿو پر سندس مشهوري جو هڪ ٻيو مڪ سبب "انساني کوپرين وارا باغ" ناهڻ هئو. المعتضد جي هن باغ ۾ انساني کوپرين ۾ گملن وانگي گل پوکيل هئا. هن ڪئين جاني ويرين جون منڊيون ٿجوڙين ۾ بند ڪري رکيون. اورنگزيب پنهنجي پيءُ شهاب الدين شاهجهان کي انن سالن تائين زندان ۾ بند رکي مارائي ۽ پاڻ دارا جو خون ڪرائي ٿو. اسپين جي فيلسوف ابن الرشد کي سخت سيءُ هوندي ٻه مسجد کان ٻاهر بيهاري ٽڪون هنيون وڃن ٽيون ۽ ٽڪون هٽندڙ اهي نمازي آهن جي رڳو ٿوري دير پهريان مسجد ۾ خدا جي حضور ۾ مٿو ٽيڪي سجدو ڪن، پر ٻاهر اچي خدا جي مخلوق جي منهن ۾ ڪانگهارا هڻن تا. سوچن ئي سوچن ۾ اڄ منهنجو خيال از خود ان ٻه ڪالمي ليک ڏي ڇڪجي وڃي ٿو جنهن ۾ لکيل آ ته:

"هو ترار هٿي پنهنجي مخالفن جون منڊيون ڪپن تا. جتان بوٽيا ڪري رت نڪري ٿو. پر هنن پاران نڙگهٽ جي انهن سوراخن ۾ پيٽرول وجهي ٻاهه ڏيئ تي بي ستيون سسيون ۽ ڏاڙ ٽپا ڏئي ڦٽڪڻ لڳن تا." اتر اتحاد جا ويڙهاڪ طالبان جي جسمن جي اهڙي اڇل کي 'رقص بسمل' ڪوٺين ۽ ان تي ٽهڪ ڏئي ڪلن تا...! پر... پر مان سوچيان ٿو ته ڇا وحشي ناچ اڃان ٻه ڪنهن ٻئي قسمر جو هوندو آ؟.

•••

مون نہ ڄاتو تہ هي سڄ جهڙا پرين...

۲۳- مئي ۲۰۰۲ع تي شام جو سادي ستين ڏاري لاڙڪاڻي مان آيل ان "ٽيليفون ڪال" کي مان ڪنهن به طرح وساري نہ سگهندس، جنهن ذريعي مونکي جيون جي اهم نعمت کسجڻ جي جاڻ ملي. منهنجي پٽ عزيزالله فون ڪري مونکي منهنجي امڙ جيجل جي اوچتو گذاري وڃڻ بابت ٻڌايو تہ لگ وسامڻ لڳا. مان ٻڌل آواز ۾ پڇيو هوس:

"ڪڏهن؟"

"هاڻي هاڻي." هن وراڻيو. "ڪيس اڄ سادي ٽين وڳي اسپتال ۾ آندو هئائون ۽ اسان جي اڃڻ وقت ساهه ڇڏيائين." ڳالهه ٻڌي منهنجي دل ڏڪڻ لڳي. سوڇون هڪ هنڌ بيهي ويون. اهڙي اوچتي ڇپ ڪرڻ بابت تہ مونکي ٿورو به اندازو نہ هئو. ڪجهه به نہ ٿي سُجهيو تہ ڇا ڪيان. مون رسيور ڪريڊل تي رکيو ۽ ٽيبل جي وَٽ کي هٺ وجهي هوريان هوريان پٺ تي ويهي رهيس.

•••

سلور ڪلر جي ٽويوٽا ويگن ۾ اسان پوٽين يارهين ڏاري حيدرآباد مان نڪتاسين. گاڏي ۾ منهنجي آکهه، ٽنڊي محمد خان مان آيل منظور ۽ پبلڪ اسڪول ۾ پڙهائيندڙ حافظ مير محمد پنهنجي ٻارن سان وينل هئا. بدين سان واسطو رکندڙ پنجاب جي "جٽ" خاندان جو ڊرائيور کي مون سان ٽيل هن هاڃي بابت خبر نہ هئي يا شايد تہ ڄائيندو به هجي تنهن هوندي به هن پاڻ سان گڏ وينل ڪلينر سان سُس پس ڪئي جنهن ڊيش بورڊ واري خاني مان هڪ ڪيسٽ ڪڍي ٽيپ هلائي تہ ڪجهه گهڙين ۾ عابده پروين جي تنوار ٻڌڻ ۾ آئي. هوءَ سريلي آواز ۾ ڳائي رهي هئي:

"اڃان پئي جيئين، تون سڄڻ ساريو نہ مرين،
وٽيون وهه ڳانڍيون، پري ڇو نہ پئين،
لڳئي ڪونہ هنئين، ڪو ڳڻ ٻاروچل جو."

لطيف سائين جو شعر آلاپي هن "سر ڪوهياري" مان وائي ڪڍي هئي:

"اڄ ٻاروچل اڄ الا،
پنهل جام پرڇ الا،
گهوريو وڇوڙو ٿو ماري،
اڄ ٻاروچل اڄ."

جامشوري جي تڏين هوائن ۾، نيشنل هاءِ وي تي ٽيپ جو آواز وڏندو ويو ۽ منهنجو من وسامي رهيو هئو. مونکي ياد ٿو اچي ته سترهن ارڙهن سال اڳ جڏهن پهريون پيرو اها ڪيسٽ مارڪيٽ ۾ آهي ته امڙ جيجل جي هنج ۾ سمهي گيت ٻڌڻ دوران الائي ڇو مان سڏڪا ڀري رنو هوس. حضرت شاهه عبداللطيف جي اها وائي وڇوڙي جو ورلاپ هئي ۽ تقدير جي مالڪ اڄ اهو وڇوڙو منهنجي نصيب ۾ لکيو هئو. مان پنهنجي ماڻ وڃائي وينو هوس. هن جڳ ۾ قدرت پاران انسان لاءِ آملهه سوڪڙي.... اهڙي نعمت جنهن جو انسان شايد ئي ڪو خاص قدر ڪري ٿو. منهنجي دل جهٻو ڪاڏو. ڇڻ ڪنهن هيانءَ ۾ هٿ وڌا هجن. ساهه منجهڻ لڳو. مان پنهنجي چپ ۾ چڪ وجهي به اکين جا ڇپر ڇڄائي هيٺ ڪرندڙ پاڻي روڪي نه سگهيو هوس. مونکي خبر ناهي ته ڊرائيور ۽ منهنجي وچ ۾ وينل ڪلينر اهي سڏڪا ٻڌا يا نه پر هن پڪ سان ته ڪجهه محسوس ڪري ورتو جو هٿ وڌائي ٽيپ بند ڪيائين.

•••

اهو سچ آ ته موت حق جي وات آ ۽ اهو به سچ آ ته موت کان ڇڻ جي واهه به ڪونهي. پر امڙ جي ائين امالڪ گذاري وڃڻ مونکي نهوڙي نيو. سوچيان ٿو جيڪو اڄ ٽيو سو اڄ نه ته صبحاڻي، پنج ڏينهن پنج مهينا يا پنج سال پوءِ به ضرور ٿئي ها. جيڪو ٿڪر ٿهيو آ سو ضرور ٽٽي. سڀائين هجڻ واري ذات ته الله تعاليٰ جي آ... پر ذهن کنهن به طرح اهو قبولڻ لاءِ تيار نه هئو. مان پنجويهه اپريل تي سائس ملي موٽيو هوس. هن مون کان ١٦- مئي تي ڳوٺ وڃڻ جو واعدو ورتو جيئن پاڻ به مونسان گڏ حيدرآباد اچي پر.... "هٿان پيئي هاج... ڪچو ڪيچين کي مرَ جوان." نفس جو پوڄاري ذهن "ڪفران ـ نعمت" جو ڏوهاري بٽيو. ڪجهه غلطين ۽ غلط فهمين جي ڪري مان ڳوٺ موٽڻ وارو واعدو پاڙي نه سگهيس ته امان سڀائين لاءِ رسي ويئي.

•••

ماڻهو سالن جا سال جيئي ٿو. پنج ڏهه پنجاهه سو سال پر ڏهن جي آئيني تي يادن جا اولڙا چٽا ڪري ڪير جڏهن به گذري ويل وقت کي ساري ٿو ته ائين لڳندو جڻ اجان ڪجهه ڏينهن اڳ ئي ننڍپڻ گذريو آ. عام راءِ آ ته ماڻهو کان ان جو ٻاروتڻ ڏاڍو اوکو وسرندو آ. اها ئي حالت هن مهل مون سان به آهي. ننڍپڻ ساريندي عڪس، ازبر، اولڙا پويان ايندا پانيان ٿو. مونکي ياد ٿو اچي واره تعلقي جي هڪ واهڻ جو اهو گهر جنهن جي ڊگهي موڪري آڱر تي وڏي پير بينل هئي. پڪين سرن واري ڪوٺي جي آڏو ڇنائون ورانڊو هئو. جنهن جو اڌ کاڻ جي ڪنڌي سان بند ڪيو ويو هئو. ڪوٺي جي اندرئين ڪنڊ ۾ ٻن ڪٽن جيتري موڪري کاڻ جي وڏي پيتي رکيل هئي. پڪي کاڻ جي هن پيتي تي رنبي سان جنڊي جو ڪم ٽيل هئو. ڏاڏي محمد حسن جي نشاني طور گهر ۾ رکيل ان پيتي ۾ امان کارائتو سامان رکندي هئي ۽ گهٽو ڪري ته ان کي قفل هٽي ڇڏيائين. ياد اٿم ته بند ٽيل ڇنائين ورانڊي ۾ وڏن لڙکندڙ سگهن واري کاري "گهنج" سوا مينهن ۽ بابي جا ٻه پلا ڏيکا "گدڙ" ۽ "ٽري" ٻڌبا هئا. جن جي پيرن ۾ هن رات جو ڪڏهن به قفل هٽڻ نه وساريو. ويل وقت ڏي لوٽو هٽي ڏسندي ياد ٿو اچي ته مان جيئن جيئن وڏو ٽيندو ويس، امان جو پيار پڏرو ٽيندو ڏٺم. مان هن جو پهريتي پٽ هوس. سندس پهريون ٻار. اندازو هوم ته مونکي ڇٽيندي ئي هن پهريون پيرو زندگي جا اهي اڻ ڳڻيا ۽ اڻ سڌ سورَ سڻا جنهن ۾ زائفان موت جي منهن مان موٽي ٿي. سڄ سوا نيزي تي اچي بيهي ۽ عورت پلصراط اکرڻ واري جهلڪ پسي ٿي. ڇا کو ماڻهو ان درد بابت اندازو لڳائي سگهندو جڏهن هڪ وجود مان سرجندڙ نئين وجود جي هن دنيا ۾ اچڻ واري عمل ۾ انساني جسم به اڌ ٽيندو آ. امان مونکي تمام گهٽو پيار ڪندي هئي پر پنهنجي اها چاهت ظاهر ڪرڻ لاءِ هن ڪڏهن به لفظ ڪتب نه آندا. هوءَ واهڻ جي عام رواجي زائفان هئي. اڻ پڙهيل. هن رڳو قرآن شريف پڙهي جاتو. سادي پر سندس زندگي گذارڻ جو نمونو مثالي هئو. مان هڪ ٻن هنڌن تي اڳ به لکي ڇڪو هان جڏهن ادائي تن سالن جي ڄمار ۾ ڏاڏي ڪاڙي جي چلم جي لوهي ناري ۾ وات وجهي ڦوڪ ڏئي پاٽي مان بوٽيا ڪيندو ڏسي مونکي ائين ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ هن مٿي وارو ڏڪ هنيو ته لوهه جي ڪنڌائتي اها ناري تارون ۾ ٽنيجي وات، ڇاتي ۽ پيٽ رت ۾ رنگي ويئي هئي. مان ريهون ڪري رئندو رهيس ۽ ڏاڏي ڪاڙي، جنهن گهر جو پهريون نَرُ اولاد هجڻ ڪري مونکي تمام

گھٹو چ هيو، امڙ کي گهٽ وڌ چيو پر ڏٺم ته امان کي ان ڳالهه جي ڪا ڏورِي نه هئي. هوءَ هميشه وانگي ڪهر جو ڪم ڪندي چوندي هئي:

"اڄ جي اهي ڪاهون پيس ته صبحاڻي الائي ڪهڙا پير ڪندو"

"ڪنهن جو ته مٿو خراب ٿيو، چوڪري... هي ڪهڙو شينهن مڙس آ جو تون ماري ڪٽي پٽي سڏارينس." ڏاڏي کاوڙ ڪندي امان کي چڙهيو ته هن وراڻيو هئو:

"توکي خبر ڪونهي مامي.... پار مُڇ جو وار... جڏي ورائينس تاڏي وري... پار کي ايترو پيار ٿي نه ڏجي جو سپاٽي وڌي آگر تي به نه مُٽي." ياد اٿم ته ان ڏينهن بعد ۾ امان منهنجو رت اڪميو. ڪٽ تي لٽڪائي تارون واري ڦٽ ۾ سرمو وڌو ۽ وهنجاري ڏوتل ڪپڑا پارايا هئا. ائين ياد اٿم جڏهن ساڳي جمار ۾ هڪ صبح جو مون آگر تي بينل پير جي هيٺان ڪريل مير پير ميڙي کاڌا ته امڙ چڙهه ڏئي چيو هئو.

"مٽي هاڻي شئي ڪائن سان ماڻهو بيمار ٿي پوندو آ."

"هو به ته ڪائين پيا." پاڻ جيڏن پارن کي ائين ڪندو ڏسي مون ورندي ڏني ته امڙ اڳتي وڌي سنهنجي مُنهن ۾ بند ٽيل مٽي لڳل پير ڪيڙي پري اڇلايا هئا.

"جيڪو به ڪائيندو، اهو بيمار ٿيندو." ائين مونکي ڏاڏي جي حوالي ڪندي هن چمي ڏئي چيو هئو.... "سڀ پار ائين نه ڪندا آهن." مونکي خبر نه هئي ته تن ڏينهين مان سڀ هوس يا خراب پر امڙ جي ان ڳالهه مونکي سٺي نه لڳي هئي.

ائين ياد اٿم جڏهن مان اجان اسڪول وڃڻ واري جمار کي به نه رسيو هوس ته هڪ ڏينهن پاڙي جي ڪنهن پار سان راند کيڏندي اتکجي کيس ماڻ تي گار ڏنم، جا شايد امان ٻڌي ورتي يا ڪنهن ڏٺس جو بعد ۾ گهر آيس ته هن چيو هئو:

"تو مونکي گار چو ڏني؟"

"مون ته توکي گار ڪونه ڏني."

"ها.... تو مونکي گار ڏني آ."

"مون ته پاڙي واري چوڪري کي گار ڏني آ."

"جيڪڏهن توکي پنهنجي ماءُ پياري آ ته ٻئي جي ماءُ کي گار نه ڏي." ائين هن مونکي ڪچ ۾ ڪيو ۽ سمجهائڻ لڳي هئي... "چا تون چاهين ٿو ته ڪير مونکي به ائين ئي گار ڏئي جيئن تون پرائي ماءُ کي گار ڏين ٿو."

"نہ" مون ناڪار ۾ ڪنڌ ڏوئيو تہ هن وري به منهنجا ڳل چمندي چيو هو:
"سنا يار ڪڏهن به ڪنا لفظ نہ ڳالهائيندا آهن."
"چا مان سنو آهيان؟"
"تمام سنو...." مون ائين ئي چيو تہ هن وراڻيو هئو: "تنهن جي چمن تي سڄي ڳوٺ جون مايون توکي ڏسن آيون هيون."

•••

مونکي ياد آ تہ تن ڏينهين اسان جي ڳوٺ ۾ اسڪول ڪونہ هئو ۽ مان جڏهن اسڪول وڃڻ جي عمر کي رسيس نہ هڪ رات امڙ ۽ بابا مونکي پڙهائڻ بابت صلاح ڪئي ۽ ڪجهہ ڏينهن پوءِ ويجهو واري ڳوٺ "مرزان جوٽيجو" جا خطابي جڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ ڪنهن بيمار جي ڇاڪ ٽيڻ لاءِ "صلوات جو لک" پڙهڻ آيا تہ امڙ مونکي وهنجاري نوان ڪپڙا ۽ بوٽ پارايو. مٿي تي وڏي ڪاري ڦندڻ واري ڏگهي ڳاڙهي ترڪي ٽوپي (بعد ۾ سمجهہ سان ٽيندي خبر پئي تہ اها ٽوپي ترڪ انقلابي حڪمران مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ جي حوالي سان مشهور ٿي هئي) وڏي ۽ استاد جي گهر وٽي اچي منهنجي بانهن سندس حوالي ڪئي. مرزان جوٽيجو ڳوٺ جي "ملان اسڪول" ۾ پڙهائيندڙ استاد محمد صالح (الله ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏئي) منهنجو ماڻو هئو ۽ هر سال هر ڪلاس جي پاس ٽيندڙ شاگردن تي سرڪار پاران ملندڙ گرانٽ جي بنياد تي اسڪول هلايائين. ڪيس ڳوٺ وارن پاران بارن کي قرآن پڙهائڻ عيوض پارهن ماهي لاءِ به ملندو هئو. ان ڏينهن واري حيڪا ڳالهہ مان اڄ سوڌو نہ وساري سگهيو هان، سي امڙ ۽ بابي جا، استاد کي ڪيل ايلاز هئا. هو ڪيس منهنجي پارت ڪرڻ لڳا ۽ استاد سارو وقت کين دلاسا ڏيندو رهيو. ائين شام جو ڳوٺ مان نڪرڻ وقت استاد محمد صالح، وڏي عمر وارن ڪجهہ ڇوڪرن کي هدايت ڪئي تہ "پنڌ ڪندي ٽڪجي پوڻ تي هو مونکي ڪلهي تي کڻي هلن." موڪلائڻ وقت امڙ مونکي "ڪُٽ جي ڏاڪئين" ۾ ڪنڌ وجهي ڏني جيئن "ڏڏ نہ ڪائڻ" واري عادت ڪري يا ٻوڙ نہ هجڻ جي صورت ۾ مان ڪنڌ سان ماني کاوان. ائين هڪ ٻياڻي منهنجي قميص جي پاسي واري ڪيسي ۾ وجهي ان کي گم ٽيڻ کان بچائڻ جي هدايت ڪندي ٻڌايو تہ "هنن استاد کي ان کان سواءِ به منهنجي لاءِ پئسا ڏنا آهن." ۽ پوءِ هن مونکي ڦرڪندڙ چپن سان چمي ڏني تہ مون سندس اکين ۾ موتي چمڪندا ڏٺا هئا. بعد ۾ غلام حيدر جوٽيجي نالي ڇوڪري جي ڪُلهي تي ويهي ٻنين وڃان ٽهيل پيچري سان ويندي مون لوٽو هٿي پنهنجي

ڳوٺ ڏي ڏنو، جيڪو هوريان منهنجي اکين کان پري ٿيندو رهيو. منهنجون اکيون آليون هيون. پر پري تائين ويندي به مان آهستي آهستي ننڍو ٿيندڙ ان ميرانجھڙي پاڇي کي ڏسي رهيو هوس جا ڳوٺ جي مسجد آڏو بينل منهنجي ماءُ هئي.

●●●

ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو واري لاڙي کان پوءِ "هاءِ وي" جي ٽول پلازه وٽ گاڏي جھڪي ڪندي ڊرائيور پنهنجي پاسي واري ڪليل دري مان ٻاهر ڪيي ٽيڪس ڏئي پرچي ونی تو. مان لوٽو هٽي ٻاهر ڏسان تو. خاڪي ڪپڙن واري همراهه پٽسا هٽ ۾ جھلي اوپاسي ڏني ۽ گاڏي اڳتي وڌي وڃي تي. ڊرائيور ۽ ڪلينر پاڻ ۾ سس پس ڪري رهيا آهن. پر مان يادن جي دنيا ۾ موٽي وڃان تو. ذري گھٽ ته اڌ صدي جي مدي جيترين يادون. ٻاروٽڻ کان هوريان هوريان وهي طرف سرندڙ ڏينهن. مدرسي ۽ پوءِ انگريزي اسڪول جو زمانو ۽ ان دوران منهنجي امان جي اڻ ڪٽ پيار جون يادون. مونکي ياد آيو جڏهن انين جماعت پڙهندي، اسڪول مان گسائڻ تي هڪ ڏينهن بابا بندوق ڪٽي مارڻ لڳو ته امڙ مونکي ڪٽ تي پيل هنڌن ۾ لڪايو هئو... ۽ پوءِ بعد ۾ جڏهن هوءَ مشين تي ڪپڙا سبندي هئي ته مان سندس پاسي ۾ ويهي هن جون ڳالهيون ٻڌندو هوس. سندس ڏکن پريون ڳالهيون... مٽن مائٽن جي ويساهه گھاتين، منافقت... هن جي غربت جون ڳالهيون. هوءَ مونکي ٻڌائيندي هئي:

"مان پنهنجي ماءُ پيءُ جي سکيلڏي هنس. بابا ته اڻوجھه هئو پر امان ۽ پائرن مونکي تمام گھٽو پيار ڏنو. مامو (سندس سهرو ۽ منهنجو ڏاڏو محمد حسن) به ته مونکي ڏاڍو گھُرندو هو." ۽ اهي ڳالهيون ڪندي هوءَ تمام گھٽي خوش ڏسبي هئي. هن جي چهري تي چانڻجي ويندڙ مرڪ ۽ سڪ جون ريکائون ياد اچي اڄ منهنجو من ولوڙي رهيون آهن. هوءَ چوندي هئي:

"ڪڏهن به ڪنهن سان نه وڙهندو ڪر... ڪوشش ڪري دوست ناهه. دوست نه ڳا نهن ته دشمن نه ناهه... ماڻهو سال گذاري مس مس ئي ڪو چگو دوست ناهي تو..... پر جڏهن مان نڪتل هڪ ئي اوکو وينڊ اها دوستي دشمني ۾ بدلايو ڇڏي." ۽ مونکي ياد آ جڏهن گھر جي وراندي يا شام جو آڳر ۾ هوءَ فوٽ ڪن اوچائي واري سندل تي "هٽ واري سلائي مشين" رکي ڳوٺ جي ماڻهن جا ڪپڙا سبندي هئي. سندل جي هڪ پاسي وڇايل تڏي تي ڳوٺ جون مايون اچي ساٽس ڪچهري ڪنديون ۽ ڪائنس فيصلا ڪرائيندیون هيون. سندل جي

ٻئي پاسي امڙ جو مصلو رکيل هئو. ائين هوءَ جڏهن ٻه گهرجي ڪم کان واندي ٿي ته پنهنجي "ٽوپي سيبي" واري ڪم کي لڳندي هئي ۽ سج لهندي ئي ڪم بند ڪري هن اڪثر مشين جي خاني ۾ رکيل ننڍڙي بندي ڪٽي مونکي ڏني ۽ ماٺهن ڏي سلائي جا پئسا لکڻ جو چيو. مونکي ياد ٿو اچي ته تن ڏينهين سندس ڪئين ڪلاڪ هٿ تي مشين هلائي ڪپڙا سبڻ واري پورهئي جو مُلهه رڳو ٻه يا ٽي روپيه ٻه مس ٿيندو هئو.

"امان هي ته تمام ٿورا آهن." مان چوندو هوس... "تون سستا ڪپڙا چو ڦٽي سبين." ته اڪثر وراڻيائين:

"هي ماٺهو ٻه ته غريب آهن نه ابا.... سندن ڪپڙا ٻه سستا ته سلائي ٻه گهٽ.... هونئن ٻه ٻان پلا ڪهڙي وڏي ڪاريگر آهيان."

"پر تنهنجون ناهيل ٽوپيون ته ڪوڙ سارا پئسا ٿيون ڪن."

"بس ڪنهن ڪنهن ماٺهو کي ڪنهن جي هٿ جي صفائي وٽندي آ... حالانڪ مون کان پلو پرت ته ٻيون ڳوٺ واريون مايون ٻه پيون پرين." ڀاڻ پڌائڻ بجاءِ هوءَ اڪثر چوندي هئي ۾ مونکي ياد آ ته انهن ڏينهن ۾ امڙ جي ٽوپين جو ملهه عام زائفن جي پرت جي پيٽ ۾ ٽيڻ چئوڻ تي وڌيڪ هوندو هو.

●●●

امان بابي کي هونئن ته ڪوڙ ٻار ٽيا پر هاڻي موجود اسان چئن پائرن ۽ ٻن پينرن ۾ هن مونکي مڙني کان وڌيڪ چاهيو. ياد اٿم جڏهن ڀاڻ لاءِ گهٽ پيار هجڻ واري ڳالهه ڪندي مان ڪيس هروپرو چيڙائيندو هوس ته اڪثر وراڻيائين:

"هر ٻار جي پنهنجي جاءِ آ ابا... جنهن ٻه وار کي چڪ ڏبي ته ايڏاءُ ٿيندو پر خبر نه ته توسان الائي ڪهڙو جيءَ جڙيل آ." ۽ پوءِ هوءَ دعائون ڏيڻ ۾ شروع ٿي ته لفظ ڪٽي ويندا هٿا پر سندس دعائون نه ڪٽيون. هوءَ چوندي هئي... "دشمن دور، سڄڻ سامهون هوندئي. تنهنجي تري ڪير نه پٽيندو. جگ محتاج هوندئي. سيني کان مٿانهون هوندين. الله آباد ڪندئي... تارونڙي وانگي ترندين." ته سندس پيرن تي سر نوائي مان دل ئي دل ۾ اهي دعائون اگهاڙ جي تمنا ڪندو هوس. ائين هوءَ مون سان ويهي حال وندينديِ هئي ۽ منهنجي پڙهائڻ بابت اڪثر چيائين:

"توکي پڙهائڻ لاءِ جيڪڏهن اسان کي پنهنجي ٻني ڪپائڻي پئي ته ٻه ڪپائيندا سين پر چاهيان ٿي ته تون ولايت تائين ٻه پڙهڻ وڃ" ۽ پوءِ ٻيلي ڪاتي ۾ چوندجي مان ڪجهه مهينن جي سڪيا لاءِ آمريڪا ٻه ويس. حالانڪ اهو سڀ

سرڪاري خرچ تي ٽيو پر منهنجو ايمان ا ته اهي امڙ جون دعائون ئي هيون ته مان ولايت مان به پڙهي اچان.

مونکي ياد آ ته ڳوٺ ۾ خاص طور عيد جي ڏينهن اسان چارئي پائر جڏهن به ڪيس پاڳ ويرهائڻ بابت چوندا هئاسين ته هن اتي اڪثر چانورن جو اتو ڪتي ان ۾ پنهنجي چيچ وارو چلو وڏو ۽ پيڙو ناهي ماني پچائي ان جا چار ٽڪر ڪري هڪ هڪ چوٽاڙ هر پٽ کي ڏنو. پر عجيب ڳالهه هئي ته امڙ جي چيچ جي چلي وارو چوٽاڙ سدائين منهنجي حصي ۾ آيو. جنهن تي جڏهن به بين پائرن ڪجهه چيو ته پاڻ ڪلي ورائيندي هئي:

"هي ته هر ڪنهن جو پاڳ آ ابا.. ۽ ڪنهن جي پاڳ سان ڪنهنجي ڪهڙي ريس." هن مونسان تمام گهٽو پيار ڪيو. ايتري قدر جو منهنجي جوان ٽيندي به پاسي ۾ ويهي مٽو ٽولهيندي ۽ ڪونه ڪو سهرو جهونگاريندي هئي. ڪيس "چولو البيلي جو مان چولي رنگ لايان" ۽ زيب النساء جو ڳايل گيت... "هُج ڏٽي ڪيم هاڻي" خاص طور وٺندا هئا.

ياد اٿم ته سال ۱۹۷۳ ڏاري مذهب ڏي وڌيڪ لاڙو هجڻ ڪري حڏهن مان آڏي تائين ڳوٺ جي مسجد ۾ "قرآن شريف جو دور" ڪندو ۽ نفلي نماز پڙهندو هوس. هڪ رات بي اڀائي وڳي گهر موٽيس ته ڪيس کٽ جي مٿن کان ويهي وضو ڪندي ڏٺم. هن شايد ته مونکي نه ڏنو هئو جو مهاري ۾ ستل "بابي سائين" کي اڻاري مون بابت خبر رکڻ جو چيو. جنهن جي جواب ۾ اسان وٽ ترسيل منهنجي ڦڦي جڏهن ڪيس منهنجي وڏو هجڻ بابت چيو ته ورائيائين:

"توکي خبر ناهي ادي..... ٻار ته ٻيا به اٿم پر هي ٽورو به پري ٽئي ٽوته ساهه ٽو منجهي."

پنهنجي سڄي جمار ۾ هن رڳو هڪ دفعو مونکي ڏڪ هنيو. سو به تڏهن، جڏهن مان وهي چڙهيس ۽ ڪنهن ڪالهه تان مڇرجي زال کي پهرين ۽ آخري چمات هنيم ته امڙ ڪاوڙجي چلهه تي پيل لئي جي چانين مان هڪ ڪتي مونکي هنيو ۽ چوڻ لڳي:

"شرم نه ٽو اچئي... مرد ٽي ڪري به زائفان ذات تي هٿ ٽو کٹين... عقل ڏار.... پنهنجي ننگ کي ماربو آ چا...." حالانڪ بابا جي ڪاوڙجي مٽس اُلرون ڪرڻ وقت هن ڪيس ڪڏهن به نه روڪيو هئو.

هوءَ سڄي ۽ پيار ڪندڙ زائفان هئي ۽ مڙس کي مجازي خدا ڪري پانيائين. ايتري قدر جو زندگي جي ڪٹين ڪچين پڪين کان پوءِ به سدائين

سنڌس پاسو ونيون پئي رهي. ياد آئم جڏهن جولاءِ سال ۱۹۷۲ع ۾ اسان جي ذات واري هڪ گونائي پان ماريو ته هن جي مائٽن پاران چاچي سان پلاند ڪرڻ لاءِ اهو ڪيس بابي سائين ۽ منهنجي ٻن ڦڦاٽن تي داخل ٿيو. تن ڏينهين ڪجلو خان بروهي نصيرآباد ٿاڻي جو ڏو صوبيدار ۽ جنگي خان بروهي اي.ايس.آءِ هئا ته ڪيس ۾ نالو نه هوندي به بروچ ذات جي پر "بروچ قوم جي نالي تي لانٽائي" جمڙي هڪ دومڪي پوليس عملدار گهرن تي ڪاهي امڙ ۽ مونکي ونئي وڃي نصيرآباد ٿاڻي جي چاوڙي ۾ ويهاريو ته رات جو نائي ڪراڙي سان گڏ ٿاڻي جي پرانهين ڪنڌ ۾ ٽهيل ٽلهي جي پڪسري فرش تي وڇايل تڏين تي وينو هن مونکي چيو هو:

"اسان جي ته ابا جيڪا بيعزتي ٿي سا ٿي پر خيال ڪجانءِ ته پٽهين هيڏي نه اچي... نه ته هي منا ته ڪيس ڪٽي ڪٽي ماري چڏيندا." ان کان سواءِ به عام زندگي ۾ ٻن بابي سائين جي هر ڳالهه رکي ۽ اکثر ڪانئس چرڪندي رهي. بابو پلي کانئس ناراض هجي پر پان چوندي هئي:

"هو ڪاوڙجي ته پلي پر مونکي به ته خدا کي جواب ڏيئو آ.... قبر ۾ ته مان هيڪلي هوندیس نه." هوءَ بابي سان ان کٽ محبت ڪندي هئي ۽ سنڌس خدمت ڪندي ڪڏهن به نه ٽڪي.

منهنجي امان شرافت جو انوکو نمونو هئي. هوءَ واهڻ جي عام رواجي مذهبي زائفان هئي. جنهن پنهنجي زندگي کي رڳو ٻين جي پلي لاءِ ڪتب آندو. عجيب مُرڪ جي مالڪ، نندي قد، ملوڪ مهاندن ۽ ڳوري رنگ واري امان ارباب خاتون، جنهن گهٽو ڪري ته ڪڏهن به تهجد پڙهڻ نه وساريو. گذريل ٽيهن ٻتيهن سالن ۾ جيتري قدر مونکي ياد ٿو اچي ته هوءَ هر روز رات جو پي ٽين وڳي اٿندي هئي ۽ تهجد جي نفلن کان پوءِ قرآن پڙهڻ ويني ته ڏينهن جو ڏهين يارهين تائين مس واندي ٿي. مون کيس ڪڏهن به نماز چڏيندي نه ڏٺو. مذهبي ڪالهيون ٻڌي هوءَ اکثر روئندارکي ٿي چوٽڪاري لاءِ دعائون گهرندي هئي.

سنڌس لاءِ ان کان وڌيڪ مان ٻيو ڇا چوندس ته پيار محبت سميت اٺ کٽ خوبين جي مالڪياڻي منهنجي باجهه پري ٻڌڻي امڙ دنيا جي چوند نيڪ عورتن مان هڪ هئي. جنهن پنهنجي توڙي پرائي، هر ڪنهن سان چگائي ڪرڻ وارو ڪم ڪيو. هوءَ ڳوٺ جي مائٽن جا فيصلا ڪندي هئي ۽ ڪوشش ڪري به ٻن وڙهيلن کي ناهيائين.

•••

عمر جي پوئين ڪجھ سالن ۾ خبر ناھي ته الائي ڇو مونسان ملڻ يا موڪلاڻ وقت ھوءَ منھن جي ڪنڌ ۾ پاڪر وجھي چمندي ھئي. حالانڪ اڳ ۾ ھن ائين ڪڏھن به نه ڪيو. ھن شايد ته پنھنجي موت بابت پروڙي ورتو ھئو ۽ پيار پڌرو ڪري ويئي.

•••

"استاد گاڏي جھلجانءِ... نينگر پيشاب ڪندو." رات جو پوٽي ٻي وڳي ڏاري اسان جڏھن مخدوم بلاول ريلوي اسٽيشن جي لاڙي وارن ھوٽلن وٽ پھتاسين ته ڊرائيور جي پويان وينل منظور پٽي رڙ ڪري وين بيھارڻ جو چيو. ڊرائيور به شايد ته موقعي جي تاڙ ۾ ھئو. ھن امالڪ بريڪ ھنئي ۽ اولھ طرف واري لنڪ روڊ تي گاڏي بيھاري پاڻ، ڪلينر کي وٽي تکو تکو پاسي واري ھوٽل تي چانھن پيئڻ ھليو ويو. ائين ڏري گھٽ ته سپ ماڻھو ھيٺ لٿا ۽ پاڻي ڇڪو ھارڻ يا ٽنگون ساھڻ لڳا. مان ھلڪيون وڪون ڪڍندو سامھون واري پل جي گوڏي جيڏي پٽ تي اچي وينس. ھن مھل مون سان گڏ رڳو منھنجا خيال ھئا. ورھن جا يادگيرا. اھو ڄاڻيندي به ته مان پنھنجي امڙ جيجل جي مرتئي جي ڄاڻ ملڻ کان پوءِ ئي لاڙڪاڻي وڃي رھيو ھوس، ذھن اھو ڪنھن به طرح قبولڻ لاءِ تيار نه ھئو. مان سوچي رھيو ھوس ته اھو سپ ائين اوچتو ڪيئن ٿيو. خبر ھئم ته امڙ "دم جي مريض" ھئي ۽ گذريل ڪئين سالن کان ڪڏھن ڪڏھن سندس حالت خراب ٿي ويندي ھئي پر ھاڻي ته اھڙي ڪابه ڳالھ نه ٿي ھئي. نه مونکي ڪو اھڙو نياپو مليو نه سنيھو ۽ امان ائين وڃڙي ويئي. ڪا شيءِ ھئي جا منھنجو ھيانءُ چيرڻ لڳي. مان پنھنجي عظيم نعمت وڃائي وينو ھوس. اھڙي اُملھ سوڪڙي، جنھن جو اسان سندس ھوندي قدر نه ڏا ڪيون. سمجھان ٿو ته مون پنھنجي مائٽن جو تمام گھٽو خيال رکيو. پر ڇا ايترو.... جيترو ھنن مون لاءِ ڪيو. شايد ته نه... ۽ مان پاڻ کان پڇان ٿو ته اسان جيڪو ڪجھ به پنھنجي ٻارن جي خوشي ڪاڻ ڪيون ٿا، ڇا ان جي ٿوري حصي جيترو به پنھنجي پيءُ ماءُ جي رضا لاءِ ڪيو آ؟.... ۽ جواب وري به اھوئي ناڪاري ھئو. مونکي خبر آ ته آسمان تان لاٿل چئن وڏن پاڪ ڪتابن ۽ ھڪ سؤ صحيفن سميت دنيا جي گھٽو ڪري ته ھر ڪتاب ۾ ھن رشتي جي واکاڻ ڪيل آ. مذھبي ڪتابن ۾ حڪم آيل آ ته "ماءُ جي پيرن ھيٺان جنت آ" ۽ مان ڄاڻان ٿو ته ماءُ جي پيرن کان مٿي ڪوبه بھشت ڪونھي. خدا جو حڪم آ ته "پيءُ ماءُ ڏي رڳو ان سوچ سان ڏسن ته ھي اھي ھستيون آھن، جي منھنجي ھن جگ ۾ اڇڻ جو سبب بڻيون ته

خدا ان انسان کي حج اکبر جھڑا ڪئين ثواب عطا ڪري ٿو." پر مان سوچيان ٿو ته ڇا رڳو بهشت حاصل ڪرڻ يا دوزخ کان بچڻ وارو خيال ئي پيءُ ماڻ جو ادب ڪرڻ جو سبب آ؟ ڇا هو ان کان سواءِ به خدمت جي لائق ناهن؟ ۽ ڇا اسان سندن لاءِ اهو ڪجھ ڪري سگھيا آهيون، جيترو هنن اسان لاءِ ڪيو آهي؟

"بابا... هو سڀ توهان جي انتظار ۾ آهن." مان پنهنجي خيالن ۾ گم آهيان ته ننڍو پٽ سونو (هن جو اصل نالو ثناءالله آ) پر ۾ بيهي مونکي گاڏي ڏي هلڻ لاءِ چوي ٿو.

"ها پٽ.." سونو کي هٿ کان ونڊي وين ڏي وڌڻ لڳس.

●●●

اسان چودڳي کان اڳتي ٽپيا آهيون. هي رستو هڪ طرف ڍلجي ۽ ٻئي پاسي کاڇي جي ڪجھ ڳوٺن ڏي وڃي ٿو. بس اسٽاپ تي بند هوٽل اڳيان هڪ ڪتو ستل آ. هو شايد ته هن گوڙ تي هري ويو آ جو هلندڙ گاڏين جي هارن وغيره وڃڻ تي به ڪنڌ نه ٿو ڪٽي. پويان ننڍڙي پار جي روئڙ جو آواز اچي ٿو.

"انهي کي ڇا ٿيو آ؟"

"الائي ... بس ئي نه ٿي ڪري." ٻي سيٽ تي ونڊل نصرالله جي رڙ ڪري پڇڻ تي عزيز جي زال وراڻي تي.

"کير ڏينس نه." منظور پٽي جي پيٽ پٽڪو ڪندي چيو ۽ شايد عزيز جي زال سندس صلاح تي لڳي ته ننڍڙي مان ڪري ويئي هئي. پيالي جھڙي ميڇالي ۾ بند منهنجون يادون وڏي سمنڊ وانگي پکڙي رهيون آهن. مان ياد ڪيان ٿو جڏهن ڏڪ ويا، سک وريا ۽ نوڪري چڙهندي مون پهريون پيرو "ٽري پيس" پاتو ته امڙ خوشي وچان اوچنگارون ڏئي رني هئي.

"اڄ منهنجا سڀيان ٽپيا آهن." منهنجا ڳل چمندي هن چيو هئو... پر انهن خوابن جي حقيقت بڌجڻ کان پوءِ به ڇا هن صحيح سک ماڻيو؟ ڇا سندو لٽو ڪپڙو ڪاڻ خوراڪ ئي اصل خوشي آ؟ پيٽ ته ڪتا به پيا پالين. بک وگھي ته هن جگ ۾ ڪير به نه مئو آ. اصل خوشي ته دل جي خوشي آ. ور جو قرب، اولاد جو ادب، دنيوي خواهشن جي پالنا، دوا درمل ۽ اتي وينڊ ۾ حڪم هلڻ ئي ته ماڻهو جي سک جو سبب ليکبو آ. پر ڇا منهنجي آفيسر ٽيڻ کان پوءِ امڙ صحيح سک يا زندگي جون اصل خوشيون حاصل ڪري سگھي هئي؟ .... ۽ سچ اهو آ ته ان جو جواب "هاڪار" ۾ هجڻ ڏاڍو اوکو آ. پانيان ٿو ته ٻين پٽن جي پيٽ ۾ مون امڙ ۽ بابي سائين جو وڏيڪ خيال رکيو. امڙ اڪثر مون وٽ رهندي هئي.

مون کيس سنو ڪارايو، سنو پارايو. هن جي خوشين جي پالنا ڪندي اڪثر اهڙا ڪم ڪيا جو ڪجھ ماڻھن ٽوڪ جو نشانو بہ بڻايو. مثال طور پنھنجي وڏي ڀٽ اسدالله جي ٻي شادي يا نصرالله لاءِ ملندڙ وچولي طبقي جي سھڻي سيبتي پڙھيل لکيل چوڪري (جنھن سان شادي ڪرڻ جي صورت ۾ ھو ھن محل پک سان تہ ناھوڪي نوڪري وارو ھجي ھان ۽ ھاڻي اڃان تائين بيروزگار آ) ڇڏي امڙ جي ڇوڙ تي سندس ماسات جي اڻ پڙھيل ڏي جو سڳ ونڊ، عزيز جي شادي ۽ امڙ جي ڇوڙ تي مامي در محمد جي ڏي کي ڏارين مان طلاق ڏيارائي پنھنجي ڀاءُ اڪبر کي پرٽائڻ جھڙن ڪمن تي اڪثر ماڻھن مون تي ٽوڪون ڪيون. ڇوڪرا بار بار اھا ڳالھ ورجائڻ لڳا پر سمجھيم تہ امڙ جي خوشي ۾ ئي منھنجي خوشي آ. مون ڪيس عمرو ڪرايو. حج تي موڪليو. سندس پيرن جي پٽي کي سرمي سمان پانيو. سندس رضا موجب ڪم ڪندو ھوس. گھر وارن کي سختي سان سندس ڳالھ مڃڻ جي ھدايت ڪيل ھئي جن بہ اڪثر ان تي عمل ڪيو پر سمجھان ٿو تہ ڪيس سَوَ حج ڪرائي بہ مان جڻ تہ ھن جي ھڪ رات واري اوجاڳي جو قرض بہ نہ لاھي سگھان. ڪنھن سياڻي جو قول آ:

"The highest act of wisdom is self accountability"

(دانائي جو سڀ کان وڏو عمل خود احتسابي آ)

ائين پاڻ ئي جج ٻڌجي پنھنجو حساب ڪتاب ڪندي لڳيم ٿو تہ پيءُ ماءُ جي ادب جو پنڌ اڃان پري آ. مان ياد ڪيان ٿو جڏھن ڪوبہ نہ ٽيڻ جھڙو ڪم ڪرڻ لاءِ ھن جي زور پرڻ تي سائس ٿورو بہ تکو ٿي ڳالھايم تہ چوندي ھئي:

"تنھن جو ائين ڳالھائڻ مونکي خراب ٿو لڳي..."

"امان... پر اھو ڪم نہ ٿيندو." مان پنھنجون مجبوريون ظاھر ڪندو ھوس ۽ ڪيس سمجھائڻ جي ڪيم تہ بہ نہ مڃيندي ھئي.

ياد اٿم جڏھن منھنجي ڪاوڙجڻ تي گھر جو ڪوبہ پاتي اڳيان نہ آيو تہ رڳو ھوءَ ئي سامھون ٿي چوندي ھئي:

"مونسان تکو نہ ٿجاءِ... ھاڻي آھيان تہ پرچايانءِ ٿي... پر نہ ھوندس تہ پوءِ قدر پوندئي.... ۽ پوءِ ڏاڍو رئندين."

"تنھنجون تہ رڳو ڳالھيون ئي پنھنجون آھن امان."

"تہ اھو ڪوڙ آ چا؟" ھوءَ ماني جا گرھ ناھي وات ۾ وجھندي ھئي ۽ مون ٿورو بہ ٻوٽ ڦيرايو تہ چيائين:

"ماءُ جو هٿ نہ موٽائبو آ... ماءُ جو قدر ٿ سندس مرڻ کان پوءِ ئي پوندو آ." ائين هوءَ اکثر اکيون آليون ڪري ويٺي. هوءَ چوندي هئي:

"منهنجو سڪيلڏو آن تڏهن ئي پرچايانءِ ٿي. ٻيو ڪو هجي ٿ ويجهو به نہ وڃانس." پر ائين ڪونہ هئو. هوءَ مڙني کي پرچائيندي هئي. مڙس هجي، پٽ، ننهر، ڏيئر ويندي پوٽا پوٽيون به... ڪنهنجي ڪاوڙجڻ تي هرڪو امڙ کي ئي وڃي چنبڙندو هئو ٿ "اڃي وارو ڪر... فلاڻو نہ ٿو ريجهي."

ياد اٿم ٿ رنج ٿيڻ کان پوءِ ڪيس اکثر چپ چاپ ڪمري جي دروازي وٽ ويڳاڻو بينل ڏسندو هوس. ائين جيئن ڪو ويچارو ماڻهو... هيڪلو هيڪلو.. جنهن جي ڪابہ ڳالهہ نہ هلندي هجي.. جنهن پاڻ کي بنهہ اڪيلو پانيو. بند ٽيل چپ، نماڻيون اکيون، اڻ مئي آس. اهو نظارو منهنجي اکين آڏو ڦري ٿو ۽ سوچيان ٿو ٿ... "اکثر پيءُ ماءُ پنهنجي پيٽ جاين آڏو ڪيئن نہ ويچارا هوندا آهن. جڻ ٿ هٿن سان پالي وڏو ڪيل پنهنجن ٻارن تي سندن وس نہ هلندو هجي. سندن اولاد ڏٺ سان جيئندو رهي پر پاڻ ننڍين شين لاءِ بہ محتاج..." ۽ اهي ڳالهيون اڄ منهنجي اندر ۾ وڍ وجهي رهيون آهن. مان سڀ ڪجهہ وڃائي وينس. پيءُ ماءُ جي ادب ۽ خدمت جي حوالي سان گهٽو ڪندي بہ مان گهٽو ڪري نہ سگهيس. مون نہ جاتو ٿ خاص طور اولاد جي جيون ۾ سڄ جهڙو سوجهرو آڻيندڙ هي پرين ائين اوچتو پري ٿي ويندا. ياد اٿم جڏهن امڙ حج ڪري موٽي ٿ ساٿن گڏ سفر ۾ رهندڙ تن ڏينهين ڏٺي ضلعي جي ايس پي (شايد ٿ مشتاق علي يا قربان علي) شاهہ صاحب جي چواڻي ٿ "اڃي مون مولوي خادم حسين (منهنجي پاءُ) کي، امڙ کي هٿن کان وڌي عرفات جي ميدان واري مسجد نمره ۾ هلندي ڏٺو." ٿ مونکي ڏاڍي ريس آئي هئي. سوچيم ٿ مان ائين ڇو نہ ڪري سگهيس. تڏو ساهہ پريو هوم ٿ مولوي خادم حسين جي جاءِ تي جيڪر مان هجان هان... ۽ پوءِ مون پاڻ سان واعدو ڪيو ٿ امڙ کي هڪ پيرو ٻيهر حج ڪرائيندس ۽ ڪيس پنهنجي هٿن سان گهمائيندس ڦيرائيندس پر قسمت جي ڳالهہ جو مونکي اهو سڌ ڏي نہ سگهيو. مان ساٿس ڪيل واعدو نباڻي نہ سگهيس. هوءَ دنيا مان هلي ويئي.. ۽ ... ۽ ... اها خلش اڄ بہ منهنجي اندر ۾ چرپر لائي مونکي ماري رهي آ.

•••

امڙ دم جي مريض هئي. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن سندس حالت خراب ٿي ويندي هئي. ايتري قدر جو ڪنهن وقت ٿ ڊاڪٽرن ڪيس "هٿرادو آڪسيجن"

تي به رکيو. اهڙي وقت مان ۽ منهنجي زال هن سان گڏ اسپتال ۾ هوندا هئاسين. پر هن پيري اهڙي کابه ڳالهه نه هئي. تنهن هوندي به هوءَ هلي ويئي. ٻاويهين تاريخ رات جو سادي يارهين وڳي منهنجي ٻاءُ مرتضيٰ سندس ٽيڪ نه هجڻ جو ٻڌائيندي چيو ته "لاڙڪاڻي آيا هون، صبح جو واپس ڳوٺ ويندا سين." ان ڪري ٻي زماني جي ڪمن ڪري مون پنهنجي ٻارن کي لاڙڪاڻي موڪليو ۽ ٻاڻ ٢٣ تاريخ شام جو وڃڻ جو پروگرام ٺاهيم ته وڃوڙو مقدر بڻجي ويو. مان هن سان آخري گهڙيون گڏ ويهي نه سگهيس. مون هڪ پيرو ٻيهر بازي هارائي. اهي سوچون منهنجو من ولوڙي رهيون هيون. ڪهڙي خبر ته زندگي جي آخري گهڙين ۾ هوءَ مونسان کي ڳالهيون ڪري هان. کا وصيت، ڪنهن جي پارت ۽ ٽي سگهي ٿو ته هن جي من ۾ کو ڏک به هجي، جو رڳو منهنجي، سندس پرسان ويهڻ ۽ ڳالهائڻ سان ختم ٿئي هان. ائين به هئو ته سندس پاسي ۾ ويهي دعا گهرڻ تي موت جو کلندڙ در بند ٿئي ۽ عزرائيل واپس موٽي وڃي هان. ٽي سگهي ٿو ته اسان جون دعائون اڳهڻ تي هوءَ ٽيڪ ٽي پوي هان... پر ڪونه ڄاتو هوم ته سدائين "Care free" تي هلندڙ مون جهڙا ماڻهو گهٽو ڪري هر بازي هارائي ويهندا آهن. منهنجي ٻاءُ مرتضيٰ ٻڌايو هئو ته:

"٢٣ تاريخ ڏينهن جو سادي ٽين وڳي اوچتو سندس طبيعت خراب ٽي پئي ته ڊاڪٽرن کيس اسپتال ۾ داخل ڪرڻ جي صلاح ڏني. ان وقت تائين مولوي خادم حسين به خيرپور مان پهچي چڪو هئو ۽ اسان ٻنهي کيس پنهنجي هٿن تي کٽي مٿي (فرسٽ فلور تي) ڪمري ۾ پهچايو هئو. ائين هوءَ ڪلما پڙهندي رهي ۽ هٿ جون آڱريون، تسبيح جا داڻا سورڻ واري عمل جيان حرڪت ڪنديون رهيون. هن ٽپهري جي اذان ٻڌي ته به هٿ چوري جڻ نماز پڙهي ۽ پوءِ ڪلمو پڙهي جهان ڇڏيو."

●●●

"سائين تيل پرائيندس." ڊرائيور چيو ۽ گاڏي لاڙي ميهڙ جي باءِ پاس واري موڙ وٽ پيٽرول پمپ تي اچي بيٺو ته ڪجهه ماڻهو پيشاب وغيره جي بهاني هيٺ لٿا. ڪجهه وقت کان پوءِ اسان جو سفر ٻيهر شروع ٿيو ته مان ايندڙ وقت بابت سوچڻ لڳس. پنجاهي ڪن گهرن واري ڳوٺ جي وچ ۾ پکسري جاءِ جو وڏو آڱر... جتي هاٽي بجلي ۽ پکو رود به آهي. ان ٽي گهر جي وڏي آڱر ۾ بينل وڏي ٻير (جا بعد ۾ پيوند ڪرائي ويئي) گهٽا سال اڳ ڪري پئي هئي. آڱر جي ڏکڻ واري ڪنڊ تي هاٽي سيمڙن جو ڪُڏ هئو، جن کي امڙ ڪڏهن به گاهه يا ماني

ڏيڻ نہ وساري. ائين هوءَ مال جي گاهہ، پاڻي ۽ گرمين جي مند ۾ مڇر تڙڻ لاءِ "ڪيو ويندڙ" دونهي بابت بہ ڳڻتيون ڪندي هئي ۽ جيسين اهي ڪم نہ لاتائين، ڪڏهن بہ سک نہ سُتي. پر اڄ ان ئي آڳر تي هن جي ڪٽ رکيل هوندي. سڄي آڳر تي پيل هيڪلي ڪٽ جنهن تي منهنجي بي جان ماءُ ستل هوندي. چپ چاپ... هوءَ ڪنهن کان بہ سيهڙن جي ڪاڏو نہ ڪائڻ يا مال جي پاڻي نہ پيئڻ بابت پڇي نہ سگهندي. ڪٽ جي چوڌاري پلال يا تڏن تي هنڌ وڇايل هوندا ۽ انهن تي يقينن تہ سڄي ڳوٺ جون مايون ويهي "پٽر پرايو، سور سيڪو پنهنجا روئي" واري رسم نپائيندیون... ۽ سوچيان ٿو تہ اهڙين حالتن ۾ مان ڪيئن گهر وڃي سگهندس. اڄ منهنجي اڇڻ بابت ڄاڻي اها ٻيڙي عورت وڏي وڏي در تائين بہ نہ اچي سگهندي. گهر جو وڏو ڪاڻ وارو در، جتان اندر ڏيندي ئي سڄو آڳر نظر ايندو آ ۽ هوءَ اڪثر اتي اچي منهنجي سامهون بيهندي هئي. ڪيس پڪ هوندي هئي تہ مان بنا دير جي اڳتي وڏي گوڏا ڪوڙي سندس پيرن تي پنهنجا چپ رکندس. ڇو تہ مون ڪڏهن بہ هن جي پيرن جي ميرو هجڻ بابت نہ سوچيو ۽ مونکي دعائون ڏيندي هوءَ فخر مان پاسي اوسي ۾ بينل مائهن ڏي ڏسندي هئي. ائين ڄڻ چوندي هجي تہ "ڏسو... هي منهنجو فرمانبردار پٽ آ... جنهن کي پنهنجي صاحبي جو بہ خيال ڪونهي... جنهن نہ تہ پنهنجا ڪپڙا ۽ نہ وري هٿ وغيره ميرا ٿيڻ جو سوچيو آ." پر اڄ بي ستي ستل، ٻاجهہ پري اها ٻيڙي امان (عرش تان جوهہ وجهي مونکي آيل ڏسندي) ڪٽ تان اٿي اڳتي نہ ايندي. مونکي خبر ناهي تہ مرڻ کان پوءِ ڪير، ڪيستائين، ڪهڙي عمل مان گذري ٿو. ڇا ميت پنهنجي مائٽ کي ايندو ڏسي ٿو. هن جو ڪلهہ، ڳالهائڻ، روئڻ ٻڌي ٿو ۽ ان بابت سندس رد عمل ڇا هوندو.. پر سمجهان ٿو تہ پنهنجي موڀي پٽ کي مٽان بينل ڏسي بہ امڙ مان هوندي..... ۽ ڇا..... ڇا مان اهو سڀ ائين ڏسي سگهندس؟ ان سوال جو جواب صرف ۽ صرف منهنجي اکين مان وهندڙ گونگو پاڻي هئو، جنهن کي ڪنهن ڪنهن مهل منهنجي سڏڪن جي صورت ۾ زبان بہ ملي.

•••

اسان رات جو پوٽين چئين وڳي ڳوٺ پهتاسين. وين اوطاق جي پنيان ڦري، مين گهٽي ۾ وڏي در وٽ اچي بيني. در کليل هئو ۽ اندر ٽيندي ئي وڏي آڳر تي اچي چادر سان ڍڪيل منهنجي امڙ جو لاش اندر اڌ ڪندو ويو. منهنجون ٽنگون ڏکي رهيون هيون. جسم ساهہ چڏي ويل لڳو. ائين جڙ هيئيون ڏڙ

سڪل هجي. اڳتي وڌڻ جو ست نہ ساري سگهيس. مان در کان اندر ٽريڪٽر بيهارڻ واري چاپري جي پاسي ۾ ٿهيل مال جو گاهه رکڻ واري جاءِ (جتي ڪُتر جي مشين بہ لڳل آهي) جي ٻاهرين پت کي ٽيڪ ڏئي آڳر ڏي ڏسڻ لڳس، جتي پيل هيڪلي ڪٽ تي ڪير جهڙو اڇو ڪپڙو چٽو نظر اچي رهيو هو ۽ منهنجا ڪن، پيئرن جي اوسارن ڏي چڪجي ويا. هو هلڪي آواز ۾ پار ڪيي روئي رهيون هيون:

"تنهنجو پرديسي پٽ آيو اٽئي امان."

"تنهنجو مسافر ٻچو آيو آ...."

"اٽي پنهنجي مويي پٽ کي ٻاڪر پائي مل امان."

۽ منهنجو هيانءُ ڇڄي پيو. نصرالله ۽ اَسد جي ٽيڪ تي ٽنگون گهلي، امڙ جي ڪٽ تائين پهچي مون سندس پيرن تي چپ رکيا. برف جهڙا ٺڏا پير... ۽ امڙ ساڪت هئي. هن جا هٿ نہ چريا... سندس ٻاجهہ پريا هٿ منهنجي متي تائين نہ پهتا ۽ هن جي چپن مان ڪا بہ دعا نہ نڪتي..... پيار محبت واري دعا مونکي ياد اچي ٿو تہ اڳي جڏهن بہ سندس پيرن تي چپ رکندو هوس تہ هوءَ مون کي اڻ ڳڻيون دعائون ڏيندي هئي: پر اڄ .... اڄ هن جي پيرن تي چپ رکندي بہ مان کو آواز نہ ٿو ٻڌان. منهنجا ڪن سِڪي رهيا آهن. پر منهنجي امڙ جا چپ بند آهن. ائين اوطاق ڏي وڃي وڃڻ لاءِ منهنجا ماروئ مشتاق ۽ حافظ مير محمد مونکي ٻانهن کان وٺي اتارين تا تہ مان هيانءُ ڦاڙي پار ڪيي رڙان ٿو:

"ادا.... منهنجي امان مري ويئي... مان يتيم ٿي ويس... حافظ ... منهنجي امان مري ويئي."

●●●

صبح ٽيندي ئي اسان گهربل مذهبي رسمون پوريون ڪيون. متن مائٽن ۽ ٻين واسطيدار مائٽن کي تہ اول ئي جاڻ ڏني ويئي هئي. اها يارهين ربيع الاول ۽ جمع جو ڏينهن هئو ۽ اسان چاهيو ٿي تہ جمع نماز کان اڳ ئي امڙ کي جاءِ ڏني وڃي. جيئرو هوندي هن وصيت ڪئي هئي تہ ڪيس ڳوٺ جي مسجد وٽ، محراب جي پويان واري جاءِ تي دفن ڪيو وڃي ۽ ياد هوم جڏهن ٽيهہ سال ڪن اڳ هن مونکي (مرڻ کان پوءِ) سندس قبر تي هڪ گهڙي جي بہ وٿي وجهڻ بنا لاڳيتو ست ڏينهن ۽ ست راتيون قرآن پاڪ پڙهائڻ لاءِ چيو هئو تہ اڄ سڀ بازيون هارائي مون اها وصيت پوري ڪرڻ کي پنهنجو ايمان پانيو. امڙ جي سينگارجڻ بعد باقراٽين ويجهو ڳوٺ "خير محمد آريجا" جي بزرگ "مولوي محمد هدايت

الله آريجوي" سندس جنازي نماز پڑهائي، "چهل قدمي" ڪرائي ۽ ختم پاڪ بخشيا. نصيرآباد ويجهو "ابڙا" ڳوٺ جي بزرگ "مولي محمد اسماعيل ابڙو" (جن جي هارن سان گڏ امڙ حج ادا ڪيو هئو) پنهنجي نگراني ۾ ڪيس لحد ۾ جاءِ ڏياري. قبر بند ٿيڻ کان اڳ سندس پيرن کان ويڻو مان قدرت جي هن نظام بابت سوچي رهيو هوس ته ڪيئن نه پيٽ جايا پاڻ ئي وارو وارو ڪري پنهنجي مائٽ کي ڪٽي وڃي "مٽي ماءُ" حوالي ڪن ٿا. منهنجون اکيون آليون هيون. منهنجي سامهون "سامي" ۾ امڙ جو مڙهه پيل هئو ۽ مان هاٿي رڳو ڪجهه گهڙيون ئي ڪيس ڏسي سگهندس. ان کانپوءِ اتي مٽي جو ڍير هوندو. ۽ .... رڳو نالي جي سجاٽ ته هيءَ فلاٽي جي قبر آ. جيڪا ڳالهه مقام جي حالت ۾ شايد ته ڪجهه وقت کان پوءِ ان جي مائٽن کان به وسري ويندي ته مٽي جي ڪهڙي ڍير ۾ ڪنهن جو مڙهه پوريل آ. مون سوچيو... اڄ تاريخ جو هڪ باب پورو ٿيو.... هڪ عورت جي زندگي جي ڪتاب جا سڀ ورق پرجي ويا. هاٿي ان ڪتاب تي ڪو به ڪجهه لکي نه سگهندو... هڪ زائفان پنهنجا سڀ عمل ڪٽي هن دنيا مان هلي ويئي. "ماٺو ويو مري ۽ وجي رهندي ڳالهه.." هاٿي رڳو چپ ئي چرندا..... ڪو گلا ڪندو..... ڪو نيڪي ..... پر هاٿي اها سهڻي شڪل اسان وٽ نه هوندي. اها باڄهاري عورت..... جنهن وٽ پنهنجي اولاد ته ڇا پر ڌارين لاءِ به پيار ۽ سڪ هئي. هوءَ هلي ويئي..... ائين جيئن ڪنهن چيو آ ته:

"ڪجهه راهرو نڪري ويا ، سڀ قافلا پنتي ڇڏي،
منهن تي مٽي، ڏڙ ڏوڙ ۾، پهتا پرينءَ جي پار ڏي."

هوءَ به هلي ويئي..... ڪنهن قافلي سان يا هيڪلي پر اسان وٽ رڳو سندس يادون ئي رهجي ويون.

"سائين باهر نڪرو ته قبر بند ڪيون." مٽي بينلن مان هڪ همراهه مونکي ٻانهن کان ونڊي ڇڪي ٿو ته پاڻ ڇڏائيندي منهنجا هٿ ازخود امڙ جي پيرن تي پون ٿا. مان ڪجهه قرآني آيتون پڙهي امڙ جي مڙهه تي شوڪاريان ٿو ۽ چپن مان هيءَ دعا نڪري ٿي:

"يااللهه..... منهنجي امان جي پارت اٿئي."

پنهنجي بدڪارين جو خيال ڪندي توڙي ڪٽي بعد ۾ مان پاڻ به ان حجت

تي حيران ٿيو هوس پر دل مطمئن آ ته "منهنجي بدين کان رب پاڪ جي رحمت کروڙين پيرا وڌيڪ آ. هو پڪ سان ته منهنجي امڙ کي بخش ڪري ڇڏيندو."

•••

منهنجي ماءُ هجڻ واري ناتي کان سواءِ به مان جاڻان ٿو ته امڙ دنيا جي ڪجهه نيڪ عورتن مان هڪ هئي. جنهن وهي واري عمر ۾ جڏهن جواني، گور گهوڙي وانگي ڊوڙندي آ، تهجد پڙهڻ ۾ نفلي روزا رکڻ نه وساريا. هوءَ پنج وقت نماز پڙهندي ۽ روزانو قرآن جو ورد ڪندي هئي. مان نه ٿو پانيان ته هن ڪڏهن به ڪنهن جي بري لاءِ کو ڪم ڪيو. ڪنهن جو عيب ڏسي به ان کي ڊڪيائين ۽ نندين نيٽين کي اڪثر لڪ ڇپ ۾ تنبيهه ڪندي هئي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته هن ڪڏهن به پنهنجي نيڪ هجڻ واري ڳالهه جو پرچار نه ڪيو. مون کي خبر ناهي ته بزرگن جي صحبت ۾ ويهي ديني ڳالهيون ٻڌي اوچنگارون ڏئي روئڻ واري هيءَ عورت، جنهن جي ختمي تي "خيرپور ضلع" جي "ديهه سوهو" جي جمالي بزرگ "سيد عاشق حسين شاهه جيلاني" خود حاضري پري دعا گهري، جي عاقبت کيئن گذري... "همين حساب، کوهه جاڻان ڪهڙو ٿيو." پر ايمان اٿم ته هوءَ سڏي سنئين جنت الفردوس ۾ وئي هوندي. ڇو ته خدا پاڪ ڪنهن جي به محنت نه وجائيندو آ ۽ تهجد جي نماز جو ته خدا پاڻ ئي اجر ڏيندو آ. منهنجو ايمان آ ته خدا پاڪ پنهنجي واعدي خلاف نه ڪندو آ ۽ الله جو واعدو آ ته "تهجد جي نماز پڙهه ته تنهنجو رب توکي اوچي رتبي تي رسائي."

•••

اسان جو ڳوٺ اهوئي آ. ساڳيا گهر ۽ انهن جو ساڳيو آڪر... ڪمرا... مال جو وٽاڻ... مائهو به ساڳيا آهن... بابا جي گهر جون اهي ڪنيون... ورانڊي ۾ رکيل ڪتون... پر ان ئي ورانڊي جي هڪ ڪنڊ تي مصلو وڇائي پابندي سان نماز پڙهندڙ منهنجي امان هاڻي اتي ڪونهي. ٽيڄهو ٽين کان پوءِ مائٽ مونکي گهر وڃي وڃن ٿا... پر اتي چٽني پاسي الائي ڇو مونکي رڳو سڃ ٿي نظر اچي..... سوچيان ٿو... هن گهر ۾ هاڻ اها ويراني ئي ڏسبي. هاڻي مان عمر پر ان مرڪ لاءِ سڪندو رهندس جا منهنجي منڍي امان جي مرڪ هئي. منهنجون اکيون آليون آهن. شايد ان لاءِ ته جڏهن ڪجهه ڪرڻ ڪپي، ڪجهه نه ڪري، اسان سڀ ڪجهه وڃائي ٿا ويهون... ۽ پوءِ رڳو پڇتاءُ ئي اسان جو ورثو بڻجي ٿو.

•••

انصاف جي اکين ٿي پٽل پٽيون ڪير کوليندو؟

پيپلز پارٽي جي باني ۽ بعد جي باغي رکن احمد رضا قصوري پاران اڄ کان ڏري ڪهت چوٽائي صدي اڳ ملڪ جي ان وقت جي چونڊيل سنڌي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو تي داخل ڪيل خون جي فرياد ، بعد جي ڪيس ۽ ان جي فيصلي تي ٽيل عمل جو، اپريل2001 ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پاران "ايس. جي. ايس. ڪونٽيڪا" ڪيس بابت ڏنل فيصلي سان گهٽو نه ته به ٽورو واسطو ضرور آهي.

نومبر سال 1967 ڌاري پيپلز پارٽي جي وجود ۾ ايندي ئي ذوالفقار علي ڀٽو جي ساڃي هٿ طور ڄاتو ويندڙ احمد رضا قصوري، سال 1970 وارين چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جو ميمبر ٿيو ته ڀٽي صاحب جا سڀ احسان وساري ڪانئس پاسيرو ٿي ويو. ايتري قدر جو قومي اسيمبلي ۾ اڪثريتي پوزيشن حاصل ڪندي ئي شيخ مجيب الرحمٰن جڏهن اسيمبلي جو اجلاس ڊاڪا (ان وقت جي اوڀر پاڪستان) ۾ ڪوڪايو ته احمد رضا قصوري، پيپلز پارٽي جو پهريون ۽ هيڪلو ميمبر هئو جيڪو ڀٽي صاحب پاران روڪڻ جي باوجود به ڊاڪا ويو. جيڪا ڳالهه ويڄا وڌڻ جو سبب بڻي. ائين بعد ۾ "1973 واري آئين جي گهڙائي سان منظور ٿيڻ" بابت ڀٽي صاحب سال 1974 جي جون مهيني ۾ جڏهن قومي اسيمبلي ۾ تقرير ڪئي ته احمد رضا قصوري جي وڏي وات ٽوڪ ڪيس وڌيڪ مچرائي ڇڏيو. هن چيو هئو:

"اهو آئين پلي اڪثريت سان منظور ٿيو هجي پر جن (9) نون ميمبرن ان تي صحيحون نه ڪيون، تن مان هڪ آئون به هوس" ۽ توڙي ڪٽي ڀٽي صاحب، انهن ميمبرن پاران صحيحون نه ڪرڻ کي مخالفت نه پر جاڻي واڻي به پنهن جي ووٽ جو حق استعمال نه ڪرڻ ڄاڻو پر احمد رضا قصوري جي ڇڙ ڏياريندڙ جوابن ڪيس حد کان وڌ ڪاوڙ ڏياري. ايتري قدر جو ڀٽي صاحب ڪيس رهڙ ڏيندي چيو:

"بکواس بند کر.....مون توکي تمام گھٹو سَنو آ.....پر خبر ناهي ته تون پاڻ کي الائي چا پيو سمجهين." عام راءِ موجب پٽي صاحب خلاف خون جو کيس بٽجڻ جو مک سبب قومي اسيمبلي ۾ ڏنل اها ڏمکي به هئي.

ائين پاکستاني سياست جو رخ بدليو ته ملک يارهن سالن ڪان به وڌ واري آمريت جي ڪاري رات ۾ اچي ويو. ان ئي اونداهي جي شروع وارن ڪجهه سالن ۾ نه رڳو سنڌين پر پوري قوم پنهنجو عظيم سياسي ليڈر وڃايو. ڇو ته پٽي صاحب سان ڪنهن جا ڪيترا به ذاتي اختلاف ڇو نه هجن پر سندس سياسي قابليت کي دشمنن به دل سان مڃيو هئو.

ڏهين يارهين نومبر 1974 جي وچ واري رات لاهور ۾ شادي جي ڪنهن فنڪشن مان موٽندي ملک جي اڳوڻي سياستدان نواب محمد احمد خان کي گوليون هٽي ماريو ويو ته سندس پٽ (احمد رضا قصوري) اهو کيس پنهن جي مخالف ذوالفقار علي پٽي ۽ چئن ٻين ماڻهن تي داخل ڪرايو. جنهن تي پٽي صاحب جي حڪمراني دوران ته کارروائي نه ٿي سگهي پر بعد ۾ ضياءُ الحق جي مارشل لا لڳندي تي 3- سيپٽيمبر 1977 تي پٽي صاحب کي ڪراچي مان گرفتار ڪري هوائي جهاز وسيلي لاهور آڻي هڪ بنگلي ۾ رهايو ويو. بعد ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس صمداني 13- سيپٽيمبر تي سندس ضمانت ڪئي. پر پٽي صاحب کي ٻاهر نڪرندي اڃان ٽي ڏينهن به مس گذريا ته "مارشل لا" حڪم هيٺ کيس ٻيهر گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو ويو ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مولوي مشتاق حسين جي سربراهي ۾ جوڙيل پنجن ميمبرن واري بينچ (جنهن ۾ جسٽس ذڪي الدين پال، جسٽس گلباز خان، جسٽس آفتاب حسين ۽ جسٽس ايم-ايڇ- ايس- قريشي به شامل هئا) 11- آڪٽوبر 1977 کان هي کيس هلائڻ شروع ڪيو. توڙي ڪٽي بعد ۾ پٽي صاحب پنهنجي هڪ درخواست ۾ جسٽس مولوي مشتاق حسين سان پنهنجي دشمني به جاڻائي. ڇو ته لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي حيثيت ۾ پٽو صاحب کيس Suspend ڪيو هئو پر اقتدار جي اعليٰ ترين ايوانن ۾ وينل وقت جي فرعونن تي ڪا جيترو به اثر نه ٿيو. حالانڪ بين الاقوامي سطح جي قانونداتن ان وقت ڪان ئي هن کيس تي نظر رکي جائزو وٺڻ شروع ڪيو هئو. ان حد تائين جو فرانس جي "موسيو رابرٽ بادينو" جهڙن ڏور ڏيهه تائين شهرت ماڻيل وڪيلن اهو چوندي به دير نه ڪئي ته "History will judge the Judges" (هن کيس ۾ تاريخ ججن کي پرکيندي) ۽ پوءِ تاريخ واقعي به ججن کي پرکيو ته جوابدار جي دانهن پويان

به کائنس سندس بنيادي حق کسي بينچ ۾ کابه تبديلي نه ڪئي ويئي. مشهور آ ته آمريڪا جي اٽارني جنرل "مسٽر ڪلارڪ" جڏهن پاڪستان ۾ اچي هن ڪيس جي ڪارروائي ڏٺي ته لاهور هاءِ ڪورٽ جي "visitors book" ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو هئائين:

"This is not the case of murder, but murder of case."

بهرحال لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ هي ڪيس لاڳيتو سوا پنجن مهينن تائين هليو ۽ بينچ 18- مارچ 1978 تي فيصلو ڏٺي پٽي صاحب سميت مڙني جوابدارن کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي. هي فيصلو جسٽس آفتاب حسين لکيو ۽ باقي چئن ججن ان کي قبوليندي صحيحون ڪيون. ڏٽو وڃي ته ڪيس ۾ جسٽس مولوي مشتاق حسين سميت مڙني ججن جو جوابدار سان برتاءُ ڪهڙو رهيو. ڪورٽ ۾ ويهي به گٽا لفظ ڳالهائڻ، دڙڪا دهمان ۽ جائي واٽي بي عزتو ڪرڻ جهڙا واقعا توڙي ڪٽي ڪنهن به غير جانبدار عدالتي ڪارروائي جو حصو نه هئا. پر لڳندو هئو ته انصاف جي نالي ۾ رڳو پلاند ئي ورتا ويا. اها بي ڳالهه آ ته بعد ۾ ڪيس جي مُڪ واعده معاف شاهد ۽ سيڪيورٽي فورس جي اڳوڻي ڊائريڪٽر مسعود محمود (جيڪو پاڻ به جوابدار ڄاڻايو ويو) جسٽس مولوي مشتاق حسين ۽ جنرل ضياءُ الحق سان ڇا ٿيو؟ مسعود محمود جو ملڪ مان پڇي به باهه ۾ سڙي مرڻ، مولوي مشتاق حسين جي لاش تي زهريلي مکين جو حملو ۽ جنرل ضياءُ الحق جي جهاز جي تباهي واقعي به عبرت حاصل ڪرڻ جهڙا واقعا هئا پر پٽي صاحب کي پنهن جو لکيو پوڳٽو پيو. ائين لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي ويئي ته پٽي صاحب کي ڪوٽ لکپت جيل لاهور مان ڪيڏي راولپنڈي آڻي اتان جي ڊسٽرڪٽ جيل ۾ قيدي نمبر "3183" طور رهايو ويو ۽ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس مسٽر جسٽس انوارالحق (جيڪو پڻ جسٽس مشتاق حسين جو گهاٽو يار ۽ جالنڌري ٽولي جو خاص رکن هئو) جي سربراهي ۾ نون ججن تي ٻڌل فل بينچ جوڙي 18- ڊسمبر 1978 کان ڪيس جي ٻڌڻي شروع ڪئي ويئي.

عجيب ڳالهه هئي ته فل بينچ جي 9 ججن مان بعد ۾ جسٽس قيصر خان کي رٽائر ڪيو ويو ۽ جسٽس وحيد الدين (جنهن جو پٽ جسٽس وجيهه الدين سال 1998 ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ۽ بعد ۾ سپريم ڪورٽ جو جج به ٿيو ۽ 12- آڪٽوبر 1999 واري خاموش انقلاب جي نتيجي ۾ آيل حڪومت ۾ P.C.O هيٺ قسم نه کڻڻ تي استعفيٰ ڏنائين) کي به بيماري جي

بهاني آرام ڪرڻ جو چئي، گهر ويهاري بينچ ۾ شامل ججن جو انگ ست ڪري، جڏ ته هٿ وٺي فيصلو بدلائڻ جي ڪئي ويئي. ڇو ته جسٽس وحيد الدين، ڪيس ٻڌڻ دوران سرڪاري وڪيل اعجاز بٽالوي (جيڪو بعد ۾ نواز شريف جي سڃي ٻانهن طور مشهور ٿيو ۽ سندس اڪثر ڪيسن ۾ پيروي ڪيائين) کان اهڙا ته سوال ڪيا ۽ ريمارڪس ڏنا جو سرڪار کي اهو سمجهندي دير نه لڳي ته جسٽس قيصر خان جي رٽائرمينٽ کان پوءِ به فيصلو سندن حق ۾ نه ايندو. تڏهن ئي اڪثريتي فيصلو حاصل ڪرڻ لاءِ جسٽس وحيد الدين کي به گهر موڪليو ويو ۽ فل بينچ 2- فيبروري 1979 تي 4:3 جي تناسب سان 825 صفحن تي ٻڌل اڪثريتي فيصلو ڏيندي لاهور هاءِ ڪورٽ پاران ڏنل ڦاهي جي سزا برقرار رکي. هي فيصلو جسٽس انوارالحق لکيو. جنهن جي خلاف مڙني جوابدارن "نظرثاني جي اپيل" داخل ڪئي. جيڪا پڻ فل بينچ جي اڳيان پيش ٿي ۽ ٻڌڻ جوڳي قرار نه ڏيندي خارج ڪئي ويئي ته پٽي صاحب جي ويڳي پيٽ بيگم شهربانو امتياز، 31- مارچ 1979 تي جنرل ضياءُ الحق جي پرسنل سيڪريٽري سان ملي پاءُ جي سزا معاف ڪرائڻ لاءِ رحم جي اپيل ڪئي. ائين ياسين وٽو ۽ صاحبزادھ فاروق علي خان سميت ڪيئن ٻين ماڻهن به رحم جون تارون ڪيون، جيڪي پهرين اپريل تي جنرل ضياءُ وٽ پيش ڪيون ويون پر انهن تي ڪجهه سوچڻ بجاءِ هن ان ئي ڏينهن "سچ لٽي" جي نماز کان پوءِ پنهن جا اختيار ڪتب آٿيندي زهر ۾ ٻڌل پنجن لفظن تي فيصلو ٻڌايو:

"اپيل رد ڪئي وڃي ٿي" ۽ پٽي صاحب کي 4-اپريل 1979 جي ميري سوجهري ۾ ڦاهي ڏني ويئي. شايد ته جسٽس مولوي مشتاق حسين جي ڪردار کان نفرت ڪندي ڦاهي واري رات پٽي صاحب چيو هئو:

"مونکي Shave جو سامان ڏيو. مان ملان ٻڍي مرڻ پسند نه ڪندس."

پٽي صاحب سان سندس حياتي جي آخري ڏينهن 18 ماڻهن ملاقات ڪئي. جن ۾ بيگم نصرت پٽو ۽ سندس ڏيءُ "پنڪي" (بي نظير صاحبه) به شامل هيون. هنن صبح جو يارهين کان وٺي ڏينهن جو ٽي وڳي تائين ملاقات ڪئي ۽ سارو وقت روئيندیون رهيون.

ياد رهي ته سپريم ڪورٽ جي فل بينچ پاران هلايل خون جي ڪيس ۾ پٽو صاحب خلاف فيصلو ڏيندڙ ڇئن ججن مان هڪ ايد هاڪ طور ڪم ڪندڙ جسٽس ملڪ محمد اڪرم به هئو. جنهن جي پٽ جسٽس ملڪ قيوم، پٽي صاحب جي ڦاسي واري فيصلي کان ويهه سال پوءِ سندس نيائي ۽ پاڪستان

جي اڳوڻي وزيراعظم بي نظير ڀٽو کي ڪرپشن ڪيس ۾ سزا ٻڌائي. احتساب جو هي ڪيس سندن سياسي حريف نواز شريف جي حڪمراني وارن ڏينهن ۾ داخل ٿيو ته هنن سوئٽزرلينڊ جي "ايس-جي- ايس ڪونٽيڪا" ڪمپني کي غلط طريقن سان نيڪا ڏني، "ڪک بيڪس" طور ڪئين لک ڊالرن جا تحفا ورتا، جن ۾ اٽڪل سوا ڪروڙ روپين جي مالیت جو هيرن جڙيل هار به شامل هئو. اها ڳالهه هاڻي ڪنهن به لحاظ کان لڪل ناهي رهي ته بي نظير ڀٽو خلاف سياسي پلاند طور ناهيل هن ڪيس ۾ ان وقت جي احتساب بيورو جي سربراهه ۽ نواز شريف جي ويجهي ساٿي سيف الرحمٰن (جيڪو بعد ۾ 12- آڪٽوبر 1999 واري سازش جي خاص مهري طور مشهور ٿي ساٿس گڏ جيل به ويو) اهم ڪردار ادا ڪيو. ڳالهه اصل ۾ ڇا هئي ته سوئٽزرلينڊ جي هڪ وڪيل (جنهن بي نظير ڀٽو ۽ آصف زرداري لاءِ ڪم ڪيو) پاران اتان جي ڪنهن مالياتي اداري ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪاغذ پاڪستان اماٽيا ويا جيئن هو ان ۾ مناسب درستيون صلاح مشورا ڪن. پر اهي ڪاغذ سيف الرحمٰن غير قانوني طور هٿيڪا ڪرائي ڪيس جي ثبوت طور پيش ڪيا. حالانڪ "S.G.S ڪونٽيڪا" کي واسطيدار ادارن جي اعتراض باوجود به نيڪا ڏيڻ وارو عمل نواز حڪومت ۾ منظور ٿيو ۽ پيپلز پارٽي جي ڏينهن ۾ ته ان جي رڳو Formal approval ڏني ويئي. تنهن هوندي به سياسي چوپڙ تي هيرا ڦيري جون ڳوٽون ڦيرائيندي بي نظير ڀٽو ۽ آصف زرداري خلاف جڏهن هي ڪيس داخل ٿيو ته ان جي پيروي لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ملڪ قيوم ڪئي. جسٽس ملڪ قيوم جا نواز شريف سان تمام ويجها لاڳاپا هئا. ايتري قدر جو اليڪشن ۾ نواز شريف پنهن جي هڪ خالي سيٽ تي سندس پاءُ ملڪ پرويز کي ٽڪيٽ ڏني چونڊرايو. تن ڏينهن جسٽس راشد عزيز لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس هئو ۽ هنن پنهي تي احتساب بيورو جي سربراهه سيف الرحمان ۽ ان وقت جي قانون جي وفاقي وزيرخالد انور پاران دٻاءُ وڌو ويو ته هو ڪنهن به حالت ۾ جوابدارن کي نااهلي، ڏنڊ ۽ جيل جي سزا ٻڌائين ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي دير برداشت نه ڪئي ويندي. جنهن تي قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بنا ئي عمل ڪيو ويو. نواز شريف جي حڪم طور ڏنل اهڙين هدايتن جون ڪيستون به پريون ويون. جيڪي "عبدالرحيم" نالي هڪ عملدار پاران شاهدي طور پيش ڪيون ويون. هن ڪيس ۾ قانون سان ايتري ته هٽ چراند ڪئي ويئي جو (شايد) جوابدارن جي درخواست تي جڏهن هي ڪيس راولپنڈي جي سرڪٽ

بينچ ۾ موڪليو ويو ته لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس راشد عزيز جي مرضي سان ملڪ قيوم به هن ڪيس جو پيڇو ڪندو راولپنڈي پهتو.

انصاف بابت هڪ قول آ ته "Justice delayed is justice denied" (انصاف ۾ ٽوري به دير، انصاف کان انڪار ڪرڻ برابر آهي). تنهن هوندي انهن معاملن ۾ ايتري جلدي به چگي ناهي جو انصاف اجان پنڌ ۾ ئي هجي ته جوابدار جو ڪنڌ ڪپيو وڃي. جيئن چيف جسٽس راشد عزيز خان ۽ جسٽس ملڪ قيوم ڪيو. توڙي ڪٽي بعد ۾ اهو به ظاهر ٿي پيو ته قانون جون گهرجون پوريون ڪرڻ بنا تمام جلدي فيصلو ڏئي جسٽس ملڪ قيوم پنهنجي نوڪري پڪي ڪرڻ سان گڏ فيصلي جي ٽئين ڏينهن ئي حڪومت کان پاڻ ۽ پنهن جي زال لاءِ سفارتي پاسپورٽ به حاصل ڪيا. حالانڪ پنهنجي حيثيت جي لحاظ کان هو اهڙي ڪنهن به سهوليت وٺڻ جو حقدار نه هئو.

جسٽس ملڪ قيوم جي هن فيصلي خلاف ڏٽڙيل ڏر سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي ته ڪورٽ ستن ججن تي ٻڌل فل بينچ ناهي، 26-فيبروري 2001 کان سوا مهيني تائين لاڳيتو ٻڌڻيون رکيون ۽ اپريل جي پهرئين هفتي ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو رد ڪندي ڪيس جي نئين سر ڪارروائي جو حڪم ڏنو. پر هن فيصلي جي خاص ڳالهه، جنهن عام ماڻهو جو ڏيان ڇڪايو، فل بينچ پاران جسٽس راشد عزيز خان ۽ جسٽس ملڪ قيوم بابت ڏنل ريمارڪس هئا. فل بينچ، پنهي جج صاحبان جي ڏميوارين جو ذڪر ڪندي ڪيس جي ڪمزورين بابت ٻڌايو ۽ واضح ڪيو ته سياسي دباءَ، حڪومت سان ظاهر ڪيل همدردي ۽ خاص فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ جسٽس راشد عزيز خان ۽ جسٽس ملڪ قيوم ڪيئن نه انصاف جي اکين تي پٽيون ٻڌي ڇڏيون هيون. سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ لکيو هئو:

"انصاف اهڙو هجڻ کپي جو نه رڳو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ به اڇي پر هن ڪيس ۾ جسٽس قيوم متعصب ٻڌجي فيصلو ڏئي پنهنجا مفاد ۽ مذموم مقصد پورا ڪيا." . نتيجي طور هر سڃاڻ ڏهن اهو سوچڻ تي مجبور ٿيو ته انصاف جي اعليٰ ترين ڪرسين تي ويٺل منصف، ڇا حڪومت جا غلام آهن؟ ۽ ڇا پنهن جي ڪنهن به غلطي يا گندي عمل سبب هو عوام اڳيان جوابدار ناهن؟ ائين اڪثر سڃاڻ ماڻهن جو اهو به خيال هئو ته ججن جو اهڙو عمل ڇا عوام ۾ سندن ساڳيو وقار بحال رکندو؟ ڇو ته اصل حقيقتون ڪٽي ڪهڙيون به هجن پر جج صاحبان لاءِ "مقدس ڳئون" وارو تصور ئي برقرار رکيو ويندو آ. جيڪو اهڙين

حرڪتن جي پڌري ٽيڻ تہ يقينن تي اعتقاد جي ديوار ٽوڙڻ برابر ٻڌبو. ان حوالي سان اهو مثال ڏيڻ ئي ڪافي آ تہ سپريم ڪورٽ ۾ داخل هڪ ديواني ڪيس جي، پهرين جون 2001 واري ٻڌڻي دوران جسٽس راشد عزيز خان ۽ جسٽس تنوير احمد خان تي ٻڌل ڊويزن بينچ پاران، ايڊووڪيٽ سيف الدين ضيائي جي درخواست خارج ڪندي جسٽس راشد عزيز خان جڏهن ائين چيو:

"منهنجي خيال ۾ توهان کي قانون جي خبر ناهي" تہ وڪيل سيف الدين فنيائي ورائيو هئو:

"توهان مون لاءِ جيڪا آبزرويشن ڏني آ، اها مون ٻڌي ورتي ۽ ان تي غور بہ ڪندس. پر توهان بابت سپريم ڪورٽ جي ستن ججن جيڪي ريمارڪس ڏنا آهن، ڇا توهان انهن تي ڪڏهن غور ڪيو آهي؟ حڪومت توهان کي ان بابت سوچڻ جي مهلت بہ ڏني هئي، جيڪا ختم ٿي چڪي آهي." ملڪ جي سڀ کان سگهاري ڪورٽ ۾ انصاف جي اعليٰ ترين ڪرسي تي ويٺل جج صاحب بابت هڪ عام ماڻهو جي اهڙي راءِ انصاف جي طلبگارن جي دلين ۾ ڪهڙا وهم پيدا ڪندي؟ ۽ جسٽس راشد عزيز خان، جيڪو پاڻ بابت سيف الدين ضيائي جا اهڙا لفظ ٻڌي مات ٿي ويو يا جسٽس ملڪ قيوم ڇا ان پوزيشن ۾ آهن تہ عوام ۾ پنهنجو وڃايل اعتماد بحال ڪن.

هڪ راءِ اها بہ هئي تہ سپريم ڪورٽ جي هن فيصلي کان پوءِ جسٽس راشد عزيز خان ۽ جسٽس ملڪ قيوم پاڻ ئي پنهنجي عهدن تان استعيفيٰ ڏيندا. جڏهن تہ ڪجهہ ماڻهن جو خيال، حڪومت پاران سندن خلاف "سپريم جڊيشل ڪائونسل" ۾ ڪيس موڪلي قدم کٽڻ جو هئو. پر ڪنهن ڏينهن تائين ريڊيو، ٽي وي، تي اهڙي ڪابہ خبر ٻڌڻ ۾ نہ آئي. (ياد رهي تہ بعد ۾ حڪومتي دٻاءَ سبب هنن پنهنجي عهدن تان استعيفائون ڏنيون.)

•••

ڪوڙ. ڪنهن جي پيءُ جو ته ناهي

منهنجو ويجهو مائٽ آ. نالو اٽس عبدالڪريم ، پر ننڍي هوندي پاڻ جيڏن سان راند ڪيڏندي اُٺ ٻٽيو ۽ ماءُ، پيار مان "توڏو" چئي آواز ڏنس ته اڄ سوڏو ان نالي سان سڏبو اچي. نٻ ٻروچ. الف- بي کان به اڻ واقف ۽ حد کان وڌ بٽاکي، پر سندس ڊاڙ جو انداز سڀائين غلط رخ ۾ هوندو. ڪٽي کا چوري ٿي. مال ٻَڌو. بس ڦُري يا ڏاڙو ته بنا سوچڻ جي همراهه جي ٻانهن ۾ ننڍي وڏي جي ٽوڪ تي ڦڪا ڏند ڪڍي چوندو:

"ڪوڙُ ڪنهن جي پيءُ جو ته ناهي." واقعي ڪوڙ ڪنهن جي پيءُ جو ته ناهي جو ڪير ڳالهائڻ کان ڊڄي. پر اهڙي ڪوڙ جو ڪهڙو مقصد جو رڳو "پُرُ پُرُ" چيٽا جنگ مچي" جو بٽياد بٽجي. مان سوچيندو آهيان ته اهڙا اڻ ڳٽيا ماڻهو آهن جيڪي " ڪڙ ڪوڙي جو، نانءُ وڏيري جو" وانگي پرائي پنهنجي ۾ لئه ويهارڻ لاءِ سچ بجاءِ ڪوڙ گهڙي ٻڌائيندا آهن ۽ ائين لڳندو جڻ واقعي به مٽن ئي سچ اپرندو هجي. اهڙن مائهن ۾ ثابت ڄائي مونکي جرمني جو " جيڪب" نالي اهو يهودي قبيلي ياد اچي ٿو، جنهن کي جرمن نازين "جيڪب دي لاير (Jacab- the liar) " جي نالي سان بدنام ڪيو پر پوري دنيا جي يهودين ۾ هو اڄ به "جيڪب - دي ليبر آف ٽرٿ (Jacab- the leader of truth)" طور پوڄيو وڃي ٿو.

پهرين مهاڀاري جي سڀ کان اهم ڳالهه جا دنيا ۾ مشهور ٿي، اها جرمني ۽ سندس اتحادين کي مليل خوار ڪرڻ جهڙي هار هئي. هن جنگ ۾ (سال 1889 ڌاري آسٽريا ۾ ڄايل) "ادولف هٽلر" به وڙهيو ۽ جرمني جي هار کان مايوس ٿي سال 1919 ۾ "نيشنل سوشلسٽ جرمن ورڪرس پارٽي" ۾ شامل ٿيو، جيڪا رڳو هڪ سال کان پوء "نازي پارٽي" سڏجڻ لڳي. هٽلر عجيب فطرت جو مائهو هئو. ڪيس سڀ ڪجهه پاڻ وٽ هجڻ جو لوڀ هئو. تڏهن ئي جنوري 1933 ۾ (جڏهن سندس عمر چوئيتاليهه سال هئي) جرمني جو چانسلر بٽجي هن پوري دنيا کي جرمنين جي پيرن هيٺان ڏسڻ چاهيو ۽ ڇهه سال لاڳيتي رڃابندي ڪري مارچ 1939تي "چيڪو سلاويڪيه" جي ڪجهه حصي تي قبضو ڪندي ٻي مهاڀاري جو بج ڇٽيو. هيءَ جنگ صحيح نموني 3 سيپٽمبر 1939 تي، فرانس ۽ برطانيه پاران هٽلر جي هَوَس پريل قدمن جي

مخالفت کرڻ سان شروع ٿي ۽ اٽڪل ڇهه سال اندازن ٿي ڪروڙ فوجين ۽ عام ماڻهن جي مارجڻ جوسبب بڻي. ٻي مهاڀاري جي خاص ڳالهه نازين پاران "تشدد گهر" قائم ڪري يهودي مارڻ هئو. اهڙيون Concentration camps توڙي ڪٿي هن کان اڳ روس کين به قائم ڪيون پر نازين جا "عذاب گهر" ظلم ڪرڻ جي حوالي سان خاص طور مشهور ٿيا. هن سلسلي ۾ تاريخدانن جي راءِ آ ته نازين هٿان "عذاب گهرن" ۾ مارجندڙ هم جنس گروپ، روسي، جپسي ۽ گهٽ نسل يا قوم وارن ماڻهن جو انگ هڪ ڪروڙ هئو. هڪ ٻي تحقيق ۾ اهو انگ ٻيڻ تي ٻڌايو وڃي ٿو. جن ۾ اڪثر گيس چيمبرن ۾ ٻوساڻي ماريل گهٽ ۾ گهٽ به سٺ لک يهودي هئا، "پي سمرست فراءِ" نالي هڪ ليکڪ جو چوڻ آ ته "هٽلر جي ٻارنهن سالا حڪمراني جي مدي ۾ نازين پاران سٺ لک يهودين سان گڏ چاليهه لک ٻيا ماڻهو به ماريا ويا ۽ ان ڪم لاءِ خاص عذاب گهر (Concentration Camps)قائم ڪيا ويا." "ميخائيل ايچ - هارٽ" جي ڪتاب "دي هنڊريڊ" موجب ته "هٽلر جا موت جا گهر" تمام احتياط سان سنياليا ويندا هئا. ان حد تائين جو جنگ جي پوئين ڏينهن ۾ جڏهن جرمني ۾ تيل جي کوٽ ڪري اڪثر "مليٽري آپريشنز" بند ڪيا ويا، هٽلر جون، موت گهرن ۾ مارجندڙ ماڻهن جا لاش ڊوئيندڙ گاڏيون پوءِ به هلنديون رهيون. ائين موت جي گهرن جو سڄو رڪارڊ رکيو ويندو هئو. ماڻهو مارڻ کان پوءِ لاش جي تلاشي وٺي ڇهه ڪلاڪ منڊيون يا سونا ڏند وغيره ڪڍيا ويندا هئا... ۽ ڪيترن مئلن جي چربي پريل بتن (Dead bodies) مان صابڻ ٺاهيا ويا.

جرمني جو رهندڙ "جيڪب" يهودي به اهڙي ئي هڪ عذاب گهر ۾ بند هئو. جتي چئني پاسي نااميدي، مايوسي ۽ موت ڏسبو رهيو. ڪئمپ ۾ بند قيدي حد کان وڌ پريشان هئا. سر تي موت جي ترار لڙڪيل ڏسي ڊپريشن ۽ ٽينشن ڪري هو مري مري جي رهيا هئا، هر چهرو ڪومائل هئو. نبل جسم، منهن لٽل ۽ جن ته بت جو رت به سُڪي ويل جو ڏڪ هن ته خاڪ پئي ڇڏي. نازي فوجي هر روز بنا ڪنهن ڏوهه جي قيدين کي وٺي سپني جي سامهون ماري سندن لاش جا ڳيا ڪتن، بلين ۽ ڪانون کي کارائيندا هئا ۽ ماڻهو سڪرات جهڙي سور ۾ رهيا. لڳندو هئو ته جيسين دنيا ۾ هڪ به نازي موجود آ، آزادي ملي نه سگهندي. نتيجي طور گولين جي منهن ۾ اچي مرڻ بجاءِ هرڪو دل ٽٽڻ جون دعائون گهرڻ لڳو. ماڻهن کان خدا وسري ويو. اميدون ختم ۽ آسون ڇڻ ته اپ تي هليون ويو هجن. منجهائنس اڪثر سوچيندا هئا ته هاڻي موت ئي کين هتان ڪڍي سگهي ٿو. تڏهن ئي ڪاري رات جي ڪارن ڪڪرن مان چوري

چوري ڪنهن ستاري جي ڏرتي ڏي لينا پائڻ جهڙي سوچ "جيڪب" کي ڪجهه ڪرڻ جو احساس ڏياريو. هن محسوس ڪري ورتو ته:

"اميد جي ڪرڻن جو ٿورو به نه هجڻ، هنن ماڻهن کي پلي موت جي منهن ۾ نه به پهچائي پر سندن جيئرو رهڻ به ڪنهن ڪم جو نه هوندو. هو شعوري طور ختم ٿي ويندا." تڏهن ئي هڪ به نه پر ڪئين راتيون هو پنهنجي ليکي سوچيندو رهيو ۽ پوءِ ڪو خيال ايندي هڪ سانجهي جو جڏهن جرمن نازي قيدين کي رڍن ۾ڪرين وانگي ڪوٺين ۾ بند ڪري رهيا هئا، هن اوندهه ۾ تيلي ٻاري. نسوري ڪوڙ تي ٻڌل سوجهري جي هلڪي لاٽ. فرانسيسي دانشور "ڪاميو" جي ان قول ته "When there is no hope, then invent a hope" وانگي هن اميد ايجاد ڪري ورتي. ماڻهن جي جيئڻ ۽ قوم کي جيارڻ جي اميد. هو ڄاڻي واڻي اهڙا ڪوڙ هڻڻ لڳو جن جو نتيجو فائدو ڏيندڙ هئو. "جيڪب،" پنهنجي ڪنهن ساٿي جي ڪن ۾ ٻڪو ڪيو هئو:

"جرمن مخالف فوجون جلدي هتي پهچڻ واريون آهن." ائين سندس ساٿي جڏهن حيران ڪندڙ نظرن سان ڏانهس ڏٺو ته "جيڪب" ڪيس اڳ ڳچي ۽ سس پس ڪندي ٻڌايو... "مون وٽ نيڊڙو ريڊيو آ جيڪو نازين کان لڪائي رکيو اٿم ان تان رات خبرون ٻڌيون اٿم ته جرمني کي ڪيترن ئي هنڌن تي هار ملي آ. اتحادي ڪٽي رهيا آهن ۽ اسان جلدي ٻاهرنڪرڻ وارا آهيون." "جيڪب" جو ڄاڻي واڻي هنيل اهو ڪوڙ ڪامياب ويو. ڇو ته اها ڳالهه هڪ ڪن ڪان ٻئي تائين پهچي پوري ڪيمپ ۾ پکڙجي ويئي ۽ قيدي جيئڻ جي آس ڪرڻ لڳا. اکين ۾ جوت وري آئي. سندن مورال وڌيو ته من ۾ خوشي سمائجڻ لڳي. ڪنهن پنهنجا ٻچا ته ڪنهن مائٽ ۽ محبوبا ساري. هاڻي ڪيمپ ۾ تمام ٿورا ماڻهو هئا، جي جرمن نازين کي ڏسي ڏڇندا يا هيسجي ويندا هئا... نه ته اڪثر ٽهڪ ڏئي جيئڻ لڳا. ائين "جيڪب،" جلد ڇڻڻ بابت ڪوڙ ڪو ڪوڙ ناهيندو ۽ صبح سان قيدن کي ٻڌائيندو هئو، جيڪا ڳالهه سندن اميدون پختيون ڪندي رهي. ڪيمپن ۾ بند قيدين جو خوش هجڻ، ڪلڻ، ڳالهائڻ ۽ ڇهرن جي رونق، جرمن نازي فوجين کان لڪي نه سگهي ته اصل خبر هٽ ڪرڻ لاءِ ڪيمپ ۾ جاسوس چڏيا ويا. قيدين جي مورال وڌڻ واري ان تبديلي کي هنن ڪنهن نئين انقلاب کان گهٽ نه پاڻيو هئو. ائين جاسوسن اصل ڳالهه تائين پهچندي دير نه ڪئي ته "جيڪب" گرفتار ٿي ويو. ريڊيو هٽ ڪرڻ لاءِ نه رڳو ان هڪڙي بيرڪ ۾ هزارين قيدين سان پريل ڪيمپ جي تلاشي ورتي ويئي پر نه هجڻ واري شئي ڪٿان ملندي ۽ پوءِ جانچ دوران ڳالهه کلي ته "جيڪب" ڪوڙ هٽندو هئو.

هو چاڻي واڻي ته جرمني جي هار ۽ اتحادين جي سوچ بابت پروپيگنڊا ڪندو هئو. نتيجي طور سزا جو ڊپ ڏئي ڪيس اصل حقيقت قيدين کي ٻڌائڻ لاءِ چيو ويو پر هن نه مڃيو. "جيڪب" ڄاتو پئي ته... "ماڻهو جي اصل زندگي، مرڻ کان پوءِ وارو جيون آ." هو عزت ماڻي چڪو هئو ته ڪٽيل بازي چو هارائي. نازين سندس پت وائکي ڪرڻ جا وس ڪيا، پر ناڪامي سندن مقدر ٻڌي. ائين هن موت قبوليو ته ڪيس مڙني قيدين جي اڳيان ڦاهي ڏئي ڪيمپ ۾ ئي دفنائي سندس قبر تي "جيڪب - دي لاير" جي تختي هنئي ويئي ۽ جرمن نازين پوري ڪيمپ ۾ پڙهو ڏياريو ته جيڪب وٽ ڪوبہ ريڊيو نہ هئو ۽ هن جرمني جي هارائڻ بابت ڪوڙيون ڳالهيون ڪيون آهن. پر قيدي نہ ويساهيا ۽ پوءِ قدرت خدا جي... ته رڳو ڏهاڪو ڪن ڏينهن ۾ جرمني جنگ ۾ هارايو. هٽلر پنهنجي سنگتياڻي "ايوا برائون" سان 30 اپريل 1945 تي آپگهات ڪيو. هن جي خاص نوڪر گهر جي تهه خاني ۾ سندن لاش ساڙيا ۽ خاڪ هوا ۾ اڏائي ڇڏي ته جيئن اتحادي سندن بي حرمتي نہ ڪري سگهن.

اتحادين جي ايندي ئي عذاب گهر بند ڪيا ويا. خاص تشدد گهرن سميت ڪيمپن جا در ڪليا ۽ قيدي آزاد ٿيا ته ٻاهر نڪرڻ مهل انهن قيدين مان هر ڪنهن جي ڪپڙن جي پلئه ۾ جيڪب جي قبر جي مٽي ٻڌل ملي. هو سڀ "جيڪب - دي ليبر آف ٽرٽ" جا نعرا هٽندا رهيا. جيڪب جي قبر جي اها مٽي اڄ ڇڻن پيڙهين کان پوءِ ٻہ ڪئين يهودي خاندانن وٽ عزت سان شيشي، سون يا چاندي جي ٽانون ۾ رکيل آ. ڇو ته هو جيڪب کي "بي مهاپاري جو هيرو" سمجهي رهيا آهن. ۽ مان سوچي رهيو آهيان ته ڇا اسان وٽ اهڙو ڪو "جيڪب" پيدا ڇو نہ ٿو ٿئي. منهنجو مائٽ "عبدالڪريم عرف توڏو" ته هڪ ڇٽو آ. واهڙ جو اڻ پڙهيل، اڻ گهڙيل شخص... پر عام طور ڏٺو وڃي ته خاص ڪري پڙهيل طبقي ۾ ٻہ ڪئين اهڙا ماڻهو آهن، وڏيرا، ڪامورا ۽ وس وارا، جي پنهنجي هينئين کي انسان نہ سمجهي، رهيل ڪهيل مت مان ڪيڏ لاءِ ذليل ڪندا آهن ۽ پوءِ چوندا ته:

"معاف ڪجان يار... بلڊ پريشر جي بيماري آ." ڪنهن جو بلند ڪردار ڏسي ٻہ اسان مٿس ٽوڪ ڪندا آهيون... رڳو ان لاءِ ته هو اسان کي نہ ٿو وٽي. ائين ڏٺو وڃي ته اسان ڇڻ آس کي نراس ۾ بدلائڻ جا هيراڪ هجون. اسان مريض کان پڇڻ جي بهاني سندس مٿن کان ويهي چئون ٿا:

"پويان پساهہ اتس... لڳي ٿو ته ڪونہ بچندو" ۽ نہ ٿا سوچيون ته ائين ڪري اسان جينرن کي ٻہ ماري ڇڏيندا سين.

•••

سپ نيڪ آ

هند جي مشهور فلم ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر "بمل راءِ" جي سال 1963 ڏاري ناهيل فلم "بندني" جو هڪ سين آ ته "جيل ۾ قيد هڪ جوان کي سندس انقلابي هجڻ جي ڏوهه ۾ ڦاسي جي سزا ڏني وڃي ٿي. نوجوان کي کارو ٽوپ پارائي ڦاهو ڳچي ۾ وجهي جلاد اڃان ليور مس دٻائي ٿو ته اک چنپ ۾ ان جو لاش لڙکندو نظر اچي ٿو. ۽ ان ئي وقت جيل جي دستور موجب ڪوٺ جي بُرجي تي پهرو ڏيندي چوبدار رڙ ڪري ٿو:

"سپ نيڪ آهي."

"سپ نيڪ آهي" جو اهو آواز اڃ ڪلهه سنڌ ۾ به عام جام ٻڌجي ٿو. سگهارن ادارن جا صاحب، قانوني ڪارندا ۽ انتظامي عملدار، ٻرندڙ باهه ۾ سڙندڙ گهر ۽ دربدر ماڻهو ڏسي به "سپ نيڪ آ" جو هوڪو ڏيندا رهن ٿا. اتر سنڌ ۾ ننڍي قيامت جو نظارو آ. ڏاڙيلن جا ٻڌي سوَ ٽولا ٻيلن ته ڇا واهڻ وسندين ۽ شهرن ۾ به پنهنجون ڪارروايون ڪري رهيا آهن. ايتري قدر جو ڪو ماڻهو ٿوري دير لاءِ به گهر کان ٻاهر نڪرڻ تي دل نه ٿو ٻڌي. خاص طور سنڌي واڻيا، ڏاڙيلن لاءِ ٻاکري گوشت برابر آهن. ائين کي ماڻهو ٻنگ کان ڪڍن ته کي پلاندن ۾ ماريا وڃن ٿا. حالت اها آهي ته ڏاڙيل به سنڌي، اغوا ٿيندڙ به سنڌي ته سندس پيڇو ڪندڙ سپاهي به سنڌي ۽ پاڪستان جي يارنهن ساله بدترين دور جي يادگار "جنرل ضياءُالحق" پاران، سنڌ ۾ ڏاڙيلن جي ڪارروايون ختم ڪرڻ لاءِ ڪنيو ويندڙ ڪجهه جوڳائتن قدمن جي موٽ ۾ هڪ "ڊي.آءِ.جي پوليس" کي اهڙا اُپاءَ ونڊ کان روڪيندي چيل اهو جملو ته "ڪتا، ڪتي کي کات رها هي، اسي ڪاٽني دو" سچ ثابت ٿي رهيو آ. ڇو ته ٽنهي طرفن کان ڪوبه مرندڙ رڳو سنڌي ئي هوندو ۽ حيرت جي حد وري اها ته پنهن جا ماڻهو ڇڏائڻ لاءِ ڏاڙيل، اغوا جون وارڏاتون ڪن ٿا. بي ڏوهي ماڻهو عذاب ۾ آهن. پيٽ ٻکيا، پيرين اگهاڙا ۽ ڪئين ڪوهن جو ڪڏهن به نه ڪٽندڙ پنڌ آ. پوءِ پوليس کي چئي پهچي ٿي ته فلاڻا فلاڻا ڏاڙيل آزاد ڪيو نه ته ڪجهه ڏينهن ۾ بچاءَ بند

ٻاهران، اغوا ڪيل ان ماڻهن جا لاش ملندا ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻيندي به سرڪار سڳوري جو اعلان ٻيندو رهندو ته "سڀ ٺيڪ آهي."

•••

اهڙي ئي نموني، سنڌي سماج جي پيڙهه ڪوڪلي ڪندڙ صديون پراڻي رسم "ڪاري" جي نالي ۾ ٻيندڙ تباهه ڪارين جو ڳالهين ڳالهين ۾ "تون ڇا ـ تون ڇا" تي ڪنهن اڃان چپ به مس ڇوريا ته گهر وينل هر ڳالهه ڪان بي خبر پيئ، ماءُ، پاڃائي يا زال جي سسي ڏڙ ڪان ڏار ڪئي وڃي ٿي. ائين ڪنهن ويڙهو ڪڙ يا ڪهاڙي جو سودو نه ڪيو، گهرڙ پويان ويهن روپين واري واڃ نه ملي. ڪنهن ڪي ڪنهن جي پيٺ وٽي وئي ۽ سنگ ڇڪائيندي به ستل نه نهيو ته بدي ونڊ لاءِ گهر اڃي پنهنجي سوٽ ماسات ڪي ٽڪو لائي ماري ڇڏيائين. اهو ڪو هڪ معاملو ناهي. اهڙن انيڪ ڪوڙن مهڻن پويان هر روز ڪئين عورتون پنهنجون داڙو پاڻي ڪتائي ڏرتي جو پيٽ پريندیون رهن ٿيون ۽ عجيب ڳالهه ته اڪثر سندن قبر جو نشان به نه ملندو. اهڙين ئي بدترين روايتن جي پالنا جو اهو مثال ڪنهن به وڏي ظلم کان گهٽ نه لڳندو جڏهن ڪو شخص پنهنجي مادي گڏهه کي رڳو ان شڪ ۾ بندوق هٿي ماري ٿو ته جهنگ ۾ چرڻ دوران پاڙي جي هڪ چوڪر ان سان زنا ڪئي هئي ۽ پوءِ ڪاري ڪري ماريل گڏهه جي بدي ۾ يا ته بدو ڪپي يا چوڪري جي ٻانهن، جنهن کي پڻ ڪارو ڪري ماربو. ائين ڪنهن پنهنجي نابين پيٺ ته ڪنهن معذور ڏيءُ کي ڪنو. ڪير قبر سان ڪارو ڪجي ٿو ته ڪا ناري گس ويندي بي خبري ۾ پوئتي لوٽو هٿي ڏسڻ تي ناحق ماري وڃي ٿي. اخبارن جا پنا اهڙين ڪارين وارڏاتن سان پريل ڏسبا پر قانون جي در تي ماڻهن جي قطارن بجاءِ سردارن جون اوطاقون ۽ سيدن جا اوتارا آباد آهن. راڃوٽيون ٽين ٽيون، قسم قرآن، باهه تي ساک، ڏند ڏوهه ۽ مرڻ وارو جڙ ته ڄايو ئي ڪونه هئو. تنهن هوندي به انصاف جا علمبردار اهو ئي آواز ڪندا رهن ٿا:

"ڪارو ڪاري اڄ ڪلهه جو نه پر صديون اڳ جو مسئلو آ. هتي ڪابه اهڙي خاص ڳالهه ڪانه ٿي آ جو ماڻهو ڪجهه وڌيڪ پريشان ٿين.... سڀ ٺيڪ آهي."

•••

ملڪ ۾ مهانگائي چوٽ چڙهيل آ. ڪيپي جي ڳولا ۾ ماڻهوپنهنجو ماس ڪائي رهيو آ. اڻو آهي ته گيهه ناهي. چانهه آهي ته ڪنڊ ناهي. هر شئي جو ملهه

آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو ا. روز بجلي، گئس ۽ پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ ٿي رهي آ. عجيب ڳالهه آ بجيٽ ۾ گيهه جو اگهه وڌائيندي ملڪ جي مالي وزير اعلان ڪيوهو....

"گهٽو سٽي ڪائڻ سان خطرناڪ مرض پيدا ٿين تا. تڏهن ئي ماڻهن کي گهٽو گيهه واپرائڻ کان جهلڻ لاءِ ائين ڪيو ويو آهي." ڏنووجي ته سرڪار پاران پگهارن ۾ پنجاهه روپين جي اعلان تي واپاري، استعمال جي ويهن شين مان هر هڪ تي ڏهه ويهه روپيه وڌائي اگهه آسمان تي پهچايو ڇڏين. بيروزگاري ۽ بدامني روڪجڻ کان مٿي آ. پڙهيل لکيل ماڻهو چاهيندي به ڪا مزدوري هٿ ڪري نه تا سگهن ته ڪوڙي سچي هٿيار سان ڪنهن نه ڪنهن جو اڳ جهلي يا ته ڪجهه نه ڪجهه ڦري ونن تا يا گولين جي منهن ۾ اچي پاڻ مارايو وڃهن. اچو ڪائڻ ۽ اچو پائڻ وارا عذاب ۾ آهن. قميص آ ته ڪالر ڦاٽل آ ۽ جي ڪالر صحيح آ ته بٽڻ ٽٽل. اڻ ڳٽين ويڏنائن، ويساهه گهاتين ۽ ٽينشن ۾ ماڻهو ڏينهون ڏينهن قبر ڏانهن ڇڪبو ٿو وڃي. خاص طور نوجوان نسل پاڻ بچائڻ لاءِ نشي جي پاڇي ۾ پناهه ڳولي رهيو آ ۽ ائين اڪثر ذهني مريض بڻجي زهر جهڙي زندگي گهاري رهيا آهن پر سرڪار سڳوري جا ڪارندا ڪنهن نه ڪنهن سيمينار ۾ ڪالر چنڊيندي اعلان ڪن تا:

"مهانگائي رڳو هن ملڪ جو نه پر بين الاقوامي مسئلو آ. وري به شڪر آ ته اسان وٽ ماڻهو به ويلا سولائي سان ڪائي سگهن تا..... ملڪ ۾ بيو سپ ٽيڪ آهي."

●●●

12-آڪٽوبر جي خاموش انقلاب کان ترت پوءِ واري احتساب جي اعلان جي اڇاڻ هاڻي ڪنهن به شڪ کان وانجهي نه رهي آ ته اڇين ريڍن سان ڪجهه ٻوٽ ڪاريون ريڍون ڪيئن نه حڪومتي قدمن کي ناڪام ڪرڻ پويان ڪاهي پيون آهن. اهي ڪي باهر وينل ماڻهو ناهن پر ان ٽيم جو حصو آهن جيڪي هر ڪنهن ڪرپٽ ماڻهو سان حساب صحيح ڪرڻ لاءِ ناهيون ويون آهن. نتيجي طور "رشوت توڙ ڪاتو" پنهنجي اصلي نالي بدران "رشوت جوڙ ڪاتو" بڻجي ويو آ. فوجين جي بهاني هر وس واري رشوت خور عملدار پنهنجي ڏي وٺ جا اگهه وڌائي ڇڏيا آهن ۽ غريب ويل ۾ اچي ويو آ. جائز ڪم به ڪار وهنوار بنا نه ٽيڻ ڪري ماڻهن جي اميدن تي پاڻي ڦريل آ. سياسي طور سگهارا يا پئسي جي ساهمي سان وزن ڪندڙ ماڻهو هر احتساب کان آجا ۽ بي پهچ ڏينهون ڏينهن

پيڙجي رهيا آهن. عجب ٿو لڳي جڏهن "رشوت ٽوڙ ڪاتي" جي عملدارن تي جوابدارن سان ڪاروهنوار سڌو ڪرڻ لاءِ به به لک روپيه رشوت ونڻ جي ڏوهه ۾ آگر به نه ٿي ڪجي ۽ اجان به حيرت جي حد اها ته سگهاري اداري ۾ وينل اوٽويهين گريڊ جي عملدار جي چوٽ تي هڪ "ايس. ڊي ايم" جي بدلي ان ڪري روڪي وڃي ٿي ته هو ٻئي هر روز شام جو گڏ ويهي ولائتي وسڪي پيئندا آهن. تڏهن ئي سيڪاٽ لگ "ديهه سما" جو وينل ننڍي گريڊ جو هڪ ڪامورو پنهنجي بالا عملدارن کي ايلاز ڪري وقت کان اڳ رڳو ان ڪري رٽائرمينٽ ٿو وڃي ته سائس نه ٿهندڙ ساڳيو "ايس. ڊي.ايم" ڪيس سبق سيکارڻ جو ڏڙڪو ڏئي ٿو. ائين ئي ارڙهين گريڊ جو هڪ "ڊرگ انسپيڪٽر" ميڊيڪل اسٽور کولڻ جا انيڪ کوڙا لائيسن جاري ڪرائڻ جي ڏوهه ۾ رنگيل هٿن سان پڪڙجندي به ساڳي جاءِ تي رڳو ان ڪري نوڪري ڪري رهيو آ ته هو به "ايس.ڊي.ايم" واري ٽيم جو رڪن هو. احتساب جي هام هٽڻ بابت اهڙيون انيڪ اڻ وسرندڙ ڳالهيون جڏهن سياسي طور حد کان وڌ سگهاري ۽ ماضي قريب ۾ وزير رهندڙ هڪ سيد بادشاهه جي ٻني تي چاپو هٽي، اتي ٽميل سرڪاري اسڪول جي عمارت کي ذاتي گودام طور استعمال هيٺ آيل ڏسي، مالڪ کي ڪجهه چوڻ بجاءِ عمارت تعمير ڪندڙ ٺيڪيدار جي پائنٽي کي ان ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو وڃي ٿو ته هنن وڏيرکي اوطاق جي ڪمپائونڊ ۾ سرڪاري اسڪول چو اڏيو؟ پر ان کان اڳ جو قانون اجان به وڏيڪ حرڪت ۾ اچي ۽ "ايجوڪيشن ورڪس" ڪاتي جا ڪجهه کامورا پڪڙجن يا سيد بادشاهه جي خلاف کو قدم کڄي، ٺيڪيدار جو پائٽيو رات پوڻ کان اڳ ئي آجو ٿي گهر پهچي ٿو. نه رڳو ايترو پر مائهن کي، چاپو هٽندڙ ارڙهين گريڊ واري هڪ عملدار جو رات جي وقت اوچتو ان ٺيڪيدار جي گهر اچي سندس پائيٽي جي پڪڙجڻ بابت ڪائنس معافي ونڻ اجان به وڏيڪ حيرت ۾ وجهندڙ لڳي ٿو. ائين هڪ سوچ ڪر ڪٽي ٿي ته اها ٺيڪيدار يا سياسي طور سگهاري سيد بادشاهه جي ساون ۽ بلو نوٽن جي ڪرامت هوندي. پر ڪجهه اندروني ذريعن جو آواز هئو ته ملير چانوٽي مان ايندڙ هڪ فون ئي ڪل معاملي تي مٽي وجهي چڏي هئي. ائين سنڌ حڪومت جي "ماني مهيا ڪرڻ" واري ڪاتي جا ڪامورا سگهارن ادارن جي اهڙن عملدارن جي حڪمن بابت سور سليئن ٿا جن منٽيلون مقرر ڪرائي سندن پينگ ڪٽي پر سپ ڪان وڏيڪ حيران ڪندڙ ڳالهه اجان به اها جڏهن هڪ ڊويزن جو "ايس پي گريڊ" ۾ ڪم ڪندڙ "رشوت ٽوڙ ڪاتي" جو

عملدار ٽيهه لک روپين جي فراڊ ڪيس ۾ ڦاٽلَ هڪ ڪاموري کي پنهنجي آفيس جي در تي رڳو ان ڪري "خدا حافظ" چوڻ ٿو اچي ته هو سنڌ جي هڪ "سياسي هاڻي" جو ماروئ آ ۽ ماضي ۾ ٻٽي پيرا وزير رهندڙ ان مهربان، پنهنجي ڪرم نوازين سان "ايس. پي صاحب" کي اڪثر سندس پسند وارين جاين تي پوسٽنگ وٺي ڏني هئي. سوچ جي ڳالهه اها آهي ته احتساب ڪنهن جي لاءِ آ. بي پهچ ماڻهن يا اصلي ڏوهارين لاءِ؟ ۽ سرڪار سڳوري جو اڄ به اهوئي نعرو آ ته "سپ نيڪ آ."

خدا ڄاڻي ته اهو سپ نيڪ الائي ڪڏهن ۽ ڪيئن نيڪ ٿيندو؟

•••

وٽيون وهُ ڳانڍيون

اها 28 مئي 1998 جي ڳالهه آ جڏهن اوچتو ئي اوچتو آڪاش تي ڪڪر اُپري آيا. هوا گهلڻ لڳي ۽ لاڙ جي علاقي ۾ خاص ڪري بدين ۽ ٺٽي ضلعن جي سامونڊي پٽي ۾ لاڳيتو ڪيترن ڪلاڪن تائين مينهن وسندو رهيو. حيدرآباد تائين جي علاقن ۾ ڪل ساڑينڊڙ گرمي کان بيزار ماڻهن جڏهن هيءَ تڏڪار ڏني ته دعائون گهرڻ لڳا پر خبر نه هئي ته اها برسات ڪنهن نندي قيامت جو روپ ونيِ هزارين ماڻهو مارڻ ۾ لڪ ڪن اجها ڊاهڻ آئي هئي ۽ پوءِ خبر پئي ته اهو سامونڊي واڇوڙو هئو جنهن جي اهميت جو اندازو هوندي به ملڪ جي موسميات ڪاتي وارن ان کي نه سمجهيو ۽ جي اهميت ڏني ته به ان جي ڄاڻ واسطيدارن ماڻهن کي ڏيڻ تائين ايتري دير ٿي چڪي هئي جو سمنڊ جي پرپاسي ۾ رهندڙ پنهنجا وٽاڻ ڇڏڻ يا نه ڇڏڻ بابت سوچيندي هيءَ دنيا ئي ڇڏي ويا. A-2- cyclone نالي آيل هي سامونڊي طوفان جنهن ۾ ڏهه ڀارهن فوٽ اوچي ويرِ ساحلي پٽي ۾ ڪئين ميل اندر گهڙي، هزارن جي حساب سان ماڻهو ماري، ملڪ الموت جو ڪم سولو ڪري ڇڏيو ۽ سپ ڪان گهٽا ماڻهو اهي مٺا جن جوڪئين پيڙهين کان مڇي مارڻ تي گذارن هئو. هي گهاتو پنهنجا هوڙا ۽ لانچون تيار ڪري ڪئين ميل اندر سمنڊ ۾ ڪاهي ويندا هٺا ۽ جڏهن به موٽيا ته پويان انتظار ڪندڙ آسائتين اکين لاءِ اڻ ڪٽ خوشيون ڪٽي آيا. پنهنجي اباڻي ڪرت تي پاڑيندڙ هي سنڌ جا وارث هميشه ڪلندي ڪڏندي خوش ٿيندي سامونڊي چولين سان ويڙهاند ڪندا اندر ويندا هٺا. پر هن پيري سمنڊ هنن کان سپ پلاند پورا ڪري ڇڏيا. چيو وڃي ٿو ته هن طوفان ۾ نه ته به ٻٽيهه هزار ماڻهو مٺا. اتان ٿي آيل ڪجهه همراهن جي چوڻ موجب ته:

"توهان کي اتي رڳو به شيون جام ملنديون. هڪ سامونڊي پاڻي ۽ ٻيو ڊگهي ڳڇي واريون آسماني ڳجهون ۽ جنهن جاءِ تي ڳجهن جا ميڙ وينل نظر ايندا اتي گوشت کان واجها انساني پجرا به پيل ڏسبا". هڪ اندازي موجب ته اهي مرڻ وارا وڌ ۾ وڌ به ٽيهن سالن تائين جي عمر جا مرد هٺا. جيڪي

سامونڊي چولين ۾ مت وڃائي منا ۽ تمر جي وٽن ۾ قاتل هنن جا لاش سامونڊي جانورن، کيڙن ماکوڙن ۽ آسماني ڳڄهن جو کاڄ ٻڌيا. هفتو کن اڳ يوسف سنڌي سان گڏ پنهنجي ادبي دوست پرويز ميمڻ سان ملڻ لاءِ "جاتي چوڪ" ويس تہ پرويز ٻڌايو:

"هتي ڏهن ڏينهن کان بجلي ڪانهي". اتي ويٺل هڪ همراهہ چيو... "فقيراڻي قبيلي جي هڪ جت جون چار سؤ انيون سامونڊي ويڑ ۾ ٻڏي ويون" ۽ مان مات ڪيون اڏاوٺ عمر جي ان شخص ڏي ڏسي رهيو هوس. سوچيم تہ "هڪ ڪروڙ جي مڏي وڃائڻ وارو اهو جت جنهن جي سڄي ڄمار پيرين پنڌ انهن ئي انيين پويان رلندي گذري ۽ جنهن کي سندس مال جي ان قيمت جي ڪاڻي جي شايد ئي ڄاڻ هجي، ڇا اڃان بہ جيئرو هوندو؟" ۽ جيڪڏهن اهو شخص جيئرو بہ هجي تہ "پاڳئي پوريي" ٿالي ان پيرسن جو ڪهڙو حال هوندو جنهن ڪئين ڏينهن راتين جي رولڙي کان پوء پنهنجي مويي پٽ "جمن پوريي" جو لاش تہ ڳولهي لڌو ۽ سامونڊي پاڻي سبب ڳري ويل اهو لاش کڻي نہ سگهيو؟ ڇا دنيا ۾ اهڙو ڪو عذاب ٿي سگهي ٿو ۽ ڇا عام زندگي ۾ ڪو بہ انسان انهن پيڙائن بابت سوچي يا هن ڌرتي تي موجود ڪو ماڻهو انهن احساسن جو وزن کڻي سگهي ٿو، جيڪي اهڙي ويل ان شخص جي اندر مان نڪتا هوندا. انيين هڪ ڏينهن پوء مون ڪاوش اخبار جي ڪاوش ڊائجسٽ ۾ چپيل انٿ يا ڏهن اهڙن لاوارث لاشن جو ڦوٽو ڏٺو جيڪي علائقي جي رهندڙ ماڻهن پنهنجي وڇڙي ويلن جي ڳولا دوران هٿ ڪيا هئا. هنن لاشن جو ڪو بہ وارث ڪونہ هئو. هنن لاوارث لاشن جو وارث سنڌ جي صديون پراڻي ڌرتي هئي، جنهن سينو کولي هنن مڙني مڙدن کي پنهنجي هنج ۾ سمايو. مان سوچيان ٿو ان جو ذميوار ڪير آهي؟ حڪومتي ادارا جن اهڙي آفت جي ڄاڻ هوندي بہ علائقي جي ماڻهن کي ان ڄاڻ رکيو. علائقي ۾ رهندڙ اهي ماڻهو جيڪي سڀ خبر هوندي بہ پنهنجا اباڻا پد ڇڏڻ تي راضي نہ ٿيا يا حڪومتي سربراهہ جيڪي سياسي راندين جي ميدان ۾ ماڻهو جو ملهہ ڪيرائي ڇڏيندا آهن. پوء جي خبرن موجب تہ اقتدار جي اعليٰ ترين ڪرسين تي ويٺل وقت جا فرعون هي دل ڏاڙيندڙ هاڃا ڏسي تمام جلد Active ٿيا ۽ بنا دير جي امدادن جا اعلان ڪيائون پر امداد بہ اهڙي جو نڪ يا چپ ودڻ جي ڳالهہ بڻجي وڃي. هڪ اعلان ٿيو تہ جنهن بہ گهر جو ماڻهن مئو آ، ان کي هڪ لک روپيا ڏنا ويندا ۽ پوء ماڻهن کي اهڙي رقم جا چيڪ بہ مليا پر ٻئي ڏينهن خبر پئي تہ ضلعي انتظاميہ ماڻهن

کي امداد طور ڏنل اهي چيڪ واپس ورتا ۽ نئون اعلان ٿيو ته جنهن به گهر جو ڪمائڻ وارو مائهو مئو آ، ان کي لک ۽ ٻين کي پنجاهه هزار روپيه ڏنا ويندا. اي ڪاش! خدا انهن مائهن جي مت سلامت رکي. ڪين شايد خبر ناهي ته ڪو به گهر ڏٽي چاهي ڪينرو به ٻکيو يا ڏکيو هجي، ڪڏهن به اها دعا نه گهرندو آ ته سندس گهر جو ڪو مائهو مري ته کيس امدادي چيڪ ملي. هڪ اخبار لکيو ته امدادي سامان جون ٽرڪون پرجي اتي پهتيون آهن. پر ان ئي پني تي هڪ ٻي به خبر هئي ته علاقي جي ڪجهه سينئين سرڪاري ڪارندن جي معرفت اهو سامان خريد ڪرڻ لاءِ مارڪيٽ جي ٻيٽ ۾ پنهنجا اڳهه ڪجهه وڌيڪ ڪيرائي ڇڏيا آهن. خبر نه ٽي پوي ته هن سماج ۾ انسان ايترو سستو ڇو ٽي ويو آ جو ٻين جي ٻچن کي ٻک کان بچائڻ بجاءِ انهن جي ٻيٽ ڦوٽ تي ٻه راتاها هنيا ٻيا وڃن ٿا ۽ ڇا اهو به ضروري آ ته ڪنهن انڪ اکاڙي يا ٻيٽ ٻکئي شخص جي ٻک مٽائڻ لاءِ آندل سامان سان گڏ پنجاهه اهڙا مائهو به آندا وڃن جيڪي امدادي سامان جي ٻريل ٽرڪن تي ويهي "مسٽر خان زنده باد - پاڪستان زنده باد" جا نعرا هٽندا هلن.

ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ دوست مون کي چيو:

"گولاڙچي هلندين؟"

"ڇو؟"

"ڪيلهه داخل ڪرائڻ."

"ڇا جو؟"

"لکين روپين جو فصل تباهه ٿيڻ بابت"

"۽ تنهنجو ته اتي کو به فصل ڪونه هئو."

"ڪهڙو فرق ٿو پوي." هو چوڻ لڳو "مان اتان جي ڪاغذ ناهيندڙ ڪنهن ڪاموري کي پنجاهه هزار روپين جي ڪليل آفر ڏيندس ته منهنجا پنجاهه هزار ازخود ڪرا هوندا" ۽ مان سوچڻ لڳو هوس ته هن مائهو ۽ انهن آسماني ڪجهن ۾ ڪهڙو فرق آ جيڪي اڄ به تمر جي وڻن ۾ اٽڪيل انساني لاش ڪائي انهن سرڪاري صاحبن کي دعائون ڏيئي رهيون آهن جن مقامي مائهن کي ساوندي طوفان جو وقت سر اطلاع نه ڏئي سندن لاءِ ٻيٽ ٻرڻ جو سبب پيدا ڪيو.

•••

سائي نمبر پليٽ وارين گاڏين جو اصل استعمال

پاڪستان جي هوائي فوج مان ايئر مارشل جي عمدي تان رٽائر ٿيل ۽ بعد ۾ 12- آڪٽوبر 1999 واري خاموش انقلاب جي نتيجي ۾ سنڌ جو گورنر بڻجندڙ " محمد عظيم دائودپوٽو" حد کان وڌ اختيار هوندي به توڙي ڪٽي "انتهائي ڪمزور انتظامي عهديدار" ليکيو ويو پر سندس محنت، سچائي، نيڪ نيتي ۽ ايمانداري ۾ ترِ جيترو به شڪ ڪونهي. حضرت شاهه عبدالطيف ڀٽائي سان دل جي گهرائين تائين چاهت رکندڙ ۽ مرڻ کان پوءِ به سندس پاسي ۾ پورجندڙ، ٽلٽي- ضلع دادو جي جايل "شمس العلماءُ ڈاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي" جي پٽ محمد عظيم کي گورنري جي عهدي تان هٽائڻ جا اصل ڪارڻ پلي ڪڙا به هجن پر اها حقيقت ڪنهن به گمان کان خالي آ ته معاشري مان بيماني، ڪرپشن ۽ ڦرلٽ ختم ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي وسان نه گهٽايو. سرڪاري ڪرسي ته ويهي به ڪئين سنڌ دشمن منصوبن جي مخالفت ڪندڙ گورنر دائودپوٽي پاران ان ڏِس ۾ ڪنيل قدمن مان هڪ وڪ، "صاحبلوڪن جي استعمال ۾ رهندڙ سرڪاري گاڏين جو ناجائز ڪتب اچڻ" روڪڻ هئو. جنهن لاءِ ڪئين جوڳا اپاءُ ونيِ، سرڪاري صاحبن جون ميٽنگون ڪوٺائي هن صوبي جو ڪار وهنوار هلائيندڙ وڏ وارن ڪامورن کي سندن عهدي ۽ حد جي لحاظ کان گاڏين جو تيل ۽ مرمت وغيره جا پئسا مقرر ڪري ڏنا ويا. جنهن لاءِ باقاعدي سرڪيولر به جاري ٿيا ۽ وقت سر هدايتون ملنديون رهيون پر جيئن ئي دائوپوٽي صاحب عهدو چڏيو ته ڳالهه "ڪتي جي پڇ" وانگي ڦري ساڳي جاءِ تي اچي بيني. وڏن صاحبن جا حڪم مڃي جن وس وارن ڪامورن مٿڙ ۾ "آمنا صدقنا" چيو سي به "سيهڙ ٽنگون ٽي، چوٽون اٽس پڇ" وانگي پڙ ڪڍي بيٺا. نتيجي طور حالتون اهي ئي رهيون.

سرڪاري گاڏيون ڏيوٽي دوران ڪتب آندیون ويندیون آهن. پر سنڌ سڳوري ڇا پياري پاڪستان ۾ به انهن گاڏين جو اصل استعمال ڪهڙو آ، اها خبر ته خدا کي ۽ حساب ڪتاب به پڪ سان "ڪراماً ڪاتبين" وٽ هوندو.

سرڪاري گاڏيون وڏن صاحبن جي هارن کي اسڪول پهچائڻ ۽ واپس آڻڻ سميت بيگم صاحبہ پاران درزي وٽ ڪپڙا ڏيڻ جي ڪم اچن تہ صاحب جا هار ۽ انهن گاڏين تي "ڊرائيونگ" سکن. پر ائين نہ ٿيو آ تہ وڏن ماڻهن جي رسائي طور اهي گاڏيون ڪنهن ميز، پير يا وزير وٽ نہ هلن. يارن دوستن جي شادي مرادي ۾ "سائي نمبر پليٽ واريون گاڏيون" گيهہ، ڪڻڪ، چيلا ۽ شاميانہ ويندي مهمان نہ ڏوئين تہ صاحبن جي ٻنين تي ٻج، پاڻ ۽ ٻوٽا نہ پهچائين، پر عجب لڳو جڏهن حيدرآباد جي سبزي منڊي ۾ "گورنمنٽ آف پاڪستان" جي نمبر واري اڇي مرڳلا ڪار مان "بليچ ڪيل" ڪٽيل وارن واري پڪي عمر جي هڪ grace-ful عورت کي لهندي ڏٺم. پل کان هيٺ، فروٽ وارن کوکن وٽ گاڏي بيهاري پاسي واري گهورڻي کي خيال رکڻ جو چئي نوجوان ڊرائيور پلاسٽڪ جي ڇپي ڪٽي ان عورت جي پويان هلڻ لڳو، جيڪا هتان هُتان بصر پٽاڻن جا اڳهہ پچندي رهي. خبر ناهي تہ پنجاهہ پنجونجاهہ جي پيٽي ۾ جينئنڊ اها قابل احترام عورت، شهر جي ڪهڙي حصي مان تازي پاڄي ڳنهڻ لاءِ سبزي منڊي ۾ آئي هوندي پر مان سوچي رهيو هوس تہ هن پاران هفتي ڪن جي لاڳيتي سائي پاڄي ونڻ کان پوءِ نہ ٻنهي هنڌن (سندس پاڙي ۽ سبزي منڊي) جي اڳهہ جو فرق پڪ سان تہ سرڪاري ڪار ۾ چڙهي سبزي منڊي اچڻ ۽ ڪم لاهي بعد ۾ گهر موٽي وڃڻ تائين سڙيل پيٽرول کان ڪئين پيرا گهٽ هوندو. پر اصل حقيقت ڇاهي تہ گاڏي ۾ تيل سرڪاري سڙندو ۽ سبزي ونڻ جي حوالي سان ٽيل بچت پوءِ پلي پنج يا پنجاهہ روپيہ نہ ڇو نہ ٻڌجي، ان عورت جي حصي ۾ ايندي.

ائين سندڙ سرڪار جو حد کان وڌيڪ چست ڪامورو نہ ياد اچيم ٿو، جنهن ضلعي سطح جي هڪ جاءِ تي مقرري دوران، ٻن سالن جي مدي ۾ رڳو هڪ يا ٻہ پيرا ئي "فيلڊ وزٽ" ڪئي نہ تہ سندس اڇي رنگ جي "فل هُڊ" واري "ڊبل ڪيبن پڪ اپ" هر روز يادگيري سان، هن جي محبوبا کي گهران ڪٽي مارڪيٽ پهچائڻ جي ڪم اچي ٿي..... يا هو پاڻ نہ اڪثر سڪل بت واري ان ڊگهي عورت کي جامشوري واري پل تي پڪل پلو يا " آڙو يان رود" تي "انارڪلي آئس ڪريم" کارائڻ وڃي ٿو.

حيدرآباد ۾ ڪم ڪندڙ ويهين گريڊ جي هڪ برجستي ڪاموري جي ڪاري رنگ واري " ليند ڪروزر" اڪثر "سنڌي مسلم سوسائٽي" ۾ سندس محبوبا جي در تي بينل ملندي ۽ اڌرات کان پوءِ " مائي صاحبہ" جي دادلن ٻارن لاءِ برگر" ونڻ جي ڪم اچي ٿي.

لاڙ جو هڪ نالي وارو وڏيرو، " نواز شريف" جي گذريل دور ۾ وزير بٹيو تہ واسطيدار کاتن جون ڏزن کن گاڏيون سندس ڪمدارن ۽ ڪاراون جي استعمال ۾ رهيون. پر اهوڇاڻي حيرت لڳي تہ اهڙي هڪ سرڪاري گاڏي خاص طور ڪراچي مان شراب ڪڻي اچڻ لاءِ ڪتب آڻبي هئي.

"سرڪاري گاڏي ۾ پلي پنگ، چرس يا هيروئن بہ ڪڻي اچو پر ڪير بہ نہ پڇندو "وزير صاحب جي ڪتن، بلين، بني ۽ سنگتياٹين جا حساب رکندڙ خاص مئنيجر ٻڌائي ٿو، " وزارت ملڻ کان ڪجهہ سال اڳ هڪ پيري سائين جي گاڏي مان رينجرس وارن ولائتي شراب جون بہ بوتلون هٿ ڪيون تہ ڏاڍي جڻ ٿي. جان ڇڏائڻ لاءِ ٻڌي لک چٹي تہ پري پر خواري الگ ٿي" .

"۽ هاڻي؟" مون پڇيو تہ گهٹو پان کائڻ ڪري ڳاڙهـا ٹيل ڏندن وارو، سانورو، اڇي ڪانچ مٹان بوسڪي جي قميص پاتل همراهہ ٹهڪ ڏئي چوڻ لڳو:

"هاڻي شراب چا..... توهان پلي ڪلاشنن جي گاڏي پري اچو تہ بہ ڪا ڳالهہ ڪونهي."

ائين "گورنميٹ آف پاڪستان" جي نمبر واري هڪ ويگن ڪراچي مان اڪثر صاحبن جون سنگتياٹيون ڪٹي ڪينجهر تي اچي ٹي ۽ .... GL نمبر جي "سوزوڪي وين " صاحب جي سالي جي دوڪان جو سامان ڊوئيندي ڏسبي. اڄان بہ وڏيڪ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ اها جڏهن صحت ڪاتي جو " ڇمون رنگ وارو" ٹلهو بندرو " تعلقہ هيلٹ آفيسر" پنهنجي اڇي ڏاڙهي واري ڊرائيور کي رڳو ان ڳالهہ تان چمات هٹي ٿو تہ هن ڈاڪٹر صاحب جي اٹ جاڻ ڏيءُ کي سرڪاري ايمبولينس هلائڻ نہ ڏني هئي. ائين ٹنڊي جام جي رهندڙ سورهين گريڈ جي هڪ آفيسر چيو:

"جيڪڏهن منهنجي چارج ۾ رهندڙ سرڪاري ٹريڪٹر، وڏي صاحب جي بنين تان هر روز بَکَرُ ڪٹي سبزي منڊي ۾ پهچائي ٿو تہ اهو منهنجي مال جو گاهہ ڪٹڻ لاءِ استعمال چو نہ ٿو ڪري سگهجي" . ۽ سچ هئو تہ ننڍو تيسين غلط قدم ڪٹڻ جي جرئت نہ ڪندو جيسين سندس مٹيون عملدار پاڻ ائين نہ ٿو ڪري. ڊرائيور تہ پنج پنجاهہ ۾ بہ راضي ٿي ويندو ۽ پوءِ مٹين جي مرضي، جيئن وٹين، تيئن پنا کارا ڪن. ائين ذاتي ڪار لاءِ پيٹرول وٹي بل سرڪاري گاڏي جا ٹهرائيا. مرمت ذاتي ڪار جي ٹيندي تہ بل سرڪاري کاتي ۾ چارج ڪيا ويندا. ڪير بہ پڇڻ وارو ڪونهي تہ سرڪاري گاڏيون ايترو جلدي خراب چو ٹيون ٹين؟

ياد اٿم جڏهن گولاڙچي تعلقي ۾ هلندڙ هڪ پراجيڪٽ لاءِ ٻه روسي (بيلارس) ٽريڪٽر ورتا ويا ته هڪ ٽريڪٽر رڳو هڪ مهينو هلڻ کان پوءِ خراب ٿي پيو. ڇو ته ان جي نئين انجڻ کڏي "پراجيڪٽ ڊائريڪٽر" جي ذاتي پراڻي ٽريڪٽر ۾ لڳائي ويئي هئي. ائين لاڙ جي ويٺنام صور مشهور ميرپور بٺوري تعلقي جو قصو به عجيب آ جڏهن اتي هلندڙ هڪ غير ملکي امداي پراجيڪٽ جي " ان داتا" پنهنجي " کاٽو پٽ" بٽيل عملي جي هٿان "Spare parts" جي ٽرڪ پرائي پنهنجي ڳوٺ موکلرائي ۾ ريکارڊ جي پورت لاءِ پوليس ۾ کيس کرايو. بعد ۾ اهي بليڊ، گوبل، هر، ڊسڪ ۽ کجهه ٻيون شيون سندس ذاتي زمين تي پيل ڏنيون ويون. پر اهڙن سگهارن هٿن لاءِ ته قانون به انڌو ۽ اونڌو آ. وڏي مڇي سدائين ننڍي مڇي کي کائي ويندي آ ۽ سرکار جو گاڏو گڙندو رهي. سانگهڙ سان واسطو رکندڙ ڊگهي ڏاڙهي واري ان پنج وقت نمازي حاجي صاحب لاءِ به ڇا چٽجي جنهن وٽ نوکري تي چڙهڻ وقت پنهنجي پنج ايکڙ ٻني به نه هئي پر هاڻي هزار ڏيڊ جريب جو مالڪ آ ۽ ان زمين جو گشت سدائين سرکاري گاڏي تي ٿيندو رهي. اکثر هر هنڌ....." "اَن نَصيبُ يُصيبُ وَلَوکَانَ تَحتَ الجَبَل" جهڙيون حديثون ٻڌائيندڙ منهن ۾ ملان اهو کامورو پنهنجي واسطي ۾ رهندڙن کي چوندو آ:

"رزق جيڪو به تنهنجي مقدر ۾ لکيل آ.... صبر، محنت ۽ ايمانداري سان ضرور ملندو توکان تنهنجو رزق کير به کسي نه وٺندو." کنهن ڪتاب ۾ پڙهيل مذهبي قول دهرائيندي هو چوندو آ..... "جيڪڏهن تنهنجو رزق هڪ سال لاءِ هڪ لک روپيه آهي پر تو پنجاهه هزار رشوت ورتي ته تنهنجو رزق ڪٽجي باقي پنجاهه هزار بچندو". پر عجيب لڳم جڏهن ڳالهه ٻڌي سندس کاتي جي کنهن مهربان چيو هوس:

"کنهن کليل شيو ۽ بي نمازي لاءِ ته اهو چوڻ ٺيڪ آ پر تون مولانا بڻجي واعظ ڪندي به وڏي واڪ پندرهن پرسينٽ رشوت وٺين ٿو ته مذهب کهڙي کنڊ ۾ لکي ويندو آ." حاجي صاحب جي کاتي ۾ ڪم ڪندڙ سندس اڌ کان وڌ ساٿين کي خبر آ ته هن جي، ننڍي ۾ مقرري دوران، سندس وڏي پيٽ وارو وڏو پٽ "گبو" هر رات سرکاري ڊبل کيبن تي چڙهي "گهاري" ۾ "کڙاهي گوشت" کائڻ ويندو هئو... ۽ مان سوچيان ٿو سياڻا کيڏو نه وڏو سچ چئي ويا آهن ته:

"هاڻي جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا ته کائڻ جا ٻيا هوندا آهن."

●●●

ديس نماڻو - ارڏا ماڻهو

سنڌو درياءَ کان منچر ڍنڍ تائين پاڻي نيندڙ اڙل واهه جي پکي ڪڙ وٺي مان سيوهڻ شهر جي اتر اولهه طرف پراڻي قلعي واري وڏي دڙي تي ٺهيل سرڪاري آفيسن ڏي وڏان تو. منهنجي ساڃي هٿ تي، صدين جي روايتي خوف جي علامت بٽيل "انود ڪاسائي" جي ڪڏ آ. چيو وڃي ٿو ته "انود ڪاسائي، ماڻهو کهي انهن جو گوشت ٻئي ماهه سان ملائي وڪٽندو ۽ هڏا هن ڪڏ ۾ اڇلائي ڇڏيندو هئو." تن ڏينهين پک سان ته هن ڪڏ ۾ تمام وڏو پاڻي هوندو پر اڄ اتي ڪچيون سرون وجهندڙ مزورن کي مون هٿ واري نلڪي مان ئي پنهنجي گهرج پوري ڪندي ڏٺو. انجنيئري ڪاتي جي بنگلن جي ٻئي پاسي سيوهڻ شهر ۾ حضرت لال شهباز قلندر ڪانپوءِ خاص طور ڄاتو ويندڙ بزرگ "جمن جتي" جي مزار آ، جتي پندرهن ويهه سال اڳ جڏهن سنڌو درياءَ ڪاڌ ڪرڻ لڳو هئو ته ماڻهن ان کي "ٻنهي هستين جي ويڙهه" ڪوٺيو. تن ڏينهن سنڌو درياءَ جو اوج هو. پر هن مهل مان پنهنجي سامهون وهندڙ درياهه جو پيٽ سڪل ڏسي رهيو هان. ڇڙ ته ڪو ڪٽنال، جنهن ۾ به منداڻتو پاڻي وهندو هجي، درياهه جي اهڙي حالت تي مان ٿڏو ساهه کڻان ٿو ۽ ذهن سوچن جي ور چڙهندو ٿو وڃي. درياءَ واهڙ بڌجي ۽ ۽ سنڌ سڪي نوڻ ٿي ويئي آ. ماڻهو جهنگ جي ڪتن، ٻلن ۽ سوئرن جو ليبل پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن. هڪ خبر موجب ته:

"ڪوهستان جي ڳوٺ حاجي ولو جاکرو ۾ مئل عورت کي وهنجارڻ جيترو به پاڻي نه هجڻ ڪري سندس لاش به ڏينهن پيل رهيو." ۽ عجب لڳندو ته "ڪنهن به پروجيڪٽ جي ڪئين رخن کان ڪارائتو هجڻ" بابت ٺهندڙ "Feasibility report" کان سواءِ ئي، "ملڪ جي اقتصادي ڪائونسل (ايڪنڪ)" ويهه ارب رپين جي خرچ سان ٺهندڙ گريٽر ٽل ڪئنال جي منظوري ڏيئي ڇڏي آ. ستن سالن جي مدي ۾ ٺهي راس ٽيندڙ هي ڪئنال پنجاب جي بکر، ليه، خوشاب ۽ جهنگ ضلعن جي پندرهن لک ٽيهه هزار ايڪڙ ٻني کي پاڻي ڏيندو. سنڌ هن منصوبي کي رد ڪيو. سرحد ۽ بلوچستان به اعتراض

واريو پر پنجاب پنهنجي هوڏ تي قائم اهي، ته ملڪي ترقي لاءِ اهو سڀ ضروري آ. جڏهن ته عام ماڻهو ان کي رڳو وڏي پاڻ کي راضي ڪرڻ واري ڪوشش ئي چون ٿا. پراڻي چوٽي آ ته، "چاهه ۾ هوندو، تڏهن ئي آهه ۾ پوندو" پر هتي ڪوهه ئي خالي آهن ته حوض ڪٽان پربا. گريٽر ٽل ڪئنال بابت سنڌ صوبي پاران اٽاريل اوٽويهن اعتراضن جي موٽ ۾ مرڪزي مالي وزير رڳو ائين چئي ڳالهه تاريخ ڇڏي ته "واپدا، سنڌ جون اهي مڙيئي غلط فهميون ختم ڪندو." پر ڪڏهن؟ .... ۽ ان ڪڏهن جو ڪوبه جواب ڪونهي، ڪئنال جي اڏاوت جو ڪم هلندڙ آ. ڪئين انجنيئر ،سرويئر، داروغا، مزدور، ڊوزر، ڪاٽي ڪٽڻ ۽ مٽي پرڻ جون مشينون ڪم تي لڳل آهن ۽ هي عجيب ڪئنال آ، جو "منڊ بجاءِ، پڇڙيءَ کان ناهڻ شروع ڪيو ويوآ."

وڏي ڊپ واري سرڪاري بنگلي جي پٽ جي ڇانوري ۾ ايين پيرين بيٺو هوندي مان سنڌ ۽ سنڌ واسين سان ٿيندڙ ويڌنائن بابت سوچيان ٿو ٻوءِ به "مڙيئي مونڊي، هوتن ڏي نه هڪڙي" واري ڪار آ. خيال ٿو اچيم ته اسان کي ائين چوڻ تي ڇو مجبور ڪيو ٿو وڃي ته سنڌ سان ظلم ٿي رهيو آهي.... ۽ اقتدار جي اعليٰ ترين ايوانن ۾ وينڊل ديوتا. اهڙين حرڪتن کي ٻنجو ڇو نه ٿا ڏين، جن جي ڪري اول ئي ملڪ ٽٽو، باقي بچيل حصي ۾ به ايتريون نفرتون پکڙيل آهن، جو واند ملي ته ڪير ڪنهن جو ماهه ڪائيندي به نه مڙي. تاريخ جا پنا اٽلائيندي مان هن ملڪ جي "به اڏ ٽيڻ" جو ڪارڻ ٻڌجندڙ انهن سببن بابت سوچيان ٿو، جي هاڻي ڪنهن کان به ڳجها ناهن.

ڏنو وڃي ته اوپر پاڪستان کي "بنگلاديش" ٻڌڻ تي مجبور ڪندڙ سببن جي تاريخ به پاڪستان ٺهڻ جيتري پراڻي آ. آزادي ملڻ کان رڳو ڪجهه ڏينهن پوءِ، پهرئين گورنر جنرل جي حيثيت ۾ قائداعظم، ڍاڪا يونيورسٽي ۾ تقرير ڪندي جڏهن اڙدو ٻولي کي "ملڪ جي واحد قومي ۽ سرڪاري ٻولي" چيو ته اتي وينڊل شاگرد ليڊر شيخ مجيب الرحمان امالڪ اتي موٽ ۾ وراٽيو هو:

"بنگلا ٻولي به هن ملڪ جي قومي ۽ سرڪاري ٻولي طور ليکي ويندي." پر اها ڳالهه ڪنهن به نه مڃي. بعد ۾ خواجا ناظم الدين جڏهن اپرندي حصي جو وڏو وزير ٿيو ته هن به گورنر جنرل وارو اعلان دهرائي، ڏهه لک پنجابين ۽ ٻهارين کي ست ڪروڙ بنگالين تي اهميت ڏني. نتيجي ۾ هتي ايترا ته فساد ٿيا جو ايوب خان جهڙي فوجي کي به بنگالين اڳيان آڻ مڃي سندن "بنگالي

بولي قومي بولي" وارو مطالبو مڃڻو پيو. تنهن هوندي به ان تي عملي طور ڪوبه ڪم نه ٿيو. ڇو ته رڳو ڪجهه مهينا پوءِ ايوب خان جو سڄو هٽ ليڪيو ويندڙ، اوپر پاڪستان جي حد کان وڌ حرفتي، چالاڪ ۽ ظالم گورنر عبدالمنعم خان، ڪلڪتي مان بنگالي ڪتاب گهرائڻ ۽ ڊاڪا ريڊيو تان "رابندر ناٿ ٽيگور" جا گيت نشر ڪرڻ تي پابندي وجهي ڇڏي. هن ڳالهه "باهه تي تيل" جو ڪم ڪيو هو.

ان کانسواءِ به ڏسجي ته بنگالين سان انتهائي هيٺين درجي جي انسانن وارو سلوڪ ڪيو ويو. الهندي حصي وارن پاران کاڌ خوراڪ جي حوالي سان ڪين اڪثر سمنڊ ۾ اڇلڻ جهڙو سامان ڏنو ويو ۽ ڪنهن ٽري جي ان ڳالهه جيان ... "ڪٽڪ ته ميوو آ.... پر اسان کي ان به نه ٿو ملي." سندن روزگار جي وسيلن تي پين جو قبضو هو. ڪين ڏهاڙي جون واهپي واريون شيون مهانگيون ملڻ لڳيون. ملڪي نوڪرين ۾ به بنگالين جو انگ رڳو آگرين تي ڳٽڻ جيترو هو. نئون ملڪ ٺهڻ کان ست سال پوءِ 1954 تائين صوبي جي مک عهدن تي رڳو هڪ سيڪڙو بنگالي هئا. ايتري قدر جو "سونار بنگلہ" ٺاهڻ واري هلچل جي پونين ڇهن سالن (1965 کان 1971) تائين جي مدي دوران به اوپر پاڪستان جي 70 اعليٰ عملدارن ۾ رڳو 3 بنگالي ۽ باقي پنڃاب، مهاجر ۽ پنجابي هئا. (ياد رهي ته انهن ستر آفيسرن ۾ رڳو هڪ سنڌي هو) ائين بري، بحري ۽ هوائي فوج ۾ بنگالي ترتيبوار 5، 10 ۽ 16 سيڪڙو هئا. جڏهن ته وڏيڪ آبادي وارو صوبي هوندي به هيٺين رينڪ جي فوج ۾ هنن جو انگ 20 کان 21 سيڪڙو رهيو. مطلب ته اهڙيون انيڪ نفرتون، ڏڪار، ويساهه گهاتيون ۽ ويڌنائون هيون، جن بنگالين جا احساس بدلايا. ائين ساريندي ڪندي اڄ مون کي پريل بت ۽ وڏي ڏاڙهي واري ان مهربان دوست جون ڳالهيون ياد اچن ٿيون جنهن سکيا سانگي سال 1970 جا ڪجهه مهينا ان وقت جي اوپر پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ گذاريا هئا. اڄ به سنڌ حڪومت جي ٻيلي ڪاتي ۾ آفيسر طور ڪم ڪندڙ، هالا جي "انصاري" خاندان جي انتهائي ڪَري ۽ ڪُهري ان دوست ٻڌايو هئو:

"ڪلاس ۾ هونئن ته ڪوڙ سنڌي هئا پر منهنجي .... سان گهرائپ رهي. اسان گڏ هلندا ۽ گهمندا هئاسين. ياد آ جڏهن هڪ شام جو چٽا گانگ جي هڪ هوٽل تي چانهن پيئندي اوچتو سانوري رنگ جي ڊگهي سمارٽ همراهه کي مٿان ٻيٺل ڏٺو سون."

"ايڪسڪيوز مي" هن پڇيو هو.... " آر يو اسپيڪنگ پشتو؟"

"نو سر ... وي آر اسپيڪنگ سنڌي."

"يو آر فرام سنڌ؟" ۽ اسان هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوٽيو ته سعيد احمد نالي ان شخص ڏانهون ڪولي، واري واري سان اسان کي ڏک ۾ ڪندي چيو هو.... "آءِ لو سنڌيز." ائين هو اسان واري ٽيبل تي وينو، هڪ پيرو ٻيهر چانهن جو آرڊر ڏنو ۽ چوڻ لڳو... ۽ وي آر فيڊ اپ ود پنجابيز .... يومي نالٽ اميجن اور اوڊيم اگينسٽ ديز ...." ڳالهه ڪندي هن جو امالڪ گار ڏينڙ پنهنجي حد کان وڌ نفرت ظاهر ڪرڻ هو. ائين هو خاشي دير تائين اتان جي معاشي بدحالي ۽ حڪومتي روين بابت سور سليندو رهيو..... ۽ ان وقت توڙي کٽي مون کي اهو سڀ سٺو نه لڳو هو پر بعد ۾ جاڻ وڌڻ ۽ هاٿي پاڻ سان ٽيندڙ ويساهه گهاتين بابت سوچيندي پانيان ٿو ته هن جون اهي رڙيون ڪنهن به طرح غلط نه هيون." انصاري صاحب چواٿي ته هن اتي اڪثر ماڻهن ۾ نفرت ڏٺي. سندن اکيون ٽاڏن وانگي ٻري رهيون هيون. پر هن باهه جو ڪوبه دونهون نه هو. ائين جيئن درد جو دونهون نه ٽيندو آ. باهران ايندڙن سان هتي جو پڙهيل طبقو انگريزي ڳالهائيندو هو، پر عام ماڻهن رڳو بنگالي ٻولي ۾ ورندي ڏني. ملڪ جي الهندي حصي وارن لاءِ پنهنجي ٻچان لڪائڻ بجاءِ هو جاڻي واڻي به ان جو اظهار ڪندا هنا، جيڪا شايد ته چوتائي صدي جي مدي وارين ويساهه گهاتين جو نتيجو هئي. هو ڪنهن به فرد نه پر ان سرشتي جي خلاف هنا، جو هڪ مخصوص طبقي پاران مٿن زوري مڙهيو ويو. اقتداري ديوتائن ڪائنئ انسان هجڻ جو حق ڪسي ورتو ۽ کين محسوس ڪرايو ويو ته هو آزاد ٿي به ڪنهن هندو، سک، عيسائي نه پر پاڻ جهڙن ساڳي مذهب وارن جا غلام هنا ۽ تڏهن ئي کين آزادي لاءِ ننڍين سر جاکوڙڻو پيو. ڳالهيون ڪندي صاحب چيو هئو:

"مون کي ڪوميلا جي اها شام ياد اچي ٿي جڏهن "بنگلا بندو" شيخ مجيب کي شهر جي هڪ وڏي ميدان تي تقرير ختم ڪري ويندي ڏٺو ته ڏوڙي وجي ساٿس مليا هئاسين.

"هائو آر يو؟"

"وي آر فائين سر." مون ۽ منهنجي دوست ساٿس هٿ ملائيندي کيس ٻڌايو ته الهندي حصي مان آيا آهيون.

"آءِ نو" هن اسان جي ڳالهه پوري ٿيڻ نه ڏني. "هائو ڊڊ يو فائينڈ ماءِ ڪنٽري؟" شيخ مجيب جاڻي واڻي به صوبي جو لفظ ڪتب نه آندو هو.

"اٽ از ويري بيوٽيفل."

"هيو اي لڪ آف اٽ .... يو وونٽ فائينڊ چانس اگين ....." ۽ .... انصاري صاحب جي ڳالهين پويان اڄ ڪئين سال گذري وڃڻ تي مان هڪ پيرو ٻيهر قاهره مان نڪرندڙ هفتيوار سالي "الفتح" جي 12 کان 19 اپريل 1973 واري پرچي ۾ مصري صحافي "حسنين هيڪل" جي، شيخ مجيب کان ورتل انٽرويو جي اها پيراگراف ياد ڪيان ٿو، جنهن ۾ هن چيو هو:

"هنن (پنجابين) اسان کي رڳو پنهنجي فيڪٽرين لاءِ خام مال جي فراهمي جو ذريعو ۽ مصنوعات جي منڊي سمجهيو. تڏهن ئي اهڙيون نعمتون هٿان وڃڻ جي پڪ ٿيندي، 25 مارچ 1971 کان پوءِ اسان سان اهڙي ويڌن ڪئي جو ڪو ياد ڪري ته جيڪر سالن تائين رت جا ڳوڙها ڳاڙيندو رهي." نتيجي طور هن نماڻي ديس جا ماڻهو ارڏا ٻڌجي اڳيان آيا. هٿيارن ۽ تربيت بنا به هنن آمرن جو اڳ جهليو ۽ پوءِ رت جا واهه وهيا ته ڪئين لک ماڻهن جي مرڻ ۽ هزارين ڪنوارين نياڻين جي لڄالٽ عيوض 12 ڊسمبر 1971ع تي پاڪستان ٽٽو ۽ "سونار بنگلہ" نهيو. بنگالين اها آزادي ڪيئن ورتي، سو ته رڳو سي ئي ڄاڻيندا هوندا، جن سڪرات جون اهي گهڙيون گذاريون. هو دوزخ جي در تي وڻيل رهيا يا پلطراط اکريا پر اڄ هو ڪنهن جا به غلام ناهن. ائين اڄ مان سوچيان ٿو ته هن وقت ڇا اهي ساڳيون حالتون سنڌين سان به ناهن. انيڪ ويڌنائون، ويساهه گهاتيون.... هتان جا مالي وسيلا ڏارين جي هٿ ۾ آهن. اينري قدر جو اهم عهدن تي به ٻاهريان عملدار "امپورٽ" تي اڇن ٿا ۽ اهي رڳو ڏارين کي ئي ورسائڻ جو ڪم ڪري رهيا آهن. يادن جي اولڻ ۾ اڪيون انڪائيندي مان تاريخي ڪتابن ۾ آيل، ڪئين صديون اڳ جي اها حقيقت ساريان ٿو جڏهن ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي ڪوٽ تي سنڌ تي ڪاهي اچي مدد خان پٺاڻ قرلٽ ڪئي ۽ ماڻهو ماريا ته پورو ڏيهه برندو ڏسي هندستان جي عبدالمالڪ نالي هڪ وزير چيو هو:

"ابول! سنڌ ڪربلا ٻڌجي ويئي." ڏٺو وجي ته مدد خان پٺاڻ جي، "گهوڙا ڏي گهوڙا" جهڙيون دانهون ڪرائيندڙ اها ڪاهه ڏيهه واسين سان آخري ڏاڍائي نه هئي. ان ڪانپوءِ به هن ڌرتي تي ڪئين ڪيس ٿيا. پرتگالين ۽ ارغونن جو اڇڻ، مخدوم بلاول جو گهاٽي ۾ پيڙجڻ، شاهه عنايت جي شهادت، ميائي جو رت رئڻ، سورهيه بادشاهه وارو واقعو، گورن جي ٽر تي هلان ۽ نالي ماتر آزادي ڪانپوءِ ويجهي ماضي ۾ ون يونٽ وارو دور، جنرل ضياءَ جي مارشلا، ايمرجنسي جي هلچل دوران ٽيل قتلام، نوڙي ڦاٽڪ وارو ناحق، ڏارين جون لوڏون،

ڏاڙيل راڄ ۾ هاڻي ناڻي ۾ پاڻي جي غلط ورهاست سميت ٻيون اڻ ڳڻيون ويڌنائون. اهڙا هاڃا آهن جن سنڌ واسين لاءِ جيئڻ جا سڀ دڳ سوڙها ڪري ڇڏيا آهن. پاڻي نه هجڻ ڪري وڻ، پکي، مال ۽ ماڻهو مري رهيا آهن. پر وڏو پاڻ پنهنجي هيڇ نه ٿو ڇڏي. سهپ کان ڪم ونئي "گهٽي مان گهٽو ۽ ٿوري مان ٿورو" واري ترڪيب تي هلڻ تہ رڳو ٻين لاءِ آ. نتيجي طور گذريل سال پنجاب جي ڪارخانن ايترو تہ گهٽو ڪمند پيڙيو جو اتي ناهيل ڪنڊ جيتري اپت ملڪ جي باقي ٽن صوبن مان بہ نہ ملي. پاڻي جي ڪوٽ هوندي بہ گذريل ٻٽن سالن ۾ پنجاب پنهنجي ڪئين لک ايڪڙ وڏيڪ ٻني فصلن هيٺ آندي آ ۽ مون کي پنهنجي محترم دوست نصير مرزا جي اها راءِ ياد اچي ٿي تہ:

"سنڌ ۽ پنجاب ۾ ٻن نفرت ڪندڙ دلين جيترو ويڇو آ." ائين مان انهن سياستدانن ۽ وس وارن بابت سوچيان ٿو، جن رڳو نفرتون پاليون ۽ اقتدار کي ڊيگهه ڏيڻ لاءِ "ويڑهايو ۽ راڄ ڪيو" جي پاليسي ڪتب آندي. مون کان پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جو اهو بيان بہ نہ وسريو آ تہ:

"پنجاب هونئن ئي وڏو آ.... ۽ اسان کي ننڍن صوبن جي ضرورت ڪانهي." پر سوچيان ٿو..... اهڙي ڳالهہ ڪندي ڪير اهو ڇو ٿو وساري تہ " سنڌ پاڪستان جي ڪل سالياني پيداوار جو ستهٺ سيڪڙو حصو ڏئي ٿو پر موٽ ۾ ان کي ڏنل حصي جو ٽيون حصو بہ نہ ٿو ملي" تہ سنڌ ڪيستائين Parasites پاليندي رهندي.

مون کي محمد خان جوٽيجي جي حڪومت جا ڏينهن بہ ياد آهن، جڏهن سنڌ جو آبپاشي ڪاتو سنڀالينڊڙ "ڪنڊار مڙس" طور ڄاتو ويندڙ هڪ وزير صاحب کي، پاڻي جي ڪوٽ کي منهن ڏيڻ واري ڪنهن مرڪزي اجلاس ۾، پنجاب جي ڪن چگن مڙسن پاران چمائون هٽي مات ڪرائڻ وارو اسڪينڈل هليو هو. هي اهي ڏينهن هئا، جڏهن پير سائين پاڳاري پاران نواز شريف کان پنجاب جي وڏ وزارت کسي چوڌري پرويز الاهي کي ڏيڻ واري ڳالهہ مشهور ٿي. مون کي اهو بہ ياد آ تہ تن ڏينهين ملڪ ۾ پاڻي جي ڪوٽ ڏسي، آمريڪي حڪومت جي ساٿ سان هلندڙ "Water Resource Management project" جي چيف عملدار "Russ Backus" چيو هو:

"پنجاب جو Sub soil water آبپاشي لاءِ ڪارائتو آ. هتي مينهن بہ جام پون ٿا. تنهن هوندي بہ هيٺين جو پاڻي روڪي ملڪ جي ڪنهن پاڳي کي معاشي طور ڪنگال ڪرڻ، ملڪي نظام کي ڄاڻي واڻي ڊانواڊول ڪرڻ آهي" ۽ مان سنڌ جي ان ستر سيڪڙو آبادي بابت سوچيان ٿو، جيڪي هارپي جي

حصي طور ملندڙ ان جي ٻڌن پورن ۾ در تي ڏاريل ڳئون ٻڪري جي ڪير مان ٻچا پالي مند گذاري وڃن ٿا. پر پاڻي نہ هجڻ ڪري جڏهن زراعت ختم ٿي ۽ ان ڪٽا نہ ملیا تہ ٻچن جي بک پڪ سان ڏاڙيل ئي پيدا ڪندي. تڏهن ئي مان وينتي ٿو ڪيان تہ:

"خدارا ! سنڌين جي پيٽ تي لت نہ ڏيو. هن نماڻي ڏرتي جي اردڳن ماڻهن کي باغي ٻڌجڻ تي مجبور نہ ڪيو. "

●●●

عجب لڳم جڏهن....

عجب لڳم جڏهن حج واري عيد کان پوءِ، آفيسون کلڻ واري پهرئين ڏينهن، نوڪري تان لٽل هوندي به پنهنجي هڪ مٽئين عملدار سان عيد ملڻ ويس تہ سادا ٽي ڪلاڪ ٻاهر ويهي انتظار ڪرڻ کان پوءِ به منهنجو وارو نہ آيو. اها حيراني اڃان به تڏهن اُڏي جڏهن مون کان ڪافي دير پوءِ آيل عملدار ۽ ڪٽين ٻيا ماڻهو صاحب سان ملي هليا ويا. ياد اٿم جڏهن وڏي صاحب جي "مُک نائڪ" واري واري سان ڪنهن وقت مون سان گڏ ڪم ڪندڙ منهنجي ٽن جونيئر آفيسرن مان هر هڪ کي اهو چئي اندر وڃڻ جو اشارو ڪيو:

"لڳي ٿو تہ اوهان ويڇهر ۾ ڪا وڏي قرباني ڪئي آ." ۽ پوءِ هن مون ڏي ڏٺو هئو... "توهان شايد تہ ناراض آهيو جو صحيح نموني عيد به نہ ٿا ملو."

"مان هتان جي هڪ هڪ ماڻهو سان پاڪر پائي مليو هان... خبر ناهي تہ پوٽن ٻن سالن کان نوڪري تان لٽل ماڻهو کان توهان الائي ڪهڙي نموني جي عيد ملڻ جي اميد رکو ٿا." مون وراٽيو تہ هو منهن ڦٽائي اندر هليو ويو... ۽ مون کي پاڻ جهڙي هڪ دوست (جو پڻ ڪجهہ سئو روپين جي تهمت ۾ ٻن سالن کان نوڪري تان لٽل هئو) جي اها ڳالهہ ياد آئي. هن چيو هئو:

"مينهن جڏهن ڪير ڏيڻ بند ڪندي آ تہ ان کي وٺاڻ جي ڏورانهين ڪنڊ تي ٻڏو ويندو آ جيئن سُوا مينهن جو گاهہ نہ ڪائي."

•••

عجب لڳم جڏهن ڇوڏهن هزار روپيہ هڙپ ڪرڻ واري تهمت هيٺ آيل اڇي ڏاڙهي واري هيڊ ڪلارڪ چيو:

"هنن مون کي جيل ۾ وجهرائڻ جي به ڪئي آ پر ساڳي ڪاتي جي هڪ ڪاموري جو چاليهہ لک روپيہ ڦٻائڻ وارو ڪيس ڪنهن کي به نظر نہ ٿو اچي."

"ڇو تہ سندس سفارش وڏي آ." ڪنهن وراٽيو هوس... "هو سنڌ جي اڳوٽي ڪور ڪمانڊر جو ڪمدار ٻڌجي ڪم ڪري رهيو آ".

"پوءِ بهتر آ تہ مان به ڪنهن ڪرنل جا ڪتا ۽ ٻليون ڪٽي گهمايان."

•••

عجب لڳم جڏهن سنڌ جي هڪ قومپرست ليڊر حيدرآباد ۾ ڪم ڪندڙ آبپاشي انجنيئر کي ڪو غلط ڪم ڪرڻ لاءِ فون ڪيو. پر رڳو ڪجهہ مهينا پوءِ رٽائر ٿيندڙ اڇي ڏاڙهي وارو انجنيئر پنهنجي عاقبت موچاري ڪرڻ جو سوچي لنوائيندو رهيو تہ سڄي سنڌ ۾ خاص طور جاتو ويندڙ ليڊر امالڪ گاڏي ڪٽي

سندس آفيس ۾ اچي پهتو. هن "ايگزيڪيوٽو انجنيئر" کي ٻاهر گهرايو ۽ آگر جي اشاري سان ويجهو اچڻ جو چوندي ٻاهوکي ڏب ڪڍي هئي:

"گذريل ٻن ڏينهن کان توکي ڪيل منهنجي فونن (حالانڪ اهي ٻه يا ٽي لوڪل ڪالون هيون) جو بل پنجاهه هزار روپيا ٿي ويو آ. جيڪڏهن سياٽي شام تائين منهنجي چيل ڪم واري آردر سان گڏ تو اهي پنجاهه هزار روپيا مون کي نه پهچايا ته پرينهن کان پوءِ ٽيئ واري هر حادثي جو تون پاڻ ذميوار هوندين."

۽... ٻئي ڏينهن ماڻهن ان انجنيئر کي پنهنجا "سيونگ سرٽيفڪيٽ" ڪپائيندي ڏٺو. هن ۾ قومپرست ليدر جي سامهون ٽيڻ جي سگهه نه هئي.

•••

عجب لڳم جڏهن سنڌ جي هڪ سياسي رهنما بيان ڏنو:

"سنڌ جو وزيراعظم مقرر ڪرڻ سان هن ملڪ جون حالتون ٽوريون ٻه نه بدلبيون." ۽ جڏهن سندس ئي ڪنهن ساٿي کانئس اهڙي بيان جي بنياد بابت پُڇيو ته هن ڪلي ڏنو:

"مون ته ائين ئي چيو هئو... هونئن ٻه مان ڪهڙو وزيراعظم بڻبس.

•••

عجب لڳم جڏهن 21 فيبروري 2002 تي شام جو پنجين وڳي ڏاري هڪ دوست وٽ ويس ته هن ٻانهن کان ونڊي چڪي پاسي ۾ ويهاريو هئو:

"تي وي تي ڊائريڪٽ حج پيا ڏيکارين. هاڻي حاجي، 'عرفات جي ميدان' واري 'مسجد نمرئ' ۾ ٻيڇهري ۽ ٽيڇهري جي نماز گڏ پڙهي 'مزدلفه' ڏي موٽيا آهن." هن چيو ته مون کي نيٽ نهار تائين ڏسجندڙ ماڻهن جي سمنڊ ۾ هڪ جهنڊو نظر آيو هئو. ڪئين حاجين جي هٿن ۾ جهليل چٽين کان مٿي، وڏي لڪڙي ۾ ڳاڙهي ڪپڙي تي ڪاري ڪهاڙي جو نشان چٽو ڏسجي رهيو هئو. اکيون اڻ ويساهيل انداز ۾ ڪلي ويون. پڪ ڪرڻ لاءِ مون ا وقت تائين ٽي وي اسڪرين تان نظرون نه هٽايون، جيسين سنڌ جي قومپرست تنظيم "جيئي سنڌ" جو اهو جهنڊو وري وري نه ڏٺم..... ٻر مان اڄ ٻه اها ڳالهه سوچي رهيو هان ته:

"ماڻهن جي چولين هٽندڙ سمنڊ ۾ جيئي سنڌ جو جهنڊو اُيو رکندڙ انتهاپسند ديشي کي ڇا اڃان ٻه ڪنهن حج جي ضرورت هئي."

•••

... ۽ تابوت اڏامي ويو

رودِ جي خاشي حصي تي رت پکڙيل هئو. بنا ذات، مذهب ۽ نسل وارو ڳاڙهو ڳاڙهو رت. دُبا، لينگها، ليڪون ۽ ائين پئي لڳو جڻ ڪنهن ڊور ڪُهي، ان کي کافي پنڌ تائين گهليو هجي. پر پوليس کارروائي کانپوءِ لاش کڄندي ئي گاڏيون هلڻ ڪري جڏهن تيز ڦرندڙ ڦيٽا اهو رت چٽڻ لڳندا ته اتي رڳو ڪجهه نشان ئي بچندا. رودِ تي رت جي پوسل ڪري، ٽائرن جي چنبڙي ويل مٽي جا کارسُرا نشان ۽ شام تائين چوڪ جي اڪثر دوکاندارن کان اها ڳالهه ٻه وسري ويندي ته سندن سامهون ڪيئن هڪ معصوم نينگري بي خوندي ٿي مئي. ڪنهن انسان جي ارڏائي جي وَر چڙهي ويل سونهن يا ماٺهو جو روپ ورتل ملڪ الموت هٽان ناحق مئل کارن وارن واري کير جهڙي اڇي چوڪري. جنهن جي قبر ڪنهن ٻه چوراهي تي نه پر برف، گلن، ساوڪ ۽ سرهاڻ سان پريل "وادي - سوات" جي ڪنهن مقام ۾ ٻٽبي. پشم جهڙي نرم پشمينه سالن کان بڏجندڙ اها جَوڻي بدلائي چڏيندي ته:

"چوسولن تي موجود اڪثر قبرن ۾ مسافر پوريل هوندا آهن." هوءَ مري ويئي. گهوٽ ٻڌجي گهوڙي چڙهي آيل موت کيس لائون لهڻ بنا وني ويو. جيئڻ جي ٿوري ٻه مهلت نه ڏني عزرائيل کيس مٽي سان پرٽائي چڏيو ۽ صدين کان، انسان کي پنهنجي ڪُک ۾ سموهڻ لاءِ آتي زمين، کيس پنهنجي هنج ۾ ڪري مقام ۾ پوريل عورتن جو رنگ وڏائي چڏيندي. رڳو پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ڪندڙ پشمينه، جا "وادي - سوات" جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ جائي ۽ پهاڙين ۾ پلجي وڏي ٿي. "اوپر جو سوئٽزرلينڊ" ليڪيو ويندڙ سوات، جنهن کي "غزنوي" دور جي فلسفي شاعر "شاهه پسند خان"، "شراب سان پريل پيالو" ڪوٺيو ۽ ٻڌمت جي پوئلڳ جپانين موجب ته سندن اڳوٽو بادشاهه ۽ مرهيات مذهبي رهنما "امي تابا" ايندڙ وقت جي "چوڏهين ٻڌ" جو روپ وٺي، "امن جو شهزادو" ٻڌجي هتي جمندو. ان ئي وادي جي جابلو ندين ۽ نالن جي ڪپ سان هلي ننڍي مان وڏي ٿيندڙ، 23 سالن جي هيءَ ملوڪ نينگري، جنهن جي من ۾

ڪنهن شهزادي جي آس هئي يا نه پر ساٿس گڏ پڙهندڙ سندس هڪ ساهيڙي چواڻي ته هن پنهنجي علائقي جي هڪ سردار جي سهڻي پٽ "داد ولي" سان عشق ڪيو هئو. هوءَ پنهنجي تر جي هڪ غريب ماڻهو جي ڌيءَ هئي. اهڙو ماڻهو جنهن چوٽائي صدي اڳ، ٻيلي ڪاتي ۾ پٽيوالي جي نوڪري هٿ ڪري، پنهنجي گهر جي مڙني ماڻهن جي "دال ماني" جو بلو ڪيو. ائين ڏهه سال پوءِ هو جمعدار ٿيو ۽ نوڪري جي پونين ڪجهه سالن ۾ رينجر... پر اڏوراڻي "فور ويل" جيپ تي چڙهي ماڻهن تي روب رکي هلندي به هو پنهنجي هڪ آفيسر جون پندرهن سال اڳ ڏنل گاريون وساري نه سگهيو هئو، جنهن غلط جاڻ ملڻ تي سندس اڇي ڏاڙهي جو خيال نه ڪندي به ڪيس گهٽ وڌ ڳالهايو.

پشمينه اهڙي علائقي جي چوڪري هئي، جتي جون زائفون پرپاسي جي گهرن ۾ ويندي به گهٽو ڪري ته "شٽل ڪاڪ" برقعا مٿي ۾ وجهندیون آهن. هن جي ماءُ، ڏاڏي، نانيءَ... يا عمر ۾ انهن کان به جهور پوڙهيون عورتون، جن ڏي ڪو شايد ئي ڪنڌ ڦيري ڏسي پر هو رسمن جي پاسداري ضرور ڪندیون آهن. عجب ٿڳندو هئو ته اهڙي ماحول ۾ پليل پشمينه، ڪيئن منهن اگهاڙي اسڪول وڃڻ لڳي. خبر ناهي ته سندس پيءُ جي من ۾ اهڙي سهپ ڪٿان آئي جنهن ڪيس يونيورسٽي جي سطح تائين پڙهڻ لاءِ چڏيو. اهو سندس پيار هئو... زماني جي گهرجن کي سمجهڻ واري ڳالهه يا بڪون ڪاتي، جگ ڪان بدلو وٺڻ واري بغاوت، جو پٽ جو اولاد نه هجڻ تي هن ڏيءُ کي به تعليم ڏياري. پشمينه جي پيءُ جو مٽس ويساه هئو ۽ تڏهن ئي هن ڪائنس ڪاٻه ڳالهه نه لڪائي. ان حد تائين جو هن ڪيس پنهنجي پيار بابت به ٻڌائي چڏيو.

"هو توسان ضرور پرٽبو"

"سندس پيءُ هن علائقي جو خان آ."

"هنن جي خاندان ۾ ڪابه چوڪري پڙهيل ناهي."

"هو زائفن جي پڙهڻ کي عيب سمجهن ٿا."

"اڳتي هلي ائين نه ٿيندو." پشمينه جي پيءُ کيس ڏڍ ڏنو يا حقيقت ٻڌاڻي پر الائي ڇو سندس ويساهه پکو ٿي ويو ته هوءَ پنهنجي سوچن جي شهزادي جي ڪنوار ٻڌي. هن جو محبوب، پشاور يونيورسٽي ۾ پڙهي رهيو هئو ۽ هوءَ "فاريسٽ انسٽيٽيوٽ" ۾ ٻيلي ڪاتي جي اعليٰ ڊگري وٺڻ لاءِ جاکوڙيندي ۽ پيار، محبت ۽ وفا جو خواب سانڍيندي رهي. هوءَ پنهنجي ننڍڙي گهر بابت سوچيندي هئي. جتي هوءَ هوندي... هن جو محبوب... سندن پيار جو ڦل، پيارا ٻار هوندا... پٽ... ڌي... ۽... ۽....

"هو ڪيئن هوندا؟" . پنهنجي ٻارن جي سونهن ۽ سياڻپ بابت اڻ ڳڻيا سوال ڪيس منجهائي وڃندا هئا پر هن خواب ڏسڻ نہ ڇڏيا. شايد ان لاءِ تہ جيون گذارڻ جو اهو بہ هڪ سنو وسيلو آ. فاريسٽ ڪاليج مان موڪل ملندي. پشمينہ جڏهن بہ ڳوٺ آئي تہ اڪثر پنهنجي ساهيڙين سان گڏ گهر جي پاسي واري ننڍين ننڍين ٽڪرين تي چڙهي، سهڻن رنگن وارا پوپٽ پڪڙي ۽ اُڏائي ڪين چوندي هئي:

"مان تہ توهان جي مهمان هان... ائين جيئن هي پوپٽ هٿن مان هليو ويو، مان بہ هلي ويندس... پري پري... منهنجو شهزادو مون کي ائين ڪٽي ويندو جو توهان ويندڙ رُٽ جي ڏوڙ بہ نہ ڏسي سگهندين." تہ سندس ان چرچي تي هو سڀ ڪيس چنبڙي پوندين هيون. ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي تہ پشمينہ جي انهن لفظن ۾ قدرت جو ڪهڙو راز رکيل هئو، پر هن جي ماءُ اهي ڳالهون ٻڌي وياڪل، اُداس ۽ ويڳاٽي ٿي ويندي هئي. هن جاتو پئي تہ بادشاهہ بہ پنهنجي گهر ۾ ڏيءُ جي مانيء نہ لڏي آ ۽ نيائيون تہ رڳو ڪجهہ ڏينهن جون مهمان هوندين آهن. تڏهن ئي هوءَ، پشمينہ جي گهر اچڻ تي دل کولي سندس چاکري ڪندي ۽ هن جو پيءُ سارو وقت ڪائنس ڪاليج ۾ هلندڙ تربيت بابت پڇندو رهندو هئو. هو خوش هئو تہ سندس ڏي رڳو سال ڪن ۾ ئي آفيسر بڻجي موٽندي. هن وڏي دل وارو ڪم ڪيو هئو. سهپ ۽ سمجهہ وارو ڪم... هن جي ڪئين مائٽن مٽس ٽوڪون ۽ عمر ۾ وڏن ٽڪ بجو ۽ گلا بہ ڪئي پر هن ڏيءُ کي پڙهائڻ وارو پنهنجو خيال نہ مٽايو هئو.

"خان جو پٽ تنهنجو گهوٽ بڻجي يا نہ پر تون پڪ سان ڪنهن شهزادي جي ڪنوار بڻبين." ڳالهہ ڪندي هن جي پيءُ جڏهن بہ سندس نرڙ تي چمي ڏني تہ پشمينہ جي دل وسامي ويندي هئي. پنهنجي شهزادي کي من مان ڪيڏ لاءِ هن ڪڏهن بہ نہ سوچيو هئو. تنهن هوندي بہ ڪيس ايندڙ وقت جو انتظار هئو. جڏهن ۾ ڊگري وٺي هوءَ پنهنجي ڳوٺ ويندي پر هوءَ قدرت جي "ڪک هيٺان لک لکل هجڻ" واري اونهي اسرار کان اڻ واقف هئي.

اهو اسرار جنهن ۾ هن جا ڏينهن ڳٽجي چڪا هئا. چو تہ پشمينہ جي پڙهائي پوري ٽيهن کي جڏهن رڳو منو سال اڃي بچيو تہ ڪاليج پاران هن ڪلاس کي سنڌ جا ساموندي ٻيلا ڏيکارڻ جو پروگرام ناهيو ويو. جيڪا ڳالهہ ٻڌي، جبلن ۾ رهندڙ پاڻ جهڙين ٻين چوڪرين وانگي هوءَ بہ ڏاڍي خوش ٿي. هنن پنهنجي ڳوٺن جي چوڌاري برفاني پوش پائي يا سائو ويس ڍڪي ٻيئل جبل ڏنا

هنا. هر هنڌ وڃايل سائي چادر... ڏڳها ڏڳها وڻ، ميون جا باغ، برف جو پاڻي ڪٽي ڏوڙندڙ، واهڙ، ناليون، نديون ۽ انهن جي ڪپرن تي چرندڙ مال جا وڳ... پر هنن سمنڊ نہ ڏٺو هئو. پشمينہ جو چاچو، ڪراچي جي ڪنهن اداري ۾ آفيسر هئو. هن جي چاچي ۽ سوٽيون اتي رهنديون هيون پر هن ڪڏهن بہ ڪراچي نہ ڏٺي هئي. هوءَ خوش هئي تہ ڪراچي وڃي هوءَ پنهنجي سوٽين سان ملندي ۽ سمنڊ ڏسندي. ائين فاريسٽ ڪاليج جي سرڪاري گاڏين ۾ هي قافلو ديرا اسماعيل خان، زيارت ۽ ڪوئٽہ کان ٿي ڪراچي پهتو. جتي ٻي ڏينهن رهي ڪين حيدرآباد لاءِ نڪرڻو هو. ڪراچي جي صدر واري علائقي ۾ موجود، ڪنهن ڪشميري جي "المشرق هوٽل" ۾ هن ڪلاس جي مڙني شاگردن جي رهڻ جو بلو ڪيو ويو پر اتي پهچندي ئي پشمينہ پنهنجي استادن کان موڪل ورتي ۽ چاچي کي فون ڪري گهرائي گهر هلي ويئي. جيئن هوءَ پنهنجي مائٽن سان ملي، سمنڊ ڏسي ۽ ڪراچي گهمي سگهي. ائين صبح جو هوءَ "فيلڊ وزٽ" بہ اٽينڊ ڪندي هئي پر پوءِ وارو سارو وقت پنهنجن سان گڏ گذاريو، حال احوال ڪيا ۽ پيار وندياو. پنهنجي چاچي سان ڪچهري ڪندي هن ڪين حيدرآباد وڃڻ ۽ اتان شيشي جون چوڙيون وڻڻ جو بہ ٻڌايو. حيدرآباد ۾ ٺهندڙ "مينا ڪاري" واريون رنگبرنگي، سايون ڳاڙهيون سونهري چوڙيون، جن ڏور ڏيهہ ۾ بہ هن شهر کي مشهور ڪيو. اهڙيون ئي چوڙيون هن پنهنجي ماءُ، پيٽ ۽ ڳوٺ ۾ رهندڙ ڪجهہ پيارين ساهيڙين لاءِ بہ وڻڻ جو سوچيو. پشمينہ خوش هئي تہ ڳوٺ وڃي هوءَ پنهنجي سنگتياڻين کي ڪراچي جا سربستا احوال ٻڌائيندي. ڪين سمنڊ جي ڪپ تان ورتل سپين ۽ ڪوڏين جا ٺهيل هار ڏيندي. ائين پنهنجي محبوب لاءِ هن سنگ مرمر جو تاج محل ورتو. هوبهو ان تاج محل جهڙو... جو صدين کان پوءِ بہ دنيا وارن کي ڪنهن جي پيار جي ياد ڏياري ٿو. سنگ مرمر جو اهو تاج محل هن خاص طور بند ڪرائي ڪپڙن ۾ ويڙهي سامان واري وڏي پيٽي "يخدان" ۾ رکيو. تہ متان بہ ڪنهن شئي جي زور اچڻ تي ٽٽي پوي.... پر ڏک جي ڳالهہ تہ پيار جي ياد طور ڪنهن محبوب ڏي موڪليو ويندڙ تاج محل نہ ٽٽي بہ ڇڻ ٽٽي پيو. پشمينہ ڪنهن بہ جاءِ تي پنهنجا سنيها موڪلي نہ سگهي. هوءَ حيدرآباد اچي چوڙيون وڻي نہ سگهي. سندس ٻانهون ٻسيون ئي رهيون. ڪراچي مان حيدرآباد لاءِ نڪرڻ واري صبح تي پشمينہ پنهنجي چاچي سان گڏ گهر کان هوٽل ڏي ايندي، تيز ڏوڙي هڪ ٻئي کان گوءِ ڪتيندڙ ٻن ڪوسٽرن جي هيڻان اچي ويئي. هڪ ڪوسٽر جي ٽڪر لڳڻ تي، چ چي سوڏي، اسڪوٽر تان

ڪري، هوءَ ٻي گاڏي هيٺان اچي پوري طرح چيپاٽجي ويئي. موت ڪيس نہ تہ هوٽل جي ڪمرن ۾ انتظار ڪندڙ سندس ساهيڙين تائين پهچڻ ۾ نہ وري ڪنهن کان موڪلائڻ يا ڪنهن ڏي نياپو اماڻڻ جيتري مهلت ڏني. موت، جيڪو ڪڏهن بہ دير نہ ڪندو آ، ڪيس پاڪر ۾ پري ساڻ ونيو ويو.

ڪراچي ايئرپورٽ تي مان ڪاڻ جي بند پيتي ۾ پيل هن مسافر نينگري جو، سندس مائٽن کي موڪليو ويندڙ مڙهه ڏسي رهيو هان، جنهن تي ڪير بہ روئڻ وارو ڪونهي. هن جا ساٿي ڪيس چڏي، پنهنجي سفر تي حيدرآباد هليا ويا آهن. هن جون سنگتياٽيون اتان جي ريشم گلي مان شيشي جون چوڙيون ونڻ بہ يا نہ پر پشمينہ ساٽن گڏ نہ هوندي. سونهن، سڪ ۽ پريت جي مالڪ چوڪري، جنهن ساٽن سوا سال گڏ گذاريو، کين ضرور ياد ايندي. ڪئين دليون ڪيس ساريندين ۽ شايد ائين بہ چوي تہ "اي موت! توکي شل موت اچي" يا.... "اي ڊرائيور! شال توکي انهن مائٽن جي آهہ لڳي، جن کان تو سندن پيار چنو."

●●●

مٹيءَ جي ماڻهوءَ جي ڳالهه

گهٽا سال اڳ منهنجو پهريون ڪهاڻي ڪتاب"سنگسار" ڇپيو ته پنهنجي لکڻين بابت تاثر ۽ ادبي راءِ جائڻ لاءِ سنڌ جي ڪنهن نالي چڙهيل ليکڪ ۽ پبلشرن کي ان جون "اعزازي" ڪاپيون موڪليم پر به ٽي مهينا گذرڻ کانپوءِ به رڳو هڪ ليکڪ ۽ هڪ پبلشر جا ٽن چئن سٽن تي لکيل جواب مليا. مشهور شاعر ۽ نثر نويس ڊاڪٽر تنوير عباسي "سنگسار" کي "سٹي ڪوشش" ڪوٹيو ۽ نيو فيلڊس پبليڪيشن جي مهربان "فيروز ميمڻ" ڪتاب جي "ارپنا" کي ساراهيو. خبر نه پيم ته سنڌ جي ٻين ليکڪن سان ڪهڙيون مجبوريون هيون پر مون ان کي پنهنجي لکڻين جو "معياري نه هجڻ" ئي ڄانيو، جنهن تي شايد تڏهن ئي ڪنهن به وڏي ليکڪ پنهنجي راءِ ڏيڻ مناسب نه سمجهي هئي.

آڪٽوبر 2000ع جي آخري هفتي ۾ ڀاءُ "ظفر" جي ڪهاڻي ڪتاب"پونءَ مان نڪتل ماڻهو" جي اعزازي ڪاپي ملي ته پهرين ڏينهن مٿاڇري نظر ڪان پوءِ اها ڪئين ٻين ڪتابن جي ڍير ۾ گم ٿي ويئي. منهنجي تمام ٿورن اديب دوستن کي اها خبر آ ته ايڪويهين صدي جي پهرين هفتي ۾ پنهنجي آفيس جي اڪائونٽنٽ کي سرڪاري ٽائيم ۽ جاءِ تي شراب پيئڻ ڪان جهلڻ جي ڏوهه ۾ 17- جنوري تي "ضلعي (آرمي) مانيٽرنگ ٽيم" وارن آفيس تي ڇاپو هٿي پوري عملي کي به ڏينهن ۽ به راتيون بند ڪري هروپرو جي "اڇيومينٽ" ڏيکارڻ چاهي ته "پنجن دريائن جو پاڻي پي پلجي وڏو ٽيل ۽ دوستيون نيائڻ جي حوالي سان مشهور هڪ ڪرنل جو ضد" مون لاءِ "دوزخ جي دري" بڻجي ويو، جيڪا به ـ ٽي سال هٿ پير هٽندي به آئون اجا تائين بند ڪري نه سگهيو آهيان.

اها حقيقت آهي ته بعد ۾ "ظفر" پاران چئي لکي ياد ڏيارڻ بنا مان شايد ته سندس ڪهاڻي ڪتاب في الحال پڙهي نه سگهان ها چو ته ٿوهر جي رس جهڙيون گهڙيون گهاريندي ماڻهو جي جيئڻ جو رخ به بدلجي ويندو آ. بهرحال مون "پونءِ مان نڪتل ماڻهو" پنو پنو ڪري پڙهيو ۽ پنهنجي ڪئين سال

اڳ واري ان راءِ جي حق ۾ هڪ ٻيو هٿ به ايو ٿيل ڏنم ته "ڪالهه ڪان اڄ تائين جي سفر ۾ دنيا جي ڪهاڻي سان ڪلهو ملائي بينل سنڌي ڪهاڻي، سياڻي پڪ ته ان کان به اڳ ڪيي ويندي".

گانڌي، گوتم ۽ عيسيٰ جي صفتن جهڙي پنهنجي پيءُ "منظور حسين لغاري" کي ارپيل، "ظفر" جي 112 صفحن واري هن ڪتاب ۾ مختلف موضوعن تي لکيل ٽن کان ڏهن صفحن جون ڪل اٺويهه ڪهاڻيون آهن، جن ۾ اندر جي ڳالهه ڪندي ڪردار اهڙيون حقيقتون بيان ڪن ٿا، جيڪي ڪڏهن به وڏي وات چئي نه سگهيون.

ڪهاڻي لکڻ جون ڪئين ترڪيبون آهن. جن ۾ آڪاڻي جي طور تي ڪردار يا ته راوي بڻجي حقيقتون بيان ڪندو نظرايندو يا ڪردار آمهون سامهون هڪٻئي سان مخاطب ٿيندا هلندا. جنهن جو خاص مقصد ماحول ۾ موجود مسئلن کي وائکو ڪرڻ ۽ گهٽي حد تائين انهن کان آجپي جي وات ڏسڻ آ. ائين اڪثر ڪهاڻين ۾ مسئلا ته اپاريا ويندا آهن پر انهن جو حل نه ملندو ۽ توڙي ڪٽي ليڪڪ اهو حل پڙهندڙ تي ڇڏي ٿو پر ڪڏهن ڪڏهن ڪهاڻي اڻپوري محسوس ٿيندي آ.

سنڌي ڪهاڻي جي تاريخ وڏيڪ نه ته به هڪ صدي تائين ضرور پراڻي آ. ان ساري عرصي ۾ ڪئين قلمڪارن پنهنجي ذات جا گل وکيري سنڌي پڙهندڙن ۾ سرهاڻ پکيڙي آ پر رڳو ڪجهه نالا ئي هوندا جي امر بڻجي ويا. جو ته مسئلي جي نشاندهي ۽ ان جو حل ڏسڻ کان پوءِ ڪهاڻي جي ٻولي، منظر نگاري، تشبيهون ۽ عام ماڻهو تي تاثر ڇڏڻ ئي اهڙي حقيقتون آهن، جي ڪنهن به لکڻي جي مقبول ٿيڻ جو سبب بڻيون آهن. ائين اڪثر سڻيون ڪهاڻيون، مقصد رکندي به پڙهندڙ تي ڪو تاثر ڇڏي نه سگهنديون آهن ته ڪڏهن ڪڏهن ڪا ڇسي لکڻي به ماڻهو جو من ڇُهي وڃي. جو ته پڙهندڙ جو پنهنجو ڏاڻ ۽ لکندڙ جو پنهنجو انداز هوندو آهي. اهو لکندڙ تي ڇڏيل آ ته هو پڙهندڙ تائين پنهنجي ڳالهه ڪيئن ٿو پهچائي. اهو ضروري ناهي ته هر پڙهندڙ ليڪڪ جي راءِ سان متفق هجي پر اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي اٽل آ ته عام ماڻهو جي زندگي جي مسئلن مان سرجندڙ لکڻي هر پڙهندڙ کي پنهنجي ڪهاڻي لڳندي آ. جو ته پيار محبت، ريتون رسمون، نفرت ڏڪار ۽ احساس گهٽو ڪري هر ماڻهو جي من ۾ وسن ٿا ۽ اهڙن جذبن جي پيڙهه تي بينل لکڻيون هر ڪنهن جو پنهنجو داستان بڻجي ويندیون آهن. قومپرستي جي خيالن سان ٽمٽار لکڻي کي قومي هيرو

پنهنجي ڳالهه سمجهندو آ ته يونيورسٽي جي ماحول ۾ گس ويندي ڪنهن ملوڪ نينگري جي مرڪون پکيڙڻ واري عادت کي اتان جو هر عاشق پنهنجي لاءِ پيار جو پيغام پائيي. هاري هجي ناري مزدور سارو ڏينهن ڪاڻ ڪٽيندڙ پورهيت، انهن مڙني جي اڻي وينيي ۽ پگهر واري پورهئي سان لاڳاپيل ڳالهيون ڪين پنهنجي اندر جا اڏما لڳنديون. مان نه ٿو پانيان ته عشق محبت جي سرهاڻ ۾ رچيل عورت کي ڪنهن جو پيار پريو ڪو جملو پنهنجي دل جي ڏڙڪن محسوس نه ٿيو هجي. بهرحال اهو لکندڙ تي بڏل آ ته هو پنهنجي ڏرتي، مٽي ۽ ماڻهن بابت ڪيئن ٿو ڳالهائي ۽ انهن سان لڳاپيل مسئلن کي ڪيئن ٿو ظاهر ڪري. حالانڪ ليکڪ لاءِ ضروري آ ته هو الجهڻن کي سلجهائڻ جو ڏس به ڏئي. بک، بدحالي، بيروزگاري، سياست جي نالي غنڊا گردي يا پاڻ مڃائڻ لاءِ ڪئي ويندڙ دهشتگردي ۽ پنهنجن کي ورسائڻ لاءِ ذهين ذهنن کي مسئلن جي جار ۾ ڦاسائڻ واري پاليسي کان ويندي تباهه ڪيو ويندڙ تعليمي معيار، ڏاڙيل فيڪٽر، ڪارو ڪاري ۽ منشيات جهڙيون سنڌي معاشري جون پاڙون اکيڙيندڙ ڪيئن سماجي برايون اهڙا گندا مسئلا آهن، جن جي هتان جي اڪثر سگهارن هٿن پنيرائي ڪئي آ پر ڪوئلن جو ڪاروبار ڪندڙ اهڙين قوتن ڪڏهن به پنهنجا هٿ پير ڪارا ٿيڻ نه ڏنا آهن. حڪومت اڪثر ته هنن سان ناهه ڪيو آ. پر سجاڳ ذهن ۽ ضمير رکندڙ ليکڪن سدائين سندن وکا پڏرا ڪيا آهن. ائين مٽي جون مان رکڻ يا ڏرتي سان نينهن جي نباهه لاءِ وڃجي وڃڻ جو وچن سنڌي ليکڪ جو عمر پر جو اصول رهيو آ. ظفر جي لکتين مان لڳندو ته هو به انهن ئي ليکڪن جي قطار ۾ بينل آ جن سنڌي معاشري جي مسئلن کي وائکو ڪرڻ ۽ ظلم جي خلاف سينو ساهي بيهڻ کي پنهنجي زندگي جو مقصد پانيو آ. پنهنجي ڪهاڻين ۾ "ظفر" اڪثر اهڙا انساني مسئلا بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آ جن بابت ڪلي عام چپ ڪولڻ کي بي حيائي ڪان به برو فعل ڪونيو وڃي ٿو. هن جا جملا محسوس ڪرائين ٿا ته دل جو درد ۽ من ۾ واسيل احساس يا اندروني جذبات ڇا آهن. مثال طور:

- "عورت ڏانهن نه نهاربو ته سوچيندي، مون ۾ ڪو عيب آ".
- "پيٽ جو دوزخ جهڙو وزيرن، تهڙو فقيرن لاءِ".
- "سپ سپنا ساڀيا ٿي پون ته هي جڳ بهشت نه ٿي پوي".
- "بک ٻن قسمن جي، ڪاڏو ۽ سيڪس! سيڪس جي بک جو ڪارڻ... مناسب غذا، هڪ بک جو خاتمو ٻي بک جي شروعات".

- "قرباني ڏيڻ وقت الله اکبر چوڻ سان جانور خوشي سان سر اڏي تي رکي قرباني پيش ڪندو آ... پر مون هميشہ جانور کي ذبح ٿيڻ وقت آسمان ڏاريندڙ رڙيون ڪندي ڏٺو آ".

"پيءُ ماءُ جي محبت، هن جگ جي ڪئين ارب انسانن مان شايد ته ڪجهہ هزارن جي حصي ۾ نہ آئي هوندي، پر اهوئي اولاد جڏهن پنهنجي بيمار مائٽ جي مرڻ جي تمنا ڪري ته پڪ سان اهو مجبورين جي پنجوڙ ۾ قاتل بي وس ماکوڙي جيان ئي هوندو". پنهنجي هڪ ڪهاڻي "سي سيارا وهامي ويا" ۾ انسان جون انيڪ مجبوريون بيان ڪندي ليکڪ، ڪهاڻي جي مک ڪردار ڪلارڪ کان بت مان سسرائيون ڪيندڙ هڪ جملو چورائي ٿو ته:

".... خيال ايندو اٿم ته هاڻي بابا کي مري وڃڻ ڪپي" ته ڇا ان کان وڌيڪ بہ ڪا انساني بي حسي آهي.

ائين غيرت جي بي غيرت اصولن جي پاسدار، وڏي پگ وارن "پٽ جي پوندي" کان بي خبر ماٽهن لاءِ پنهنجي هڪ ڪهاڻي "واري تي وسڪار" ۾ شهوت جي بک کان چٽي. گهروارن جي ڪمرن جا ڪڙا ٻاهران بند ڪري پٽ ٽپي اچي يار سان ملندڙ نوجوان نينگري جي جذبن جي عڪاسي ڪندي هڪ ڪردار چئي ٿو:

"آمريڪا هجي ها ته Dating تي هجون ها".

"اڙي چريا... هيءَ سونهاري سنڌ آ، پڪڙيا ته ڪارا تي مارجي ويندا."

ساڳي ئي ڪهاڻي ۾ هڪ حقيقت بيان ڪندي هو لکي ٿو:

"نار ۾ ٻڌل ڏاند... دائري کان ٻاهر پير نہ پائيندا"... يا... "هوا، مٽي ڪاڳر" ڪهاڻي ۾ هڪ ڪردار جو چيل اهو جملو ته:

"مان حيران رهگو ان ڳالهہ تي آهيان ته سيڪس جو نالو ٻڌي اوپن سوسائٽي ۾ ماٽهن کي تپ چو ٿو چڙهي وڃي... حالانڪ اڪيلي ۽ تنها رات ۾ نوجوان جسم نظر ايندي ئي وڏا بت Hungry Dogs بڻجي ويندا آهن." ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آ ته مخصوص دائري ۾ بند تي جيون جيئندڙ اسان ماٽهن، اڪثر سماجي گهرجن کي بہ برائي پانيو آ. ايتري قدر جو اسان جي پڙهيل لکيل عورت بہ ڪلي طرح سيڪس تي نہ ٿي ڳالهائي سگهي. اسان جو اڪثر سرندي وارو چئن زالن هوندي بہ ست سريتون رکندو. هن جون اڪثر راتيون عياشي جي اڏن تي گذرنديون پر گهر ۾ ويٺل ڪنواري ڏيءَ يا پيٽ جي اهڙن احساسن بابت تر جيترو ڄاڻيندي بہ تپ چڙهي ويندس. سيڪس جي اهميت کان انڪاري هي

ماڻهو نه تا جاڻن ته "کابه عورت کيتري چاهت رکندي به کنهن کڏڙي سان شادي لاءِ راضي نه ٿيندي آ."

ائين سنڌي معاشري جي انيڪ مسئلن ۽ سنڌي قوم کي سامهون کڻين چئلينجن ۾ اسان جو اديب ئي آهي. جنهن هن ڏرتي جو ادب جيارڻ ۾ تر جيتري به کسر نه ڇڏي آ. ورهاگي کان اڳ واري سنڌ، هن ديس جي بمبئي کان آزادي ۽ بعد ۾ ان گهر پويان مذهبي بنيادن تي حاصل ڪيل ملڪ جو حصو ٻڌائڻ وارو هاڃو، ون يونٽ جو ڪارو دور، سنڌي ٻولي جا فساد، هڪ اک واري راکاس پاران آندل سادا يارهن سال آمريتي دور ۽ ان عرصي ۾ شروع ڪيل ايم آر ڊي جي تحريڪ يا ان کان پوءِ وارا اڻ ڳڻيا واقعا پنهنجي وقت جي تاريخ آهن. جن دوران سنڌي اديبن جو ادا ڪيل ڪردار يقينن ته ڪنهن گوريلا تحريڪ کان گهٽ نه هو. سنڌي ليکڪن جي اها کوشش اڄ به جاري آ. ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو هجي، پاڻي يا ناڻي جو ناهه، نوڪريون نه ملڻ، ڪارو ڪاري جي بي غيرت رسم، ڏاڙيل فيڪٽر، هيروئن، موتمار هٿيار، تعليم ۽ عام ماڻهن سان ڪيل ويساهه گهاتي، هي سڀ اهڙيون حقيقتون آهن، جن بابت سنڌي ليکڪ اڄ به پنهنجي قلم کي تير بڻائي هلائي رهيو آ. ظفر به پنهنجي اڪثر ڪهاڻين ۾ ان جو ذڪر ڪرڻ کان رهي نه سگهيو آ. "ساڳيا رستا - ساڳيا ماڻهو" ۾ عوام جي خدمت جي نالي ڦرلٽ ڪندڙ سياستدانن جا وکا پڌرا ڪندي هو چئي ٿو:

"ڪير ٿو چئي ته سياست عبادت ناهي... هر روزگار يا پورهيو عبادت لائق هوندو آ... جتان ڪائبو... ان کي ڳائبو". ائين رومال ۾ ويڙهيل ڪئين چهنڊڙيون... "اجهاڻل ڏسا" نالي ڪهاڻي ۾ پير پرستي جهڙي جِهلَ کي نندينديو هو چوي ٿو:

"نه محترمه... هيءَ سنڌ آ، سڄي جڳ ۾ نرالي.... هتي پهتل ۽ پاڳل ۾ فرق ناهي... قرآن - ماڻهو جيءَ ۾ جايون ڏيندا. ٽوٽا ڦيٽا ڪرائيندا ۽ پير ڪري پوڄيندا. اسان سنڌي درويشن جو قدر ڪري جاڻون" يا وري "ويراگ" ڪهاڻي جو هي جملو:

"سچل ۽ لطيف ته عقل کان ڪم ورتو... پڙ باسڙ وارا عقيدي کان ڪم ونندا آهن. باقي مرادون...! شايد درويش مرادون پوريون ڪري نه سگهندا آهن. درويش پٽو ڪم ڪندو آ". ائين ڳالهين ڳالهين ۾ هو قومپرستي جي ڳالهه به ڪري ٿو وڃي جيئن "اجهاڻل ڏسا" نالي ڪهاڻي ۾ لکي ٿو:

".... چا ته شاندار عورت آ... اهڙي عورت لاءِ ته... سنڌو جو پاڻي

آهي ئي اهڙو.... Genetics Analysis کمڙو به نتيجو ڏئي پر ڇڄ ته سندڙ سونهاري جي آهي نه".

مون کي خبر ناهي ته هي "ظفر" جو ڪائون نمبر ڪتاب آهي، پر لکندڙ جي ڪوشش ڪنهن به لحاظ کان گهٽ ناهي. توڙي ڪٽي اکثر ڪهاڻين ۾ انگريزي جملن جي گهٽائي ۽ پروف جون اڻ ڪٽ غلطيون، جو جملي جي معنيٰ به بدلجيو وڃي پر پوءِ به اهي مقصد ظاهر ڪندیون رهن ٿيون. ڪيترن ڪهاڻين ۾ اضافي يا اڻ ڏهکندڙ جملا، ڪنهن حد تائين ليکڪ جي ادبي اڇاڻائي کي ظاهر ڪن ٿا جيئن:

- "ڪهاڻي" جر ۾ سپون جيئن" ۾ "هر کو جڏو پنهنجي ڪرت ۾ لڳل آ..." ۾ "جڏو" لفظ اضافي آ.

- ڪهاڻي "يونءَ مان نڪتل ماڻهو" ۾... "ٽئيهر ٻوليندو مٽان اڏاڻو ويو" ۾ يا ته اڏاڻو کي اڏامندو لکڻ کپي هان يا "ويو" کي خارج ڪرڻو هو.

- ساڳي ڪهاڻي ۾ "پنهنجي منهن ڪيو پت کي گهوريندو رهيو" ۾ "ڪيو" لفظ اجائي آ.

ائين ڪجهه اڻ ڏهکندڙ جملا به ڪنهن ڪنهن جاءِ تي "نظر وڌائي" وارو ٽڪو ٻڌجي وڃن ٿا. مثال طور:

- ڪهاڻي "سترهن ڏينهن جي بهار" جو هڪ جملو ته "سندس چهري تي ٻه صاف شفاف ۽ خماريل اکيون..." اجايو لڳو ڇو ته "اکيون چهري تي ئي ته هونديون آهن".

- ساڳئي ڪهاڻي جي نه ته پچاڻي ڇرڪائيندڙ آ پر آخري جملو به اضافي آ ته "اها خبر اوهان کي ڪجهه ڏينهن ۾ پئجي ويندي".

سيءَ سيارا وهامي ويا "يا" نئون قيدي "ڪهاڻين ۾ پويون ٻه به لائينون بي مقصد ۽ اجائي واڌ لڳن ٿيون. اهڙي نموني ڪئين جاين تي منظر نگاري جون غلطيون به اڇاڻائي مان اچي ويون آهن. مثال طور:

"جر ۾ سپون جيئن" ڪهاڻي ۾ لکي تو... ماحول ۾ بينل دونهون، جڏهن ته اهو چانيل يا واسيل هجڻ کپي.

- ساڳي ڪهاڻي جي پهرين پٽرا ۾ دونهون بينل هجڻ پر ٻي پٽرا ۾ ڪپڙن جو هوا ۾ جهومڻ وارو جملو پهرين پٽراکي ازخود غلط ڪيو ڇڏي.

- ڪهاڻي "سروائيوڊ اينيمل آف سائيڪلون" ۾ ڪوهيڙي جو جميل هجڻ، يا ڪپهه جو جمع "ڪپاهيون" لکڻ به غلط آ.

- ساڳي ڪهاڻي جي آخر ۾ "باءِ باءِ گرل" واڌو جملو آ، جيڪو نه هجڻ ڪپي ها.

- ائين ڪٿين جملن جي رپيٽيشن به ڪن ڪهاڻين کي اڻ وٽندڙ بنايو ڇڏيو.

- ڪهاڻي "سترهن ڏينهن جي بهار" ۾ هيروئن جي "مس شمير اڪبر" ڪونيندي هڪ ڪردار چئي ٿو.

"اڪبر مڙس جو نالو آتس". ڪافي حد تائين اٽچاٽائپ ظاهر ڪري ٿو ڇو ته "مس" اڻ پرٽيل هوندي.

اهڙي نموني "منطق، بوجهو، آپي مان نه نڪر، هيءَ رات ايڏي پياري، هيءَ سگريٽ تنهنجي نالم، باهمي ربط جو پيش خيمو، ڏڙام" جهڙن ڏاڍن يا "چوتيا، پيٽيان، پيٽ چو..." جهڙن غير ادبي لفظن به ڪنهن ڪنهن جاءِ تي اصل مزو وڃايو آ پر "يونٽ مان نڪتل ماڻهو" پنهنجي جاءِ تي هڪ سٺي ڪوشش آ. "وات اوات" ۽ "سڪيا رستا ساڳيا ماڻهو" سميت ڪٿين ڪهاڻين جي پڄاڻي حيران ڪندڙ آ ۽ ليڪڪ ڇڻ ته موپاسان جو ٻيو روپ، ٻڌجي وڃي ٿو.

ڏنڏنجي پنهنجي راءِ موجب "ظفر" جي هن ڪاوش کي بنا حجاب جي سنڌي ادب ۾ سٺي واڌ چئي سگهجي ٿو".

●●●



ISBN: 978-969-9329-29-6
Price: Rs. 180-00

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.